ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 14 جون 2026ع 28 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيه شمارو (298)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Sunday 14th June 2026

عوام لاءِ رليف پيڪيج، 70 ارب رپين جي واڌو سبسڊي جو اعلان، زرعي مشينري تان ڪسٽم ڊيوٽي ختم

ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ سان پوري معيشت کي فائدو پهچي رهيو آهي، جي ڊي پي گروٿ 3.7 کان 4 سيڪڙو تائين پهچي رهي آهي، ايندڙ مالي سال جي بجيٽ گذريل ٻن سالن جي محنت ۽ جامع سڌارياتي قدمن جو نتيجو آهي

ايندڙ مالي سال جي بجيٽ گذريل 2 سالن جي محنت ۽ جامع سڌارياتي قدمن جو نتيجو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ معيشت کي پائيدار استحڪام جي رخ تي آڻڻ آهي

مالي گنجائش پيدا ٿيڻ کان پوءِ حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي واعدي کي عملي جامو پهرايو، رليف تي ٻڌل بجيٽ جي تياري لاءِ گذريل ٻن سالن دوران ڀرپور محنت ڪئي وئي

ماضي ۾ اربين رپين جا مالي ليڪيج ۽ بدعنواني هئي، موجوده حڪومت شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايف بي آر جو فيس ليس سسٽم متعارف ڪرايو آهي، جنهن ذريعي ٽرانسپيرنسي کي هٿي ڏني وئي آهي

حڪومت جي قدمن سان پاڪستاني شيون خطي ۾ وڌيڪ چٽاڀيٽي سان بڻجنديون، جنهن سان روزگار وڌڻ، متاثر ٿيل فارن ايڪسچينج ذخيرن ۾ واڌ ٿيندي، معيشت ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ طرف وڌندي

موجوده ترقياتي بجيٽ ۾ اسلام آباد جو جناح ميڊيڪل ڪامپليڪس، مظفرآباد جي دانش يونيورسٽي ۽ گلگت بلتستان، بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ تعليمي ادارن لاءِ خاص فنڊ ڏنا ويا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته | ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ سان پوري معيشت کي فائدو پهچي رهيو آهي، گذريل | حڪومت 0.2 سيڪڙو جي ڊي پي گروٿ ڇڏي وئي هئي، اسان جي حڪومت ۾ جي | ڊي پي گروٿ 3.7 کان 4 سيڪڙو تائين پهچي رهي آهي ايندڙ مالي سال جي | بجيٽ گذريل 2 سالن جي محنت ۽ جامع

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وارو وزير محمد اورنگزيب ۽ ٻيا گڏ پوسٽ بجيٽ ڪي خطاب ڪندي

مخالف ڌر سان ڳالهين لاءِ تيار آهيان، صوبن جا معاشي وسيلا انهن جو حق آهي، ان تي ڪو اختلاف ناهي: وزيراعظم

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اسان جي سيڪيورٽي فورسز پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري رهيون آهن، اسان کي پنهنجي سيڪيورٽي فورسز جي قربانين جو احترام ڪرڻو پوندو

مخالف ڌر جيڪي نقطا اٿاريا، سينيٽ کي غور سان ٻڌڻ هنن جيڪي نقطا اٿاريا انهن جو جواب مناسب وقت تي تفصيل سان ڏينداسين، پاڪستان آهي ته اسان سڀ آهيون، جيڪا ۾ قرباني ڏني وڃي اها گهٽ آهي

هي ايوان هڪ گهر وانگر آهي، اسان سڀني کي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ ۽ لاڳاپن ۾ ڪٽي ٿلهو آهي ته ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، عزت ۽ احترام کي هٿي وٺائڻي پوندي

2010ع جو اين ايف سي ايوارڊ پاڪستان جي تاريخ جو ڏهون ايوارڊ آهي، پنجاب پنهنجي حصي مان سڀ کان وڌيڪ بلوچستان کي ڏنو، پنجاب 11 ارب روپيا بلوچستان کي پنهنجي حصي مان ساليانو ڏنا

معاشي ۽ معاشرتي انصاف کان سواءِ گهر نٿو هلي سگهي، 2 سال اڳ بلوچستان جي آبادگارن کي 70 ارب روپين جي لاڳت سان پينلز ڏنا، ان ۾ 50 ارب روپيا وفاق ڏنا جيڪو ڀائيچاري جو مثال آهي

خيبر پختونخوا ۾ ڏينهن رات دهشتگردي ٿي رهي آهي ۽ پاڪ فوج ڏينهن رات انهن جو مقابلو ڪري رهي آهي آفيسر ۽ جوان شهيد ٿي رهيا آهن اسان کي گڏجي انهن جي قربانين کي عزت ڏيڻي پوندي: قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف هڪ ڀيرو ٻيهر ان عزم کي ورجايو ته آئين، قانون ۽ جمهوريت کي هٿي وٺائڻ لاءِ مخالف ڌر سان ڳالهين لاءِ تيار آهيان، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اسان جي سيڪيورٽي فورسز پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري رهيون آهن اسان کي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي

ڀارتي هوائي فوج جو هڪ ٻيو جهاز ڪري تباهه ٿي ويو، 5 آفيسر مارجي ويا

نئين دهلي (م ر) هندستاني هوائي فوج جو هڪ ٽرانسپورٽ جهاز اتر اوڀر رياست آسام ۾ ڪري تباهه ٿي ويو جنهن ۾ سوار سڀئي پنج هوائي جهاز مارجي ويا، هندستاني هوائي فوج جو انتونوف اين-32

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهئي ڀارتي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل سيڪريٽريٽ جو نئون فوجي مشير مقرر

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت ۾ ليفٽيننٽ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون منشيات اسمگلنگ خلاف ڪارروائيون، 6 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي کي ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ حتمي شڪل ڏيڻ جو امڪان

ٻئي ملڪ معاهدي جي ويجهو پهچي ويا، پاڪستان جون امن معاهدي تي اليڪٽرانڪ صحيحين لاءِ تياريون

هي تاريخي امن معاهدو پائيدار ۽ جٽادار امن جي قيام لاءِ مضبوط بنياد ثابت ٿيندو: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي کي ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ حتمي شڪل ڏيڻ جا امڪان آهن هي تاريخي امن معاهدو پائيدار ۽ جٽادار امن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايندڙ مالي سال ۾ روانگي واپار کي هٿي ڏئي ٽيڪس نظام ۾ بهتري تي خاص ڌيان ڏنو ويو: سينيٽر محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته ايندڙ مالي سال 27-2026ع جي بجيٽ ۾ روانگي واپار کي هٿي ڏئي ۽ ٽيڪس

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج پاران ٻارن جي جنسي استحصال جو انڪشاف

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي حراست مان نابالغ ڇوڪري کي ڪاميابي سان بچايو

متاثر ٽينيجر جي سڃاڻپ اڪرام الله جي نالي سان ٿي، ٻين ڇڪن ٻارن کي به قيد ۾ رکيو ويو

پشاور (م ر) اتر وزيرستان جي پلاڱڙي علائقي مان پابندي مڙهيل تنظيم فتنه الخوارج پاران معصوم ٻارن جي منظم جنسي استحصال بابت حيران ڪندڙ انڪشاف سامهون آيا آهن جي خوفناڪ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اظهار جي آزادي تي پابندي قبول نه ڪبي حڪومت پيڪا ايڪٽ واپس وٺي: صحافي اڳواڻ

اشتهارن کي صحافين جي پگهارن سان مشروط ڪيو وڃي، ميڊيا هائوسز برطرفيون بند ڪن

ڪراچي يونين آف جرنلسٽس اجلاس ۾ صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ صحافي تنظيمن واضح ڪيو آهي ته اظهار جي آزادي تي ڪا به پابندي قبول نه ڪئي ويندي، حڪومت کي پيڪا ايڪٽ واپس وٺڻ گهرجي ميڊيا تي پابنديون ختم

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ماحول دوست سرگرمين لاءِ اهم منصوبن تي عمل ڪيو پيو وڃي: مرتضيٰ وهاب

ڪياماڙي واري علائقي ۾ بايو ڊائورسٽي پارڪ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

منصوبي ذريعي اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مينگروز جي اهميت بابت آگاهي ڏني ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهيد بينظير ڀٽو پارڪ ۾ مينگروز ۽ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪندي چيو ته شهر ۾ ماحول دوست سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪيترن ئي اهم منصوبن تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير قانوني سامونڊي سرگرمين ۽ اسمگلنگ ۾ ملوث پنج ڄڻا گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي سي پورٽ ٽيم ڪارروائي ڪندي غير قانوني سامونڊي سرگرمين ۽ اسمگلنگ ۾ ملوث پنج ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ لڳ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ جان محمد ڪلوئي ۾ شادي شده عورت رقعيه زال گلبهار گهرو مسئلن سبب زهريلي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2



گلگت: چيف اليڪشن ڪمشنر راجا شهباز خان چونڊ معاملن بابت اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي

پلوامه: ڀارتي انتظاميه هڪ ڪشميري جي ملڪيت ضبط ڪري ورتي

سرينگر (اي پي پي) غيرقانوني طور تي ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ نئين دهلي جي مڙهيل ليفٽيننٽ گورنر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وفاقي بجيٽ عوام دشمن، سنڌ مخالف ۽ زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي: سردار عبدالرحيم

بجيٽ ۾ غريبن، مزدورن، هارين، پينشن يافته ماڻهن ۽ وچولي طبقي کي ڪو به رليف ناهي ڏنو ويو

سنڌ سميت سڀني صوبن لاءِ اين ايف سي ايوارڊ تحت وسيلن جي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم وفاقي بجيٽ 27-2026 کي عوام دشمن سنڌ مخالف ۽ زميني حقيقتن جي ابتڙ قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اندروني عنصر رياست جو امن خراب ڪرڻ ۾ ملوث آهن: راجا آفتاب

اهي سيڪيورٽي فورسز سرڪاري ملڪيتن ۽ عام شهرين کي نقصان پهچائين ٿا

انهن کي قانون جي اڳيان فوري طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهرجن، قانون مدد ڏني ويندي

مظفرآباد (م ر) آزاد جمون ڪشمير جي صدر راجا آفتاب احمد چيو آهي ته اندروني عنصر رياست جو امن خراب ڪرڻ ۾ ملوث آهن جيڪي سيڪيورٽي فورسز سرڪاري ملڪيتن، عام شهرين جي زندگين کي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رانديگرن واري کاتي طرفان "سنڌ پيڊل اوپن چيمپئن شپ 2026" جو افتتاح

تقريب ۾ سنڌ صوبائي سيڪريٽري منور مهيسر ۽ پارلياماني سيڪريٽري صائمه آغا شرڪت ڪئي

ٽورنامينٽ 14 جون تائين جاري رهندو، فائنل مقابلو اڄ تي ٿيندو، انعامي رقم 10 لک رپيا مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اهتمام هيٺ "سنڌ پيڊل اوپن چيمپئن شپ 2026" جو افتتاح ڊي ايڇ اي ڪراچي جي ليجنڊز ايرينا ۾ ڪيو ويو افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي رانديگرن واري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت جي بجيٽ عوام دشمن ۽ انگن اکرن جي هير ڦير آهي: ڪاشف سعيد

آءِ ايم ايف جي شرطن تحت تيار ڪيل بجيٽ ۾ عام ماڻهو لاءِ ڪو به حقيقي رليف ناهي

عوام کي سهارو ڏيڻ بدران حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر اشرافيه جي مفادن جو تحفظ ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ وفاقي حڪومت پاران مالي سال 2026-27ع لاءِ پيش ڪيل بجيٽ کي عوام دشمن، غير حقيقي ۽ انگن اکرن جي هير ڦير قرار ڏيندي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: FAPUASA جو وفد يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ مئل جانورن جو تيل ۽ چربي ٺاهيندڙ يونٽ تي ڇاپو، جوابدار گرفتار

سکن پوليس ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفيسرن ڊپٽي ڊائريڪٽر ٽيم سان گڏجي ڇاپو هنيو

وڏي مقدار ۾ چربي ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري گرفتار جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سکن پوليس ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفيسرن ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد وسيم شاهه، فوڊ سيفٽي آفيسر فرهاد اشرف ۽ ٻين گڏيل ڪارروائي ڪندي مئل جانورن مان تيل ۽ چربي ٺاهيندڙ هڪ خفيه يونٽ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گودام تي ڇاپو هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جون سپاريون ۽ گٽڪو هٿ

سائيٽ اي پوليس ڪارروائي ڪندي انڊسٽريل ايريا ۾ واقع هڪ گودام تي ڇاپو هنيو

اسمگل ٿيل سپارين جون 57 ٻوريون ۽ هندستاني گٽڪي جون 219 ٻوريون هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سائيٽ اي پوليس انڊسٽريل ايريا ۾ واقع هڪ گودام تي ڇاپو هنيو ۽ هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جو اسمگل ٿيل ڇاليا ۽ مصر صحت هندستاني گٽڪو هٿ ڪيو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مني پاڪس جو هڪ وڌيڪ ڪيس ظاهر، مريض اسپتال منتقل

گلستان جوهر جي 40 ورهين جي هڪ شخص ۾ ايم پاڪس جي تصديق ٿي آهي

مريض نيپا اسپتال جي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل، مجموعي طور 9 ڪيس سامهون اچي چڪا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر ۾ مني پاڪس جو هڪ وڌيڪ ڪيس سامهون اچي ويو آهي اسپتال انتظاميه موجب گلستان جوهر جي 40 ورهين جي هڪ شخص ۾ ايم پاڪس جي تصديق ٿي آهي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي پرسان معصوم نينگري جي زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ناڪام

سماجي اڳواڻ نوين منگيءَ جي نشاندهي تي پوليس ۽ چائلڊ پروٽيڪشن سيل ڪارروائي ڪئي

ڳوٺ خيرو ديرو ۾ 13 ورهين جي نينگري سميعه جي والدين کان لکت ۾ ضمانت ورتي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان 13 ورهين جي نينگري جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش سماجي اڳواڻ نوين منگيءَ جي نشاندهي تي پوليس ۽ چائلڊ پروٽيڪشن سيل ڪارروائي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ حادثن سبب ٽي ڄڻا فوت

لياري چاڪيواڙه علائقي ۾ ميران ناڪا پل تي حادثي ۾ نوجوان شهزان فوت ٿي ويو

اسٽيل مل چورنگي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ موٽر سائيڪل سوار 30 سالن جو احمد فوت ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري جي چاڪيواڙه علائقي ۾ ميران ناڪا پل تي ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي ايڌي رضاڪارن قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال پهچايو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڦرجي وارادات دوران شهري جي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

گلشن اقبال ۾ موٽرسائيڪل سوار ڦورن شهري شاهد حسين کان ڦر بعد فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

متاثر شهري جي فائرنگ ۾ اشرف نالي ڦورو مارجي ويو، سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن اقبال علائقي ۾ ڦرجي وارادات دوران هڪ شهري جي فائرنگ سبب هڪ ڦورو مارجي ويو لاش کي المصطفيٰ اسپتال جي پليان ٿاڻي جي ايس ايڇ او انصر ٻٽ موجب گلشن اقبال بلاڪ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2



لاهور: لاهور ۾ عوامي جمهوريه چين جو قونصل جنرل ۽ ٻيا ڪيڪ ڪاٽيندي

سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، ميران شاهه ۽ ڀرپاسي ۾ 21 دهشتگرد مارجي ويا

ميران شاهه ۽ ڀرپاسي ۾ خوارجين جي ڪيترن ئي پناهه گاهن تي ڳجهي اطلاعن جي بنياد تي ڪارروائيون

دهشتگردي جي خاتمي واري اٽڪ مهم ۾ خوارجين کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن ڪارروائيون پوري رفتار سان جاري رهنديون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز پاران خيبر پختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه ۽ ڀرپاسي ۾ خوارجين جي ڪيترن ئي پناهه گاهن تي ڳجهي اطلاعن جي بنياد تي ڪارروائيون

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

محمود خان اڇڪزئي جو حڪومت ۽ اپوزيشن کي گڏجي هلڻ جو مشورو

هڪ معاهدو ڪيو وڃي ته جيسين سياسي جماعتون هڪٻئي جون ٽنگون نه ڇڪين

پي ٽي آءِ باني تي اهڙي سختي نه ڪريو، هڪٻئي کي جيلن ۾ وجهڻ سان ڪجهه نه ٿيندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ تي بحث دوران محمود خان اڇڪزئي حڪومت کي سياسي چڪتاءُ گهٽائڻ ۽ گڏجي هلڻ جي تجويز ڏني آهي قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ تي ڳالهائيندي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ جڳهه جي تعمير دوران ڇت ڪري پئي، پنج پورهيت ڌڪجي زخمي، اسپتال منتقل

خيرپور (د ر) خيرپور جي اوستگاهي محلي ۾ جاويد شر جي جڳهه تي ڪم دوران ڇت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير جي صدارت ۾ اجلاس، نجڪاري عمل کي وڌيڪ اڳيان وڌائڻ لاءِ ضروري فيصلا

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ڪابينا جي نجڪاري ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

فيڊرل بورڊ آف روينيو، لاڳاپيل معاملن ۽ خريدار طرفان ٽرانزيڪشن فريم ورڪ تحت پيش ڪيل درخواست تي غور

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ڪابينا جي نجڪاري ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو ڪميٽي پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائينز ڪارپوريشن لميٽيڊ جي شيئرز

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٺٽون ڳوٺ ويجهو پڪ ۾ مال پوڙ ڪري هڪ کي ڪهاڙين هڻي زخمي، اسپتال منتقل

ٺٽون ڳوٺ (ن ع) ٺٽون ڳوٺ ويجهو شاهنجو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ اگهاماڻي ۾ پوڪ ۾ مال پوڙ ڪري هڪ ڄڻي کي ڪهاڙين جا وار جنسار ولد ڪوڙل لاکير کي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي جي وارثن پاران شاهينهنجو ٿاڻي تان ليٽر وٺي تعلقه اسپتال نيو ويو ڊاڪٽرن پاران زخمي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2



لاهور: پينلسٽ ڊاڪٽر طاهر بشير ۽ ٻيا هڪ تقريب ۾ سوالن جا جواب ڏيندي

ڪراچي ۾ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي کي ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ ڌماڪيدار مادو فراهم ڪندڙ سهولتڪار گرفتار

ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ ۽ وفاقي انٽيليجنس ايجنسي ڊرون سپلاءِ نيٽ ورڪ جي اهم ميمبر طاهر کي سرگهڙ ڪيو

گرفتار جوابدار افغانستان ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان جي سرگرم ميمبر طلال عرف زيد بلوچ جو ڀاءُ آهي

جوابدار جي قبضي مان 2 ڪلو ڌماڪيدار مادو ڊرون، موٽر، موٽر، فريم ۽ ريموٽ ڪنٽرول هٿ ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي کي ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ ڌماڪيدار مادو فراهم ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي تفصيل موجب ڪراچي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ ۽ وفاقي انٽيليجنس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پريم نگر ٿيم بيسڊ ميوزيڪل ڪنسرٽ جو ٻيو مرحلو اڄ حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويندو: رميش وانڪواڻي

ڪراچي ۾ استاد راحت فتح علي خان جي پيشڪش سان ڪنسرٽ انساني مشن کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

پريم نگر ڪنسرٽ سيريز پيار، انسانيت، خدمت ۽ اميد جو سفر آهي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين پريم نگر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي جي سرپرستي ۾ ڪراچي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ميهڙ ۾ ڳوٺاڻي جو ملڪيت مان حصو نه ڏيڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميهڙ(ن ع) ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ غلام نبي ڪوسو جي رهواسي پسند علي ڪوسو ٻيءَ پاران ملڪيت مان حصو نه ڏيڻ خلاف ميهڙ ۾ احتجاج ڪندي ۽ آزاد پريس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار پوليس جي وڏي ڪارروائي، 20 موٽرسائيڪلون هٿ، 2 ڄڻا گرفتار

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ڊي ايس پي سٽي اعجاز پيهڻ، ايس ايڇ او اي سيڪشن طفيل جلالاڻي، ايس ايڇ او چمبڙ وحيد ڀنور گڏيل ميڊيا بريفنگ ڏيندي چيو ته ٽنڊوالهيار جي شهر سميت مختلف هنڌن تان موٽرسائيڪل چوري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيندڙ ٻه ڦورو پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا

اورنگي ٽائون ڦورو وارادات ڪري فرار ٿي رهيا هئا، گشت تي موجود پوليس پارٽي موقعي تي پهتي

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻئي ڦورو زخمي ٿي پيا، جن اسپتال نيو پئي ويو ته هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويا

مارجي ويل ڦورن جي سڃاڻپ ساجد ۽ وهاب طور ڪئي وئي، هٿيار، روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ هٿيارن جي زور تي نوجوان کان نئين موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيندڙ ٻن ڦورن سان مومن آباد پوليس جو مقابلو ٿي ويو جنهن دوران فائرنگ جي ڏي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف جي شرطن تي تيار ڪيل بجيٽ غريب عوام لاءِ مايوس ڪندڙ آهي: جي يو آءِ

وفاقي بجيٽ ۾ عوامي ضرورتن بدران حڪومتي خواهشن کي ترجيح ڏني وئي آهي: راشد محمود سومرو

عوام جي بنيادي ضرورتن، روزگار، تعليم، صحت ۽ مهانگائي جي خاتمي کي ترجيح ڏني وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) سنڌ جي اڳواڻن وفاقي بجيٽ 2026-27 کي سخت تنقيد جو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو آدم ۾ واسي واپاري جو زرعي دوائن جي ڪمپني مالڪ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊو آدم جي رهواسي ۽ زرعي دوائن ۽ ٻاڄ جو ڪاروبار ڪندڙ اعجاز علي ٻرڙو ٽنڊو آدم پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

بلديا فيڪٽري سانحي ڪيس جي اصل ذميوارن کي سزا ڏني وڃي: پورهيت اڳواڻ

ڪراچي سميت ملڪ جي سڀني صنعتي ڪارخانن جو جامع، آزاد ۽ شفاف حفاظتي معائنو ڪيو وڃي

عدالت ۾ التوا ۾ پيل گروپ انشورنس ڪيس جو جلد کان جلد فيصلو ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري ناصر منصور، سعيد بلوچ، علي انٽرپرائزز فيڪٽري فائر ايفيڪٽيز ايسوسيئيشن جي چيئرپرسن حسنه خاتون بلديا ايسوسيئيشن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

مورو ۾ عورت جو ڏير جي ظلم ۽ زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ ٽنڊو لاشاري جي رهواسڻ مسمات نجمه زال معشوق لاشاري پنهنجي معصوم پٽ علي جان لاشاري سان گڏجي ڏير جي ظلم زيادتين

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2



لاهور: - طاهر اشرفي ۽ ٻيا محرم دوران هم آهنگي برقرار رکڻ بابت سيمينار کي خطاب ڪندي

سکر پوليس پاران 4 جوابدارن کي موبائل فون ٽيمپرنگ ۽ اسمگلنگ ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس هڪ اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي بين الصوبائي سطح تي سرگرم موبائل فون ٽيمپرنگ ۽ اسمگلنگ ڪندڙ گينگ کي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڏگهڙي ۾ شادي تقريب دوران هوائي فائرنگ، پاڪستان آرمي جو جوان فوت

جهڏو کان آيل بارات دوران نجي شادي هال ۾ فائرنگ سبب گولي لڳڻ سبب بلال راجپوت زخمي ٿيو

زخمي فوجي جوان کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر رستي ۾ ئي دم زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

واقعي بعد پوليس ٽن نوجوانن کي حراست ورتو، بلال راجپوت جي وارثن ٻن ڄڻن کي ذاتي ضمانت تي آزاد ڪرائي ڇڏيو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ اسٽيشن پرسان قائم هڪ نجي شادي هال ۾ گذريل رات جهڏو کان آيل بارات ۾ شريڪ نوجوانن پاران خوشين دوران ٿيل هوائي فائرنگ ۽ آتشبازي هڪ المناڪ حادثي ۾ تبديل ٿي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ ايم سي چيئرمين جو محرم الحرام جي انتظامن بابت اجلاس

اجلاس ۾ چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي، لاڳاپيل ادارن ۽ مذهبي اڳواڻن جي شرڪت

جلوسن جي رستن تي صفائي، لائيٽنگ ۽ جنريٽرن جي فراهمي سميت مڪمل انتظامن جو جائزو

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي طرفان محرم الحرام جي انتظامن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

دادو ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگرد ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

دادو (د ر) دادو جي ورڪشاپ محلا جي رهواسي مهراڻ يونيورسٽي جي شاگرد نوجوان موبائيل فون تي درديلا گانا هلائي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2



دادو: گهرو پريشانين سبب خودڪشي ڪندڙ نوجوان

ٽنڊوالهيار پرسان نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، زيادتي بعد قتل جو الزام، ڪيس داخل

مال پڙي ويجهو بائي پاس روڊ تان 25 ورهين جي سني ڪبوتري لاش هٿ آيو

اسان جي نوجوان کي مبينا زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪري لاش اڇلايو ويو آهي: وارث

پوليس مزده گاڏي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڊرائيور فرار، نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ويجهو نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، وارثن پاران مبينا زيادتي بعد قتل ڪرڻ جو الزام، اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي مال پڙي ويجهو بائي پاس

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي پرسان مختلف ڳوٺن جا رهواسي سيپڪو انتظاميا خلاف روڊن تي نڪري آيا، مظاهرو ڌرڻو

درگاهه يوسف شاهه بالاچ خان مري، رتوڪوٽ، ٿارو ديرو، ملو ديرو، روحل خان بگٽي، ڳوٺ ملڪاڻي جي رهواسين احتجاج ڪيو

ڪجهه ڏينهن اڳ آيل تيز طوفان سبب ڳوٺن سميت شهرن اندر بجلي جو نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي

ٿهرجهڙي گرمي ۾ اسان تڙپندا رهون ٿا، محرم الحرام جي ڏهاڙين ۾ به سخت ڏکيائيون پيش اينديون: رهواسي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان مختلف ڳوٺن درگاهه يوسف شاهه جيلاڻي ڳوٺ بالاچ خان مري، رتوڪوٽ، ٿارو ديرو، ملو ديرو، ڳوٺ روحل خان بگٽي، ملڪاڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين طرفان

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شادي تقريب دوران فائرنگ ۾ ميٽرڪ جي شاگرد سميت ٻه نوجوان حياتي وڃائي ويٺا

اورنگي ٽائون سيڪٽر بي جوهر چوڪ پرسان شادي جي تقريب دوران خوشي ۾ هوائي فائرنگ ڪئي وئي

گولين لڳڻ سبب 17 ورهين جو سيف الله ولد شمشاد موقعي تي فوت ۽ 15 ورهين جو انس زخمي ٿي پيو

زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿيو، ٻه جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هٿيارن جي نمائش ۽ هوائي فائرنگ جا وڌندڙ واقعا هڪ ڀيرو ٻيهر قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2



ڪنڌڪوٽ: تنداڻي ۽ جعفري برادري ٽڪرار سبب مارجي ويل نوجوان جو لاش ۽ زخمي

سنڌ جي آبادگارن جيان پنجاب وارا به پاڻي اڳواٽ وهائين ٿا: علي حسن زرداري

پاڻي کوٽ قدرتي آهي پر وڌيڪ برساتون پوڻ سان پاڻي کوٽ مڪمل طور ختم ٿي ويندي

پاڻي کوٽ معاملي تي صدر کي به ٻڌايل آهي، هن رابطو ڪري پاڻي کوٽ صورتحال بابت جاچ ورتي آهي

ٺٽو (د ر) سنڌ ۾ پاڻي کوٽ معاملي تي صدر آصف زرداري کي به ٻڌايل آهي هن اڄ به رابطو ڪري پاڻي کوٽ واري صورتحال بابت جاچ ورتي آهي پاڻي جي کوٽ هفتي ٻن ۾ ختم ٿي ويندي، صوبائي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

غلام الله: رڪا ۽ پاتڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، ٻيو زخمي

بخاري اسٽاپ پرسان زميني تڪرار تان جهيڙي ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال

جهيڙي ۾ 25 سالن جو عابد حسين رڪو مارجي ويو، رشيد پاتڻي سخت زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال پهچايو، ڪيس داخل

غلام الله (ن ع) ڪيٽي بندر ٿاڻي جي حد بخاري اسٽاپ پرسان رڪا برادري ۽ پاتڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺين ۽ ڪهاڙين جا وار لڳڻ سبب 25 ورهين جو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

بلڙي شاهه ڪريم ۾ بيمار يتيم نياڻي کي گهر مان ڪڍڻ جو انڪشاف

مرحوم جمعدن ڪيهر جي ڌيءَ ڪلثوم ڪيهر کي مبينا طور بيماريءَ سبب گهر مان بيدخل ڪيو ويو

سوشل ميڊيا تي خبر وائرل ٿيڻ بعد ذوالفقار فائونڊيشن جي رضيه سهتو پنهنجي سرپرستي ۾ وٺي ڇڏيو

بلڙي شاهه ڪريم(ت ر) بلڙي شاهه ڪريم مان هڪ دردناڪ ۽ دل کي ڇهندڙ خبر سامهون آئي آهي جنهن ۾ پنهنجن ئي مبينا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٺٽو-ڪراچي روڊ تي خوفناڪ حادثو، ڊمپر ۽ 22 ويلر ٽرالر ۾ ٽڪر، ڊرائيور فوت

ٺٽو (د ر) ٺٽو کان ڪراچي ويندڙ ڊمپر جو ڌاٻڙ برسٽ ٿيل بيٺل 22 ويلر ٽرالر سان ٽڪرائجي ويو جنهن سبب ڊرائيور

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه، ناري سڙي فوت، گهر ۾ ڪهرام

شڪارپور حويلي ۾ رات دير سان بجلي جي خرابي سبب اي سي کي اوچتو باهه لڳي

22 ورهين جي سمرن زال وشال ڪمار ڪمري اندر سڙي سخت زخمي ٿي، اسپتال پهچڻ تي فوت

واپڊا جي نااهلي سبب بار بار اهڙا واقعا پيش اچي رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي: وارث

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد شڪارپور حويلي ۾ رات دير سان بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان اوچتو ايئرڪنڊيشن کي باهه لڳي جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي سموري ڪمري کي وڪوڙي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 "روزاني عبرت"

سڌارجاتي قدمن جو نتيجو آهي جنهن جو بنيادي مقصد عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ معيشت کي پائيدار استحڪام جي راهه تي آڻڻ آهي. حڪومت شفافيت ۽ ايف بي آر سڌارن ذريعي مالي گنجائش پيدا ڪئي مختلف طبقن کي رليف فراهم ڪيو. هي بجيٽ مزدور هاري، پگهاردار طبقي ايڪسپورٽرز ۽ وچولي طبقي سميت معاشري جي سموري طبقي جي بجيٽ آهي. ناڻي واري وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ۽ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني سان گڏ پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس دوران ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته مالي گنجائش پيدا ٿيڻ کان پوءِ حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي واعدي کي عملي جامو پهرايو جڏهن ته رليف تي ٻڌل بجيٽ جي تياري لاءِ گذريل ٻن سالن دوران ڀرپور محنت ڪئي وئي هن چيو ته وزيراعظم جو هر ڀيري اهو واعدو رهيو آهي ته جيئن ئي معاشي گنجائش پيدا ٿيندي عوام کي هر ممڪن رليف فراهم ڪيو ويندو ۽ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿو وفاقي وزير چيو ته حڪومت جي سڌارا جاتي ڪوشش ۾ سرفهرست ايف بي آر جا سڌارا آهن ۽ ملڪي تاريخ ۾ ان قسم جي وسيع ۽ موثر سڌارن جو مثال نٿو ملي هن چيو ته هن وقت ايف بي آر جو پورو ڍانچو سفارش ۽ سياسي مداخلت کان پاڪ بڻجي چڪو آهي هن چيو ته جيڪڏهن اڄ هو ڪنهن آفيسر جي سفارش ڪري ته ان کي ڪسٽمز جي ڪنهن مخصوص پوسٽ تي مقرر ڪيو وڃي ته شام تائين آفيسر جي معطلي جو حڪم منهنجي ٽيبل تي هوندو وفاقي وزير چيو ته سياسي ڪلچر ۾ نمايان تبديلي آئي آهي هاڻي ماڻهو سفارش ۽ اپروچ لاءِ رابطو نٿا ڪن ۽ هي ڪلچرل چينج ان وقت ممڪن ٿي جڏهن ان جي شروعات اعليٰ سطح کان ٿي ۽ وزيراعظم پاڻ ان عمل جي قيادت ڪئي وفاقي وزير چيو ته ماضي ۾ اربين روپين جا مالي ليڪيج ۽ بدعنواني هئي جڏهن ته موجوده حڪومت شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايف بي آر جو فيس ليس سسٽم متعارف ڪرايو آهي جنهن ذريعي ٽرانسپيرنسي کي هٿي ڏني وئي آهي هن چيو ته هن نظام کي هاڻي ضلعي ۽ تعلقي سطح تائين وڌايو ويندو ۽ انفورسمينٽ جي شعبي ۾ خاص ڪري صنعتي سطح تي مالي ليڪيج تمام وڏيڪ هئي جنهن جي ازالي لاءِ شگر انڊسٽري کان شروعات ڪئي وئي شگر انڊسٽري لاپاٿو شعبو آهي ان لاءِ ان جو مناسب ٽيڪس بار هڪ پگهاردار طبقي جي فرد تي منتقل ٿي رهيو هو جڏهن ته ٽيڪس وصولين ۾ ان صنعت جو حصو نسبتاً گهٽ رهيو آهي عطاالله تارڙ چيو ته مجموعي طور رليف تي ٻڌل بيانئي جي پليان ڀرپور محنت ۽ ڊگهي مدي جي حڪمت عملي موجود هئي هن چيو ته حڪومت مختلف شعبن ۾ سڌارن ذريعي معاشي گنجائش پيدا ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ عوام دوست قدم ممڪن ٿيا هن چيو ته ماضي ۾ ٽيڪس ڪيسن جي نظام ۾ سنگين خاميون موجود هيون جتي سفارش جي بنيادن تي وڪيلن جي ڀرتي ڪئي ويندي هئي ڪجهه وقت ڌرين جا وڪيل پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري ڪيس کي ڇهن کان ستن سالن تائين ڊيگهه ڏيندا هئا جنهن سبب ايف بي آر جي واجب ادا ٽيڪس منجمند رهندي هئي يا لاڳاپيل ڌرين وٽ ئي پيل رهندي هئي ۽ قومي ناڻي کي وقت سر محصول نه ملندا هئا عطاالله تارڙ چيو ته مرحليوار ۽ مسلسل ڪوشش ذريعي موثر نظام آءِ ٽي تي ٻڌل سڌارا ۽ شفافيت کي هٿي ڏئي مالي گنجائش پيدا ڪئي وئي هن چيو ته وزيراعظم مختلف طبقن سان جنهن رليف جو واعدو ڪيو هو موجوده بجيٽ ۾ ان کي عملي شڪل ڏني وئي پگهاردار طبقي سان گڏوگڏ ايڪسپورٽرز لاءِ به نمايان سهولتون فراهم ڪيون ويون هن چيو ته جڏهن پرڏيهه ۾ ميڊ ان پاڪستان جو ٽيگ نظر اچي ٿو ته اهو فخر جو سبب هوندو آهي حڪومت جي قدمن سان پاڪستاني شيون خطي ۾ وڌيڪ چٽاڀيٽي سان ٻڌجنديون جنهن سان روانگي واپار متاسنا جو ناڻي فارن ايڪسچينج ذخيرن ۾ واڌ ٿيندي جڏهن ته معيشت ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ طرف وڌندي. وفاقي وزير چيو ته مڊل ڪلاس خاص ڪري لوئر مڊل ڪلاس لاءِ پنهنجو گهر پروگرام تحت وڏي گنجائش پيدا ڪئي وئي آهي هن چيو ته هائوسنگ سيڪٽر صرف تعميرات تائين محدود ناهي پر ان سان ڪيترين ئي صنعتون واڳيل آهن جن ۾ سيمينٽ، سريو ۽ ٻيو تعميراتي سامان شامل آهي جڏهن ته تقريبن 12 صنعتون هن شعبي سان ڳنڍيل آهن هن چيو ته حڪومت هائوسنگ سيڪٽر لاءِ 90 ارب روپين جي قرضن جي سهولت رکي آهي جنهن جي باقاعده گنجائش بجيٽ ۾ رکي وئي آهي ان سان گڏوگڏ مڊل ڪلاس کي ملڪيت جي وڪري ۽ خريد ڪرڻ ۾ مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي پراپرٽي ٽيڪس ۾ رليف جي گنجائش فراهم ڪئي وئي آهي وفاقي وزير چيو ته هي بجيٽ هر طبقي لاءِ آهي جنهن ۾ مزدور هارين، پگهاردار طبقي سميت معاشري جي سمورن طبقن کي رليف فراهم ڪيو ويو آهي هن چيو ته عورتن لاءِ هڪ اهم قدم پنڪ ٽيڪس تحت سينيٽري ۽ هاءِ جين پروڊڪٽس تي لاڳو 18 سيڪڙو ٽيڪس کي ختم ڪيو ويو آهي جيڪو هڪ وڏو قدم آهي هن چيو ته ماضيءَ ۾ ملڪ جي ڏيوالي ٿيڻ جي حوالي سان ڳالهيون ۽ شرط لڳي رهيا هئا جڏهن ته هي سفر آسان نه هو هن قوم جي صبر کي ساراهيندي چيو ته وزيراعظم به پنهنجي بيان ۾ ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي وفاقي وزير چيو ته حڪومت تنقيد کي وڏي دل سان برداشت ڪيو ۽ معاشي ٽيم وزيراعظم جي اڳواڻي ۾ اهي قدم کنيا جن جي نتيجي ۾ ناممڪن کي ممڪن بڻايو ويو هن چيو ته هي بجيٽ رليف تي ٻڌل آهي ۽ معيشت کي استحڪام ڏانهن وٺي وڃڻ جو بنياد رکيو ويو آهي هن چيو ته عالمي سطح تي به پاڪستان جي معاشي سڌارن کي تسليم ڪيو ويو آهي جنهن جو مثال ڊيووس ۾ سامهون آيل بيان آهن جڏهن ته عالمي مالياتي ادارن جي نمائندن پاڪستان جي اسٽرڪچرل سڌارن ۽ ميڪرو اڪنامڪ استحڪام کي ساراهيو وفاقي وزير چيو ته ايف بي آر جي ماڊل کي ورلڊ بئنڪ سميت عالمي ادارن ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ان جي ڀرپور پذيرائي ٿي هن چيو ته ڪيش ليس اڪنامي طرف قدمن سان معيشت جي هڪ وڏي غير دستاويزي حصي کي دستاويزي نظام ۾ آندو ويو آهي جنهن سان ٽيڪس ليڪيج ۾ گهٽتائي آئي آهي هن چيو ته رمضان پئڪيج دوران ڊجيٽل والٽس جو استعمال ان پاليسي جو حصو آهي جنهن جو مقصد شفافيت ۽ موثر رهاست کي يقيني بڻائڻ آهي صحافين جي سوالن جي جواب ۾ وفاقي وزير چيو ته جڏهن اسان ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ جي ڳالهه ڪيون ٿا ته ان کي وسيع معاشي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. هن چيو ته جڏهن ايڪسپورٽر جو ٽرن اوور وڌندو آهي ته ان جي منافعي ۾ اضافو ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجي صنعت کي وڌائي ٿو نيون انڊسٽريون لڳائي ٿو ۽ ڪاروباري سرگرمين کي جدت ڏئي ٿو جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿين ٿا. هن چيو ته ان ترقياتي ماڊل سان نه رڳو صنعتڪار پر فيڪٽري ورڪرز مشين آپريٽرز ڊرائيورز ۽ ٻين ملازمن کي به فائدو ملي ٿو ڇاڪاڻ ته بهتر معاشي سرگرمين جي نتيجي ۾ اجرتن ۽ روزگار ۾ واڌارو ٿئي ٿو هن چيو ته ايڪسپورٽ تي ٻڌل ترقي جو ماڊل پوري معيشت کي فائدو پهچائي ٿو ۽ هي هڪ جامع معاشي عمل آهي جنهن ۾ مختلف طبقا شريڪ ٿيندا آهن وفاقي وزير سوشل سيڪٽر جي حوالي سان چيو ته موجوده ترقياتي بجيٽ ۾ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ تعليمي ادارن لاءِ خاص فنڊ رکيا ويا آهن جن ۾ اسلام آباد جو جناح ميڊيڪل ڪامپليڪس، مظفر آباد جي دانش يونيورسٽي ۽ گلگت بلتستان، بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ تعليمي ادارن جا منصوبا شامل آهن هن چيو ته اهي قدم وزيراعظم شهباز شريف جي ان ويزن جو حصو آهن جنهن جو مقصد تعليم جي موقعن کي هيٺين طبقي تائين پهچائڻ آهي هن چيو ته دانش اسڪول سسٽم انهن ٻارن لاءِ بڻايو ويو آهي جن کي معياري تعليم جا موقعا ميسر نه هئا ۽ هي منصوبو 2011 ۽ 2012ع ۾ پنجاب ۾ شروع ڪيو ويو هو هن هائوسنگ سيڪٽر جو ذڪر ڪندي چيو ته حڪومت ان شعبي ۾ به نمايان سهولتون فراهم ڪيون جنهن تحت هيٺين ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن خاص ڪري مزدورن ڊرائيورن کي گهر بڻائڻ لاءِ قرض فراهم ڪيا ويا وڃن ته جيئن هو محدود آمدني باوجود پنهنجو ذاتي گهر حاصل ڪري سگهن هن چيو ته موجوده بجيٽ ۾ هيٺين طبقي پگهاردار طبقي ۽ مزدور طبقي جو ڀرپور خيال رکيو ويو آهي هن چيو ته گذريل حڪومت 0.2 سيڪڙو تي جي ڊي پي گروٿ ڇڏي وئي هئي جڏهن ته موجوده حڪومت جي دور ۾ جي ڊي پي گروٿ وڌي 3.7 کان 4 سيڪڙو جي سطح تي پهچي رهي آهي جيڪو معاشي بحالي جو واضح ثبوت آهي

بقايا 2 "روزاني عبرت"

ڪيون ويون جن ۾ 21 خوارجين کي ماريو ويو. آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب گذريل 72 ڪلاڪن ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هندستان جي پليرائي ۾ فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ وڌيڪ 21 خوارجين جن ۾ 4 خوارجي رنگ ليڊرز (خارجي خالد رضا عرف سالان خارجي مفتون خارجي موسيٰ ۽ خارجي عمران عرف عيان) کي ماريو ويو جيڪي هڪ اهم نيٽ ورڪ تحت علائقي ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. مارجي ويل خوارجين جا اڳواڻ سيڪيورٽي فورسز جي اهلڪارن ۽ بي گناهه شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگردائين سرگرمين ۾ ملوث هئڻ سان گڏوگڏ انتهائي گهربل هئا. انتهائي ماهراڻي ۽ درست آپريشنز ۾ هن وقت تائين مجموعي طور تي 48 خوارجي مارجي چڪا آهن آءِ ايس پي آر چيو آهي ته مارجي ويل خوارجي هندستاني اسپانسرڊ دهشتگرد ڪيترين ئي سرگرمين ۽ معصوم شهرين جي قتل ۾ سرگرم هئا. جن کان هٿيار ۽ گولابارود به هٿ ڪيو ويو آهي آءِ ايس پي آر ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران وڙن عزم استحڪام (جيڪو نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي سپريم ڪميٽي پاران منظور ٿيل آهي) تحت دهشتگردي جي خاتمي واري اٿڪ مهم ۾ ان علائقن ۾ بچي ويل خوارجين کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن ڪارروائيون پوري رفتار سان جاري رهنديون

بقايا 3 "روزاني عبرت"

محمود خان اڇڪزئي اپوزيشن پاران حڪومت کي ڳنڀير معاملن کي اڳتي وڌائڻ جي آڇ ڪئي آهي هن چيو ته غلطين کي سڌاري سگهجي ٿو محمود خان اڇڪزئي شهباز شريف کي مخاطب ٿيندي چيو ته پارليامينٽ کي مضبوط ڪري، هڪ معاهدو ڪري ته جيئن سياسي جماعتون هڪبئي جون ٽنگون نه ڇڪين هن وفاقي حڪومت جي ڪارڪردگي تي ڳالهائيندي چيو ته فيڊريشن صوبن کي پيسا ڏيندي آهي اوهان صوبن کان ورتا آهن پي ٽي آءِ باني بابت هن چيو ته ان تي ايتري سختي نه ڪريو هڪبئي کي جيلن ۾ وجهڻ سان ڪجهه نه ٿيندو هن سوال اٿاريو ته پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ٿيندي ته ڇا ٿيندو؟

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن ۾ 5 مزدور غلام مصطفيٰ ڀهراس گل محمد سميت 5 مزدور دٻجي ويا جن کي بيهوشي واري حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي جتي هن جو علاج جاري آهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

جي وڪري ۾ ٻهرين مرحلي جي تڪميل لاءِ گهربل قدمن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو. پرڏيهي آفيس طرفان جاري بيان ۾ اجلاس ۾ فيڊرل بورڊ آف روينيو لاڳاپيل معاملن ۽ خريدار طرفان ٽرانزيڪشن فريم ورڪ تحت پيش ڪيل درخواست تي غور ڪيو ويو نجڪاري واري عمل کي اڳيان وڌائڻ لاءِ ضروري فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ توانائي، واپار وارن وفاقي وزيرن وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار طارق باجوه، نجڪاري واري سيڪريٽري، رٿابندي واري سيڪريٽري ۽ ڪابينه ڊويزن سميت لاڳاپيل وزارتن جي عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 6 "روزاني عبرت"

ڪي کي لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو شاهينهنجو ٿاڻي تي جوابدار طفيل ولد واجد لاڪير خلاف آهن سي داخل

بقايا 7 "روزاني عبرت"

آهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سردار عبدالرحيم چيو ته وفاقي حڪومت لڳ ڀڳ 18.8 ڪرب روپين جو بجيٽ پيش ڪيو آهي، جڏهن ته بجيٽ خسارو 7 ڪرب روپين کان وڌيڪ رکيو ويو آهي جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته حڪومت اڃا تائين معيشت کي پائيدار بنيادن تي بيهارڻ ۾ ناڪام رهي آهي هن چيو ته حڪومت ٽيڪس اوڳاڙين جو هدف 15 ڪرب روپين کان وڌيڪ مقرر ڪيو آهي پر اهو ناهي ٻڌايو ويو ته مهانگائي، بيروزگاري ۽ ڪاروباري جمود جو شڪار عوام وڌيڪ بار ڪيئن برداشت ڪندو بجيٽ ۾ غريبن مزدورن هارين، پينشن يافته ماڻهن ۽ وچولي طبقي کي حقيقي رليف ڏيڻ بدران رڳو انگن اکرن جي راند پيش ڪئي وئي آهي سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ ملڪ کي سڀ کان وڌيڪ روينيو فراهم ڪندڙ صوبو آهي پر وفاقي بجيٽ ۾ سنڌ، خاص طور ڪراچي جي عوام کي سندن حق موجب ترجيح نه ڏني وئي آهي هن چيو ته ڪراچي ملڪ جي معاشي شهه رڳ آهي ۽ قومي معيشت جي ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو پر وفاقي بجيٽ ۾ ڪراچي لاءِ نه ڪو وڏو ترقياتي پيڪيج رکيو ويو آهي ۽ نه ئي پاڻي، ٽيڪال ٽرانسپورٽ ۽ انفرااسٽرڪچر جي پراڻن مسئلن جي حل لاءِ ڪو نمايان منصوبو ڏنو ويو آهي هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو اڄ به پيئڻ جي صاف پاڻي معياري صحت ۽ تعليم جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهن سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ سوين اسڪول بنيادي صحت مرڪز ۽ ٻيون عوامي سهولتون زبون حالي جو شڪار آهن پر وفاقي حڪومت انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪا واضح ۽ اثرائتي حڪمت عملي پيش نه ڪئي آهي سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ کي پاڻي جي کوٽ، زرعي بحران تباهه حال انفرااسٽرڪچر ۽ شهري مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پر بجيٽ ۾ انهن شعبن لاءِ ڪو غيرمعمولي قدم نظر نٿو اچي هن چيو ته ملڪ جو مجموعي قرضو مسلسل وڌي رهيو آهي ۽ بجيٽ جو وڏو حصو قرضن ۽ وياج جي ادائيگين تي خرچ ٿي رهيو آهي جنهن سبب ترقياتي منصوبن صحت تعليم ۽ عوامي ڀلائي وارن شعبن لاءِ وسيلا محدود ٿيندا پيا وڃن هن چيو ته حڪومت هڪ طرف ترقي ۽ خوشحالي جون دعوائون ڪري ٿي جڏهن ته ٻي طرف ترقياتي خرچن کي محدود رکيو ويو آهي جيستائين تعليم صحت، روزگار زراعت ۽ انفرااسٽرڪچر تي ڀرپور سيڙپڪاري نه ڪئي ويندي، تيستائين معاشي ترقي جا دعوائون رڳو اعلان ئي رهندا. سردار عبدالرحيم مطالبو ڪيو ته سنڌ سميت سڀني صوبن جي آئيني ۽ مالي حقن جو احترام ڪندي اين ايف سي ايوارڊ تحت وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪراچي شهر لاءِ خصوصي ترقياتي پيڪيج سنڌ لاءِ پاڻي ۽ زراعت سان لاڳاپيل منصوبن شهري ٽرانسپورٽ، نوجوانن جي روزگار، صحت ۽ تعليم جي شعبن لاءِ اضافي فنڊ مختص ڪيا وڃن ۽ عوام تي وڌيڪ مالي بار وجهڻ بدران حڪومتي خرچن ۾ گهٽتائي آندي وڃي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

نقصان پهچائي رهيا آهن انهن کي قانون جي اڳيان فوري طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهرجن. آزاد جمون ڪشمير جي سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن انهن عنصرن کي قانوني مدد فراهم ڪندي

بقايا 9 "روزاني عبرت"

کاتي واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي پارليامانی سيڪريٽري صائمه آغا شرڪت ڪئي ان موقعي تي راندين جي ڊائريڪٽر اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فريد علي سميت راندين واري کاتي جا ٻيا آفيسر ۽ ڊي ايس اوز پڻ موجود هئا. راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر پيبدل شاٽ ڪيڏي ٽورنامينٽ جو باقاعدي افتتاح ڪيو ترجمان موجب چيمپيئن شپ ۾ بوائز جون 32 جڏهن ته وومينز جون 16 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن جيڪي ڪن ڏينهن تائين هڪبئي جي آمهون سامهون ٿينديون هي ٽورنامينٽ 14 جون تائين جاري رهندي، جڏهن ته فائنل مقابلو آچر تي ڪيڏيو ويندو چيمپيئن شپ جي گڏيل انعامي رقم 10 لک رپيا مقرر ڪئي وئي آهي ان موقعي تي خطاب ڪندي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته اڄڪلهه ڪراچي ۾ پيبدل راند تيزيءَ سان مقبول ٿي رهي آهي ۽ سنڌ حڪومت نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ هن ڪن ڏينهن واري ايونٽ جو انعقاد ڪيو آهي هن چيو ته انهن ئي رانديگرن مان نوجوان مستقبل ۾ قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي پاڪستان جي نمائندگي ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي نوجوانن ۾ بي پناهه صلاحيت موجود آهي ۽ حڪومت جي ڪوشش آهي ته کين بهتر موقعا فراهم ڪري باختيار بڻايو وڃي پارليامانی سيڪريٽري صائمه آغا پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ جا نوجوان مختلف راندين ۾ شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ حڪومت نوجوان جي ڀرپور سرپرستي ڪري رهي آهي هن چيو ته هن ٽورنامينٽ جي انعقاد لاءِ ڀرپور محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪيو ويو آهي صائمه آغا جو چوڻ هو ته ايندڙ دور راندين جو آهي ۽ نوجوانن جو لاڙو به راندين ڏانهن وڌي رهيو آهي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته وڌ کان وڌ نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ۾ شامل ڪيو ويندو ته جيئن کين بهتر موقعا ميسر ٿي سگهن هن چيو ته موجوده حالتن جي ڪري نوجوانن ۾ مايوسي ٿي رهي آهي انهن کي هٿي ڏيندي راندين جي فروغ سان کين مثبت ۽ تعميري سرگرمين ڏانهن راغب ڪري سگهجي ٿو تقريب دوران اهو به ٻڌايو ويو ته صوبائي وزير راندين سردار محمد بخش مهر آچر تي چيمپيئن شپ جي فائنل ايونٽ ۾ شرڪت ڪندو

بقايا 10 "روزاني عبرت"

چيو آهي ته آءِ ايم ايف جي شرطن تحت تيار ڪيل هن بجيٽ ۾ عام ماڻهو لاءِ ڪنهن به قسم جو حقيقي رليف موجود ناهي ڪنهن به ملڪ جي دفاعي عمارت ان جي معيشت جي بنيادن تي بيٺل هوندي آهي.

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ايجنسي صوبائي گادي واري شهر ۾ هڪ اهم ڪارروائي ۾ پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان جي ڊرون سيل نيٽ ورڪ جي هڪ اهم ميمبر کي گرفتار ڪيو آهي گرفتار ٿيل ملزم دهشتگردن کي جديد ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ ڌماڪيدار مادو فراهم ڪرڻ ۾ ملوث آهي سي ٽي ڊي ترجمان چيو ته گرفتار ٿيل ملزم جي سڃاڻپ طاهر جي نالي سان ٿي آهي جيڪو افغانستان ۾ قائم پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جي سرگرم ميمبر طلال عرف زيد بلوچ جو حقيقي ڀاءُ آهي جوابدار طلال جو نالو سي ٽي ڊي جي انتهائي گهربل دهشتگردن جي "ريڊ بڪ" ۾ پڻ شامل آهي اختيارين انڪشاف ڪيو آهي ته جوابدار طاهر پنهنجي ڀاءُ طلال جي هدايت تي پابندي مڙهيل تنظيم کي جديد ڊرون ۽ اليڪٽرانڪس سامان فراهم ڪندو هو آپريشن دوران جوابدار جي قبضي مان 2 ڪلوگرام ڌماڪيدار مادو (ڊائنامائيٽ)، ڊرون ۽ ريموٽ ڪنٽرول هٿ ڪيا ويا ترجمان موجب جوابدار اهي سامان ڪراچي جي گنجان آباد ڪاروباري علائقن جهڙوڪ صدر بولٽن مارڪيٽ ۽ مختلف آن لائن پليٽ فارمن تان آرڊر ڪندا هئا. هن نيٽ ورڪ پاران فراهم ڪيل ڊرون موٽن فريم ۽ آءِ اي ڊي دهشتگردن کي ڊرون حملن ۽ خودڪش جيڪٽن جي تياري ۾ استعمال ڪرڻا هئا جن کي سيڪيورٽي ادارن بروقت ناڪام بڻائي ڇڏيو سي ٽي ڊي ڊرون سيل نيٽ ورڪ جي هن اهم ميمبر خلاف باضابطه ڪيس داخل ڪندي جاچ جو دائرو وڌايو آهي آفيسرن جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار طاهر پاران ڪيل شروعاتي ۽ اهم انڪشافن جي روشني ۾ نيٽ ورڪ جي ٻين سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ خاص ٽيمون ڏاهيون ويون آهن. جيڪي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻي رهيون آهن

بقايا 12 "روزاني عبرت"

۾ ٻهرين پريم نگر فنڊ ريزنگ ڪنسرٽ جي تاريخي ڪاميابي کان پوءِ ڪنسرٽ سيريز جو ٻيو مرحلو 14 جون تي پي سي ليگيسي هوٽل حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويندو پريم نگر هائوس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي چيو ته 5 جون تي ڪراچي ۾ مشهور صوفي استاد راحت فتح علي خان جي پيشڪش سان فنڊ ريزنگ ڪنسرٽ پريم نگر جي انساني مشن کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو هن نوٽ ڪيو ته ممتاز فنڪارن، اداڪارن ۽ مشهور شخصيتن جي موجودگي يادگار تقريب ۾ وڌيڪ رونق ۽ جوش شامل ڪيو ڊاڪٽر وانڪواڻي جي مطابق ڪراچي ڪنسرٽ جي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ لمحن مان هڪ اهو وقت هو جڏهن راحت فتح علي خان عوامي طور تي پاڻ کي پريم نگر جو سفير قرار ڏنو اتي موجود هر ڪنهن جا دل کٽي ورتا. سنڌس کان متاثر ٿي ٽيليويزن ميزبان ساحر لودي ۽ اداڪار نويد رضا سميت ڪيترين ئي مشهور شخصيتون پڻ پريم نگر سفيرن جي طور تي هن شروعات ۾ شامل ٿيڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو ته هڪ باضابطه پريم نگر ايمبيسڊر پروگرام 14 جون تي حيدرآباد ڪنسرٽ دوران سرڪاري طور تي شروع ڪيو ويندو هن زور ڏنو ته پريم نگر ڪنسرٽ سيريز هڪ موسيقي جي تقريب کان گهڻو ڪجهه آهي "اهو پيار، انسانيت، خدمت ۽ اميد جو سفر آهي" هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد کان پوءِ مستقبل ۾ ڪنسرٽ اسلام آباد، ٽورانٽو ۽ دنيا جي ٻين حصن ۾ منصوبا بندي ڪيا ويا آهن ته جيئن مشن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. "انهن تقريب جو بنيادي مقصد يتيم ٻارن، خاص ٻارن، بيواهه عورتن، بزرگ شهرين، معذور ماڻهن ۽ سماج جي ٻين ڪمزور ميمبرن جي مدد ڪرڻ آهي جيڪي وڏين چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي باوجود هڪ بهتر مستقبل جو خواب ڏسندا رهن ٿا. ميڊيا سان ڳالهائيندي، ڊاڪٽر وانڪواڻي پريم نگر محبت جي سرزمين کي هڪ جديد ماڊل انساني برادري جي طور تي بيان ڪيو جيڪو ٿرپارڪر سنڌ جي دور دراز ريگستان ۾ ابهري رهيو آهي. جتي انسانيت جي خدمت مذهب، نسل، ٻولي، ذات ۽ عقيدي کان بالاتر آهي هن چيو ته پريم نگر ۾ خاص ٻارن، يتيم ۽ محروم ٻارن، ڪمزور عورتن، بزرگ شهرين ۽ پسمانده برادرين جي فائدي لاءِ ڪيترائي فلاحي منصوبا تيزي سان ترقي ڪري رهيا آهن هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي دوستن، ڪٽنب جي ميمبرن، ساٿين ۽ سماجي حلقن کي هن عظيم مشن جو سرگرم حصو بڻجن ۽ 14 جون تي پي سي ليگيسي هوٽل ۾ حيدرآباد ڪنسرٽ ۾ شرڪت ڪن ۽ هن مقصد جي حمايت ڪن. ان دوران رپورٽون حيدرآباد ۾ عوام طرفان زبردست ردعمل ظاهر ڪن ٿيون انسان دوست، يونيورسٽي جي شاگردن، ڪاروباري اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن هن منفرد انساني شروعات لاءِ غير معمولي جوش ۽ حمايت ڏيکاري آهي پريم نگر محبت جي سرزمين هڪ اعليٰ سوشل ميڊيا رجحان طور ابري آيو آهي جڏهن ته سوشل ميڊيا تي اثر انداز ٿيندڙ عوامي شخصيتون ۽ حمايت ڪندڙن جا وڊيو پيغام وائرل ٿي رهيا آهن خيراتي شروعات بابت شعور کي وڌيڪ وڌائي رهيا آهن ان موقعي تي ڊاڪٽر وانڪواڻي حيدرآباد ڪنسرٽ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ انهن لاءِ اميد جو ذريعو بڻجڻ تي زور ڏنو جن جو سڀ کان وڏو آڌار اميد آهي "توهان جي شرڪت ڪنهن ضرورتمند کي پناهه فراهم ڪري سگهي ٿي" هن وڌيڪ چيو ته "توهان جو تعاون ڪمزور معذوري سان زندگي گذاريندڙ شخص جو مستقبل روشن ڪري سگهي ٿو هن سڀني کي رحمي شموليت ۽ انسانيت جي پيغام کي پکيڙڻ ۾ هٿ ملائي ۽ محبت جي سرزمين پريم نگر جي مشن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جي دعوت ڏيندي ختم ڪيو

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان 3 ڀائر آهيون منهنجي ڀيءُ عبدالحميد کوسو منهنجي ٻن ڀائرن کي پنهنجي ملڪيت مان حصو نٿو ڏي آهي جڏهن ته مون کي حصو نٿو ڏي هن چيو ته منهنجون ٻه شاديون ٿيل آهن جڏهن ته مان 6 سال اڳ ٻي شادي ڪئي هئي جنهن مان مون کي اولاد آهي هن چيو ته منهنجو ڀيءُ مون کي چوي ٿو ٻي زال کي طلاق ڏي ته پوءِ توکي ملڪيت مان حصو ڏيندس مان پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ نٿو چاهيان جنهن بعد هن مون تي ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي هن وڌيڪ چيو ته منهنجي سڳي ماءُ جي وفات کانپوءِ منهنجي ڀيءُ هڪ بيوهه عورت 5 ٻارن جي ماءُ کي ويهاريو آهي جنهن کي خرچ پڻ ڏيندو آهي هن چيو ته منهنجي ڀيءُ کي سندس پانچ ڀائر گڏا حسين کوسو منهنجي خلاف ورغلايو آهي جنهن سبب مون کي ملڪيت مان حصو نٿو ڏئي هن چيو ته مون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار گڏا حسين هوندو هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مون کي ڀيءُ کان ملڪيت مان حصو ڏيارايو وڃي ته جيئن مان پنهنجي ۽ ٻچن جي زندگي سٺي گذاري سگهان اگر انصاف نه ٿيو ته پاڻ کي ساڙيندس

بقايا 14 "روزاني عبرت"

ڪندڙ گروهه جا 2 جوابدار جاويد ملاح ۽ ارشاد لغاري کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي نشاندهي تي مختلف هنڌن تان 20 موٽرسائيڪلون مليون آهن گرفتار ڪيل جوابدار ضلعي جي مختلف هنڌن تان موٽرسائيڪلون چوري ڪري ٽنڊوالهيار ۽ ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ وڪرو ڪندا هئا هنن چيو ته گرفتار جوابدارن تي مختلف ضلعن ۾ ڪيس پڻ داخل آهن جوابدارن کي سپاهه رمانڊ لاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪنداسين پوليس موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه خلاف ڪم ڪري رهي آهي موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه جا ٻيا جوابدار به جلد گرفتار ڪيا ويندا

بقايا 15 "روزاني عبرت"

ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿاري رهيا آهن ضلعي اولهه جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ شادي جي تقريب دوران ٿيل هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ ميٽرڪ جي شاگرد سميت ٻه نوجوان حياتي وڃائي ويٺا. اورنگي ٽائون سيڪٽر بي 14، ٿاڻو پاڪستان بازار جي حدن ۾ واقع جوهر چوڪ پرسان شادي جي تقريب جاري هئي جتي ان دوران ٿيل هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن نوجوانن جون حياتيون گهڙي ويلي ريسڪيو اختيارين موجب فائرنگ سبب 17 ورهين جو سيف الله ولد شمشاد موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته 15 ورهين جو انس سخت زخمي ٿيو زخمي نوجوان کي ابتدائي طبي امداد بعد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پر هو به زخمن جا سور نه سهي سگهيو عباسي شهيد اسپتال ۾ ٻنهي نوجوانن جا لاش پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو وارثن جي غم ۽ ڪاوڙ پکڙيل هئي ۽ انهن جي سڃاڻ ان باهران ڏکوئيندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيا. مقتول سيف الله جي چاچي شاهين پرويز موجب سيف الله ڇهن ڀينرن ڀائرن ۾ ٽيون نمبر هو ۽ ميٽرڪ جو شاگرد هو هو شادي جي خوشي ۾ شرڪت لاءِ ويو هو. ايس ايڇ او ٿاڻو پاڪستان بازار معراج انور موجب واقعي کان پوءِ فوري ڪارروائي ڪندي ٻه ڄڻا حراست ۾ ورتا ويا آهن ۽ سندن قبضي مان ٻه پستول ٻه هٿ ڪيا ويا آهن پوليس موجب مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ساڳئي وقت شهر ۾ هٿيارن جي آزاد استعمال ۽ هوائي فائرنگ جي وڌندڙ رجحان بابت انگ اکر به صورتحال جي سنگيني ظاهر ڪن ٿا. پوليس رڪارڊ موجب صرف جون جي شروعاتي 13 ڏينهن دوران هوائي فائرنگ ۽ نامعلوم رخ کان لڳندڙ اندهي گولين جي نتيجي ۾ 28 ماڻهو زخمي ٿيا جن مان 9 واقعا صرف ويسٽ زون ۾ پيش آيا. متاثرن ۾ عورتون ٻار بزرگ ۽ مرد شامل آهن جيڪي پنهنجي گهرن گهٽين يا مارڪيٽن ۾ موجود هئا. شهر ۾ هٿيارن جي ڏيکاءَ سان استعمال شادين ۽ ٻين تقريبن ۾ هوائي فائرنگ جي وڌندڙ روايت ۽ پوليس جي مؤثر حڪمت عملي جي کوٽ شهرين کي غير محفوظ بڻائي ڇڏيو آهي. شهر ۾ هٿيارن جي نمائش ۽ هوائي فائرنگ جو معمول بڻجڻ ۽ اهڙن واقعن جي روڪ لاءِ اڳواٽ قدم نه کڻڻ پوليس ۽ هٿيارن جو بي لگام استعمال ڪندڙ شهرين ٻنهي لاءِ سواليا نشان بڻجي رهيو آهي.

بقايا 16 "روزاني عبرت"

وزير حاجي علي حسن زرداري ارسا جو ڪردار هميشه تڪراري رهيو آهي منڍ جي آبادگارن جيان پنجاب وارا ۽ پاڻي اڳواٽ وهائين ٿا جنهن ڪري پڇڙ تائين پاڻي جو مسئلو ٿئي ٿو ورڪس سروسز ۽ جيل کاتي جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري جون ٿڌي تي پاڻي ماهر انجنيئر اوپايو خشڪ جي ٿڌي تي عذرخواهي بعد ميڊيا سان ڳالهيون پاڻي کوٽ جيتوڻيڪ قدرتي طرح آهي پر وڌيڪ برساتون پوڻ سان پاڻي جي کوٽ مڪمل طور ختم ٿي ويندي سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ آبپاشي وزير جام خان شورو پاڻي معاملي تي سرگرم آهن پڇڙ تائين پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري

بقايا 17 "روزاني عبرت"

تي ڇاپو هنيو ۽ وڏي مقدار ۾ چربي ٻيو سامان هٿ ڪيو جڏهن ته ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب سنڌ فوڊ اٿارٽي جي فوڊ سيفٽي آفيسر جي شڪايت تي سکن پوليس ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي جاچ رپورٽ موجب 12 جون 2026 تي هڪ پيداواري يونٽ جي معائني دوران مئل جانورن جي موجودگي هڪ تمام گهڻو غير صحت بخش ماحول ۽ چربي پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ سنگين بي ضابطگين جو انڪشاف ٿيو رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته يونٽ اندر مئل جانور مليا جڏهن ته صفائي ۽ کاڌي جي حفاظت سان لاڳاپيل مقرر ڪيل اصولن جي کليل خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي سنڌ فوڊ اٿارٽي موجب، اهڙي ماحول ۾ پيدا ٿيندڙ چربي ۽ تيل انساني صحت لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿا پوليس ڪيس داخل ڪري واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته ذميوار ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي پئي وڃي آفيسرن جو چوڻ آهي ته عوام جي صحت سان کيڏندڙ عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ اهڙن ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي

بقايا 18 "روزاني عبرت"

شروعاتي اندازن موجب ضبط ٿيل سوپاريون ۽ گٽڪو 1 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ماليت جو آهي ترجمان ايس ايس پي ڪياماڙي موجب سائيٽ اي پوليس هڪ مخبر جي اطلاع تي صنعتي علائقي ۾ واقع هڪ گودام تي ڇاپو هنيو ۽ اسمگل ٿيل سوپارين جون 57 بورين ۽ هندستاني گٽڪي صفينا، ادب ۽ رجني جون 219 بورين هٿ ڪيون ضبط ٿيل ڇاليا ۽ گٽڪو جي شروعاتي اندازي مطابق قيمت 1 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي شروعاتي جاچ موجب ضبط ٿيل ڇاليا ۽ گٽڪو ڏمير ۾ ڪريش هيلدن لڪايو ويو ۽ گودام ڏانهن منتقل ڪيو ويو هن چيو ته برآمد ٿيل سامان جي ڳڻپ، دستاويز جي پروسيسنگ ۽ ٻيا قانوني قدم جاري آهن برآمد ٿيل سامان جي مالڪن ۽ هن غير قانوني سرگرمي ۾ ملوث عنصرن جي سڃاڻپ، تصديق ۽ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ان دوران گڏاپ سٽي پوليس سپر هاءِ وي ويجهو ڪارروائي ڪندي ڇاليا ۽ گٽڪا ماوا جي فراهمي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو پوليس ٽيم آپريشن دوران ڇاليا ۽ گٽڪا ماوا جي فراهمي ۾ ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ملير پوليس جي ترجمان موجب گرفتار ٿيل جوابدار شاهه لام خان ڇالين کي تيل جي ڊرم ۾ لڪائي مختلف علائقن ڏانهن منتقل ڪندو هو ڪارروائي دوران جوابدار وٽان پرنل 4 تيل جا ڊرم جن ۾ 90 ڪلوگرام کان وڌيڪ ڇاليا ۽ نقصانڪار گٽڪا ماوا هٿ ڪيا ويا ۽ ضبط ڪيا ويا گرفتار ٿيل جوابدار جي 125 موٽرسائيڪل جيڪا هو ڇاليا ۽ گٽڪا پهچائڻ لاءِ استعمال ڪندو هو پڻ تحويل ۾ ورتي وئي گرفتار ٿيل جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي.

بقايا 19 "روزاني عبرت"

انتظاميه جو چوڻ آهي ته متاثر مريض کي نيپا اسپتال جي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي مريض جي ڪا به سفري تاريخ ناهي. جڏهن ته پي سي آر ٽيسٽ ذريعي مرض جي تصديق ڪئي وئي آهي اسپتال انتظاميه موجب نيپا اسپتال ۾ هيل تائين ايم پاڪس جا 7 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن جڏهن ته ڪراچي ۾ مجموعي طور ايم پاڪس جا 9 ڪيس سامهون اچي چڪا آهن صحت کاتي پاران مريض سان رابطي ۾ آيل ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ جاچ جو عمل جاري آهي. جڏهن ته بيماري جي وڌيڪ ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ احتياطي اپاءَ پڻ ورتا پيا وڃن

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ڪندي ننڍي عمر جي زبردستي شادي ناڪام بڻائي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي پرسان لاشاري ڳوٺ جي حد ڳوٺ خيرو ديرو ۾ 13 ورهين جي ٽينگري سميعه جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي اطلاع تي سماجي اڳواڻ جي نشاندهي تي رومين اينڊ چائلڊ پروٽيڪشن سيل رومين پوليس ۽ لاشاري پوليس گڏيل ڪارروائي ٽينگري سميعه جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏي جڏهن ته ٽينگري کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي والدين کان لکت ۾ ضمانت ورتي ته هو 18 ورهين جي عمر کان اڳ پنهنجي ڌيءَ جي شادي نه ڪرائيندا. ان حوالي سان علي حسن منگي ميموريل ٽرسٽ جي سربراهه سماجي اڳواڻ نوين اي منگي چيو ته نياڻين جون ننڍي عمر ۾ شاديون ڪرائڻ هڪ ڏوهه جوڳو عمل آهي ڳوٺ ۾ ان ڳالهه جي خبر پئي ته برادري جي ماڻهن سان رابطو ڪيو پر سهڪار نه ڪرڻ تي قانوني مدد حاصل ڪري نياڻي جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي کان بچايو آهي جنهن کي والدين جي حوالي ڪيو ويو آهي بالغ ٿيڻ تائين شادي نه ڪرائڻ جي رضامندي ڏني وئي آهي

بقايا 21 "روزاني عبرت"

ريسڪيو عملدارن جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 22 سالن جي شيزان جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو موٽرسائيڪل تي سوار هو جڏهن ته حادثو نامعلوم گاڏي جي ٽڪراءَ سبب پيش آيو جنهن بابت پوليس وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي اسٽيل مل چورنگي پيٽرول پمپ ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي جناح اسپتال پهچايو ويو ڇيپا عملدارن موجب فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 30 سالن جي احمد جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو موٽرسائيڪل تي سوار هو جڏهن ته حادثو نامعلوم گاڏي جي ٽڪراءَ سبب پيش آيو ان دوران رڪشا ڊرائيور جيڪو رڪشا جي الٽڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو هو علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو ڇيپا اختيارين موجب حادثو خميس جي رات لڳ ڀڳ 11:30 وڳي پيش آيو جڏهن صدر لکي اسٽار جي ويجهو هڪ رڪشا اونڌي ٿي وئي فوت ٿيل رڪشا ڊرائيور جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي آهي پر سندس عمر 55 سال جي لڳ ڀڳ ٻڌائي پئي وڃي. جڏهن ته پوليس فوت ٿيل جي سڃاڻپ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

13-سي ۾ المصطفيٰ اسپتال جي ڀرسان موٽرسائيڪل سوار ڦورو هڪ شهري کان ڦر ڪئي ۽ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ان ئي دوران متاثر شهري، جنهن جي سڃاڻپ ڪليئرنگ ايجنٽ شاهد حسين طور ٿي آهي پنهنجي لائسنس يافته پستول سان فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب مارجي ويل ڦورو جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ڦورو وٽان هڪ پستول بمع گوليون، موبائل فون ۽ نقد رقم به هٿ ڪئي آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته مارجي ويل ڦورو جي سڃاڻپ 32 ورهين جي اشرف طور ٿي آهي. جنهن جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ موجود آهي ابتدائي جاچ موجب سندس رهائش بلاڪ 13 گلستان جوهر (حسين هزارا ڳوٺ) ۾ سڄل صفورا ڳوٺ ٻڌايو ويو آهي. پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 23 "روزاني عبرت"

عابد حسين پٽ ابراهيم رنو قتل ٿي ويو جڏهن ته رشيد پاٽني سخت زخمي ٿي پيو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

طور تي يتيميءَ جو فائدو وٺندي هڪ بيمار نياڻي کي بوجھ سمجهي گهر کان بيدخل ڪري دربدر ڪري ڇڏيو سوشل ميڊيا تي خبر وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ انسانيت جي مثال قائم ڪندي ڏواليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيه سيهتو نياڻي کي پنهنجي سرپرستيءَ ۾ وٺي ڇڏيو آهي ٻلڙي شاهه ڪريم جي رهواسي مرحوم جمعون ڪيري جي يتيم نياڻي ڪلثوم ڪيري، جيڪا ڪافي عرصي کان بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. جنهن کي سندس سڳا چاچن ۽ ڀائرن مبينا طور تي بيماري جي بوجھ سمجهندي گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو هن دردناڪ واقعي جون خبرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ سماجي حلقن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو واقعي جو نوٽيس وٺندي ڏواليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيه سيهتو فورن ٻلڙي شاهه ڪريم پهچي رضيه سيهتو يتيم نياڻي ڪلثوم ڪيري سان ملاقات ڪئي ۽ کيس يقين ڏياريو ته هاڻي هوءَ اڪيلي نه آهي فائونڊيشن جي چيئرپرسن نه صرف نياڻي جي سموري ذميواري کڻڻ جي حامي ڀري، پر کيس پنهنجي فائونڊيشن ٽنڊو محمد خان منتقل ڪري ڇڏيو آهي جتي سندس بهترين علاج ۽ پرورش جو بندوبست ڪيو ويندو علائقائي سماجي اڳواڻن ۽ شهري حلقن هن قدم کي ساراهيندي رضيه سيهتو جي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي

بقايا 25 "روزاني عبرت"

زاهد الله ولد قاسم خان ويٺل ملير موقعي تي فوت، سلطان ولد مير ڪلام ويٺل قذافي ٽائون ڪراچي جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي ٻنهي کي ڪراچي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ۽ حادثي سبب ٺٽو ڪراچي روڊ بند ٿي ويو ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهي ويون

بقايا 26 "روزاني عبرت"

وڃي جنهن جي نتيجي ۾ ڪمري اندر اگهور ننڊ ستل 22 ورهين جي نوجوان ناري سمرن زال وشال ڪمار سخت زخمي ٿي پئي گهر ڀاتين پاران پنهنجي مدد پاڻ ڪمري اندر داخل ٿي باهه کي وسائي زخمي ٿيل سمرن کي ڪٿائي نجي ميڊيڪل سينٽر منتقل ڪيو جتي هن زخمن جا تاب نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن بعد موقعي تي موجود وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي ناري جو لاش ايمبولينس ذريعي اسپتال کان گهر منتقل ڪيو ويو لاش کي گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو ان سلسلي ۾ فوتي ناري جي چاچي سنتوش ڪمار صحافين کي ٻڌايو ته ناري سمرن ڪماري گهر اندر ڪمري ۾ ننڊ ستل هئي ته ايئرڪنڊيشن کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ واقعو پيش آيو ان واپڊا جي نااهلي آهي جنهن ڪري بجلي جي شارٽ سرڪٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا اهڙي قسم جا واقعا پيش آيا آهن واپڊا جا اعليٰ عملدار ۽ چونڊيل نمائندن اهڙي واقعن جو نوٽيس وٺن ته جيئن اڳتي ڪنهن جو گهر نه اجڙي سگهي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

پنهنجي سيڪيورٽي فورسز جي قربانين جو احترام ڪرڻو پوندو قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته مخالف ڌر جيڪي نقطا اٿاريا، سڀني کي غور سان ٻڌو هتن جيڪي نقطا اٿاريا آهن جو جواب مناسب وقت تي تفصيل سان ڏيندس هن ايوان جا چونڊيل ميمبر چئني صوبن سان تعلق رکن ٿا ۽ اسان کي سڀني جو احترام آهي هي ايوان هڪ گهر وانگر آهي اسان سڀني کي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ ۽ لاڳاپن کي ڪٽي ڏار آهي ته ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو عزت ۽ احترام کي هٿي وٺائي پوندي، سياست، نظريات ۽ سوچ پنهنجي پنهنجي آهي پر پاڪستان آهي ته اسان سڀ آهيون ان لاءِ جيڪا به قرباني ڏني وڃي اها گهٽ آهي، هن چيو ته مخالف ڌر جي اڳواڻ صوبن جي وسيلن جو معاملو اٿاريو. صوبن جا معاشي وسيلا انهن جو حق آهي ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو اختلاف ناهي ريڪوڊڪ معاهدو هڪ روشن مثال آهي هي معاهدو بلوچستان جي اڳواڻن سان مڪمل صلاح مشوري سان ٿيو ان ۾ بلوچستان جو حصو سڀني سامهون آهي هن چيو ته 2010 ۾ جو اين ايف سي ايوارڊ پاڪستان جي تاريخ جو ڏهون ايوارڊ آهي. هن چيو ته بلوچستان هڪ خوبصورت صوبو هئڻ سان گڏوگڏ دلير ماڻهن جي سرزمين آهي. ان جي حصي ۾ 100 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو سمورن صوبن ان ۾ قرباني ڏني ۽ پنجاب سمورن صوبن جي حصي مان سڀ کان وڌيڪ بلوچستان کي ڏنو پنجاب 11 ارب روپيا بلوچستان کي پنهنجي حصي مان ساليانو ڏنا آهن. جيڪڏهن اسان وٽ هڪ ماني هوندي ته اسان گڏجي ورهائي کائينداسين. هي احسان ناهي پر يڪجهتي آهي هن چيو ته معاشي ۽ معاشرتي انصاف کان سواءِ گهر نٿو هلي سگهي 2 سال اڳ بلوچستان جي آبادگارن کي 70 ارب روپين جي لاڳت سان پينلز ڏنا، ان ۾ 50 ارب روپيا وفاق ڏنا جيڪو پائيداري جو مثال آهي اهڙي طرح 300 ارب روپين جي لاڳت سان گوادر کان چمن تائين 2 لائين وارو روڊ تعمير ڪيو پيو وڃي هي مخالف ڌر جو مطالبو نه هو پر وزيراعظم جي حيثيت سان منهنجي ذميواري هئي ته مان اهي قدم کڻان جنهن سان چارئي صوبا ترقي جي ڊوڙ ۾ برابر هجن. جڏهن ته ان لاءِ وقت گهربل آهي اسان گڏجي ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي هن چيو ته پاڪ فوج جي وطن جي دفاع لاءِ قربانيون لازوال آهن 3 ڏينهن اڳ هڪ هيلي ڪاپٽر حادثي ۾ 22 آفيسر ۽ جوان شهيد ٿيا. انهن ۾ 2 مسيحي به شامل هئا. اهڙي طرح بلوچستان ۾ ڏينهن رات دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيا آهن ۽ ان دهشتگردي ۾ مالي ۽ فني مدد ۾ خوارجي هٿ ملوث هئڻ جا ثبوت آهن بلوچستان ۾ سرحد پار کان پنهنجي سلامتي لاءِ ڪنڊيدار تارون لڳايون آهن خيبر پختونخوا ۾ ڏينهن رات دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج ڏينهن رات انهن جو مقابلو ڪري رهي آهي. آفيسر ۽ جوان شهيد ٿي رهيا آهن ۽ هو پنهنجي ٻچن کي يتيم ڪري پاڪستان جي ڪروڙين ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچائين ٿا، اسان کي گڏجي انهن جي قربانين کي عزت ڏيڻي پوندي هن چيو ته هيلي ڪاپٽر حادثي ۾ شهيدن جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي ۽ شهيدن جي معصوم ٻارن سان به مليس جن کي اها به خبر ناهي ته انهن جا والد شهيد ٿيا آهن هاڻي کين زندگي جي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو هن چيو ته جيڪڏهن اسان اڄ غفلت ڪئي ته ايندڙ نسلون اسان کي معاف نه ڪنديون هن چيو ته مخالف ڌر جي اڳواڻ جيڪڏهن جاتي عمري کي پنهنجو گهر سمجهي ٿو ته هن کي به ڪڏهن ويندو هئس ته ان جي گهر ويندو هئس هي ڪا پوائنٽ اسڪورنگ ناهي وزيراعظم چيو ته آئين قانون ۽ جمهوريت کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڳالهين لاءِ تيار آهيان ماضي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ڳالهين ۽ ميثاق معيشت جي دعوت ڏني جڏهن ته ان کي ٺڪرايو ويو اسان اڄ به ان لاءِ تيار آهيون

بقايا 28 "روزاني عبرت"

جنرل راجيو گهئي کي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل سيڪريٽريٽ (اين ايس سي ايس) جو نئون فوجي مشير (ملٽري ايڊوائيزر) مقرر ڪري ڇڏيو آهي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق هو ٻهرين آپريشن پروڙ آهي ته ڪنهن حاضر سروس ٿري اسٽار جنرل کي ان عهدي تي مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان کان اڳ اهو عهدو رٽائرڊ آفيسر کي ڏنو ويندو آهي. ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهئي جي ان کان اڳ ڀارتي فوج جي ڊپٽي چيف آف آرمي اسٽاف (اسٽريٽيجي) طور تي خدمتون انجام ڏئي رهيو هو آپريشن سندور دوران هن ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز (ڊي جي ايم او) جي حيثيت سان ڪردار ادا ڪيو هو

بقايا 29 "روزاني عبرت"

مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي ڪارروائين ۾ 32 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 43.5 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڇنڇر ڏينهن اي اين ايف ترجمان پاران جاري بيان مطابق ڪارروائين دوران اسلام آباد ٽول پلازه ويجهو گاڏي مان 18 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جي ٽي روڊ راولپنڊي اسپتال ويجهو رڪشا مان 8.7 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيس مانسهره ۾ ڪاليج ويجهو گاڏي مان 16.8 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتو ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

جي قيام لاءِ مضبوط بنياد ثابت ٿيندو ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم چيو ته اسان امن معاهدي جي تمام ويجهو پهچي چڪا آهيون ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران معاهدي کي حتمي شڪل ڏيڻ جا امڪان آهن جنهن کان پوءِ پاڪستان فوري طور امن معاهدي تي اليڪٽرانڪ صحيحين جي تياري ڪري رهيو آهي جڏهن ته ايندڙ هفتي فني سطح جي ڳالهين جو پڻ امڪان آهي هن چيو ته اسان ڳالهين دوران مسلسل تعاون ۽ عزم تي آمريڪا ۽ اسلامي جمهوريه ايران جا شڪر گذار آهيون ۽ خطي ۾ پنهنجي ڀائر ملڪن جي حمايت کي به خراج تحسين پيش ڪيون ٿا وزيراعظم اعتماد جو اظهار ڪيو ته هي تاريخي امن معاهدو ۽ پائيدار ۽ جتادار امن جي قيام لاءِ هڪ مضبوط بنياد ثابت ٿيندو

بقايا 31 "روزاني عبرت"

زيادتي ڌڪهن سامهون آئي جڏهن سيڪيورٽي فورسز پاڪستاني فوج جي تازي ڪارگزيڪ آپريشن دوران دهشتگردن جي حراست مان هڪ نابالغ ڇوڪري کي ڪاميابي سان بچايو جنهن جي سڃاڻپ اڪرام الله جي نالي سان ٿي جرئت سان تنظيم جي بدحالي جي بي نقاب ڪيو تفصيل سان ٻڌايو ۽ کيئن سندس پيءُ جي موت کان پوءِ مسلسل جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو متاثر ٿيل جي مطابق فتنہ الخوارج جي ميمبرن کيس زبردستي منظر خيل ۾ پنهنجي آپريشنل بيس ڏانهن منتقل ڪيو جتي هن جي ٻه بار حراس ڪيو ويو هن انڪشاف ڪيو ته ٽن کان چار ٻين ننڍڙن ٻارن کي به مرڪز ۾ قيد رکيو ويو ۽ ساڳئي قسم جو خوفناڪ سلوڪ ڪيو ويو وڌيڪ چيو ته سهولت تي زيادتي ڪندڙن مان اڪثريت افغان قوميت جي هئي. اڪرام الله وڌيڪ انڪشاف ڪيو ته بعد ۾ کيس پالڪڻي ۾ هڪ ٻي چوڪي تي منتقل ڪيو ويو جتي مقامي مسجد اندر قائم هڪ مرڪز اندر بدسلوڪي جاري رهي. فوج پاران بروقت بچاءَ واري آپريشن دوران محفوظ طور تي بازياب ٿيڻ کان اڳ نابالغ تي ڪيترن ئي دهشتگردن پاران ڪيترائي حملا ڪيا ويا خودڪشي انڪشافن تي رد عمل ظاهر ڪندي، سماجي ماهرن خوارج جي ڪارروائين جي سخت مذمت ڪئي سياسي سماجي اسٽيبلشيشن ۽ مسجدن پاڪ هن جي غلط استعمال کي هڪ نفرت انگيز عمل قرار ڏنو ماهرن زور ڀريو ته مذهبي ڏرين جي آڙ ۾ بي حرمتي مسلم برادريءَ جي تمام گهڻي محنت ۽ زيادتين تي زور ڏنو ۽ زور ڀريو ته ڌرتي ۾ ملوث شهري قتل عام ۽ منظم تنظيمي ملوث آهي قانون تحت ڪنهن به قسم جي رعايت جو مستحق ناهي

بقايا 32 "روزاني عبرت"

ڪيون وڃن ميڊيا اشتهارن کي صحافين جي پگهارن سان مشروط ڪيو وڃي سڀني ميڊيا هائوسز کي برطرفيون بند ڪرڻ گهرجن. ملڪ ۾ اظهار جي آزادي تي غير اعلانيه پابنديون ختم ڪيون وڃن خوف ۽ هراس جو موجوده ماحول ناقابل برداشت ۽ ملڪ جي جمهوري ڍانچي لاءِ نقصانڪار آهي تنهن ڪري، صحافين کي بهتر ڪم ڪرڻ جو ماحول ۽ معاشي تحفظ فراهم ڪيو وڃي انهن خيالن جو اظهار صحافتي تنظيمن جي نمائندن ڇنڇر ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب ۾ اظهار جي آزادي ۾ گهٽتائي ۽ مختلف ميڊيا ادارن مان صحافين جي ناجائز برطرفي خلاف ڪراچي يونين آف جرنلسٽس دستوري جي تحت منعقد ٿيل بحث ۾ ڪيو سڀني صحافتي تنظيمن صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد تي به اتفاق ڪيو ڪراچي يونين آف جرنلسٽس دستوري جي تحت منعقد ٿيل ڊائلاگ ۾ سي پي اين اي جوائنٽ سيڪريٽري مقصود يوسفي، پي ايف يو جي دستوري جي سيڪريٽري اي ايڇ خانزاده، پروفيسر سليم مغل، علما يونيورسٽي جي شعبي ماس ڪميونيڪيشن جي سربراهه ڊاڪٽر ياسمين فاروقي، ڪراچي يونين آف جرنلسٽس دستوري جي صدر نصرالله چوڌري، سيڪريٽري ريحان خان چشتي، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فضل جميلي، سيڪريٽري اسلم خان، ڪي يو جي جي صدر طاهر حسن خان ڪي يو جي جي سيڪريٽري لبنيٰ جرار نقوي، سينئر صحافي مظهر عباس، عامر لطيف ۽ ٻين شرڪت ڪئي. مقررين چيو ته صحافت جو مقصد سچ کي سامهون آڻڻ آهي پر اڄ ميڊيا سخت ترين حالتن جو منهن ڏئي رهي آهي اربين روپين جا اشتهار ملڻ باوجود ميڊيا ورڪرن کي نوڪرين مان ڪڍيو پيو وڃي صحافي معاشي مسئلن جو منهن ڏئي رهيا آهن. مقررين چيو ته صحافتي تنظيمن کي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي. مقررين زور ڏنو ته بيروزگار صحافين کي ٽيڪنالاجي ۽ مهارتون سکڻ گهرجن ڊجيٽل ميڊيا ۾ شامل ٿيڻ سان بيروزگاري گهٽائي سگهجي ٿي مقررين صحافين جي مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ اظهار جي آزادي لاءِ وڙهڻ لاءِ هڪ گڏيل ايڪشن ڪميٽي کي فعال ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ڳالهه ٻولهه دوران متفق طور تي منظور ڪيل قراردادن ۾ پيڪا تحت صحافين خلاف سمورن ڪيسن کي فوري ۽ غير مشروط طور تي واپس وٺڻ پيڪا ايڪٽ جو جائزو وٺڻ ۽ آج ٽي وي، ايڪ نيوز ۽ سنو ٽي وي سميت سڀني ميڊيا ادارن ۾ پگهارن ۽ واجبات جي ادائيگي کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا 33 "روزاني عبرت"

عملدرآمد ڪيو پيو وڃي ان موقعي تي سٽي ڪائونسل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارليامانی ليڊر ڪرم الله وقاصي، ڪونسلر نمائندا ۽ ٻين شخصيتون پڻ موجود هيون ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر ڪراچي چيو ته ڌاڙو ڪياماڙي واري علائقي ۾ بائيو ڊائورسٽي پارڪ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن جو افتتاح نومبر 2026ع تائين ڪيو ويندو هن چيو ته هن منصوبي ذريعي اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي مينگروز جي وڻن جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪئي ويندي هن ٻڌايو ته بينظير ڀٽو پارڪ ۾ به وڻڪاري مهم کي وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ هتي پنج هزار کان وڌيڪ مينگروز جا ٻوٽا لڳايا ويندا ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته پارڪ جون ديوارون ختم ڪيون وڃن آهن ته جيئن شهرين کي سرسبزي ۽ قدرتي ماحول جو بهتر نظارو ملي سگهي هن فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي سهڪار تي عارف ڪوڪر جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ ٿلو ۽ سجاول ۾ مينگروز جي واڌاري لاءِ گڏيل قدم کنيا ويندا هن ياد ڏياريو ته مينگروز جي حوالي سان به عالمي رڪارڊ پڻ قائم ڪيو ويا آهن ميئر ڪراچي سيوريج جي مسئلن جي حل بابت ٻڌايو ته گٽر باغيچه هارون آباد سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ کي 30 جون تائين فعال ڪيو ويندو جڏهن ته 31 ڊسمبر 2026ع تائين 100 ايم جي ڊي جي گنجائش وارو پلانٽ به فعال ڪيو ويندو هن چيو ته ماڙي پور ٽريٽمينٽ پلانٽ مان 54 ايم جي ڊي پاڻي کي صاف ڪيو ويندو جنهن سان ماحولياتي بهتري ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته راشد منهاس روڊ تي واقع علاءُ الدين پارڪ کي اربن فاريسٽ ۾ تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪي ايم سي جي 50 ايڪڙ زمين کي وڻڪاري ۽ ماحول دوست سرگرمين لاءِ استعمال ۾ آندو ويندو سندس چوڻ هو ته شهر ۾ جتي به وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي ٿيندي، ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ميئر ڪراچي چيو ته ڪي-فور منصوبو 2016ع کان گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ اٽڪيل آهي ۽ مختلف وزيراعظمن ان جو ڪيترائي ڀيرا افتتاح ڪري چڪا آهن هن ٻڌايو ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ ڪي-فور منصوبي لاءِ 10 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن هن وفاقي حڪومت ۽ شهر جي نمائندن تي تنقيد ڪندي چيو ته ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي ۽ ان جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدمن جي ضرورت آهي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته گلگت بلتستان ۾ عوامي مينڊيٽ جو احترام ٿيڻ گهرجي ۽ جنهن جماعت کي عوام ووٽ ڏنو آهي، حڪومت به ان ئي جماعت جي ٺهڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اصولي سياست تي يقين رکي ٿي ۽ عوامي خدمت جي ايجنڊا تي عمل پيرا آهي آخر ۾ ميئر ڪراچي شهرين کي اپيل ڪئي ته هو ماحول دوست سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺن وڻ لڳائين ۽ شهر کي سرسبز بڻائڻ لاءِ انتظاميا سان سهڪار ڪن ته جيئن ايندڙ نسلن لاءِ بهتر ماحول فراهم ڪري سگهجي

بقايا 34 "روزاني عبرت"

نظام ۾ بهتري تي خاص ڌيان ڏنو ويو پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ۾ وفاقي وزير چيو ته حڪومت روانگي واپار تي ٻڌل معاشي ترقي جي حڪمت عملي تي عمل ڪري رهي آهي ۽ اميد آهي ته آءِ ٽي روانگي واپار وڌيڪ 4 ارب 50 ڪروڙ ڊالرن تائين پهچي ويندو هن چيو ته وزيراعظم جي هدايت تي سمورن ايڪسپورٽرز لاءِ سپر ٽيڪس جي خاتمي جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته مختلف شعبن لاءِ 70 ارب روپين جي اضافي سبسڊي به فراهم ڪئي وئي ناڻي واري وزير چيو ته ملڪي معيشت صحيح رخ تي گامزن آهي ۽ هلندڙ سال معاشي ميدان ۾ نمايان اڳڀرائي ڏسڻ ۾ آئي آهي

بقايا 35 "روزاني عبرت"

آهي. ترجمان ايف آءِ اي موجب گرفتار ملزمان ۾ علي محمد عرف حاجي (لانچ مالڪ)، عبدالسلام (لانچ "الشيخ فردوس" جو ڪيپٽن)، يوسف پلاڻي عمران ۽ علي اڪبر شامل آهن ابتدائي جاچ موجب لانچ "العرفان" ذريعي ماڻهن کي غير قانوني طور ساموندي رستي باهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو جڏهن ته ڪجهه ماڻهن کي بعد ۾ لانچ "الشيخ فردوس" ذريعي غير قانوني طريقي سان پاڪستان واپس به آندو ويندو رهيو. اميگريشن رڪارڊ جي جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته انهن ماڻهن جي ملڪ مان ڪنهن قانوني روانگي جو ڪو رڪارڊ موجود ناهي ملزمان موجب غير قانوني واپسي لاءِ في ماڻهو لڳ ڀڳ ڏيڍ لک روپيا ورتا ويندا هئا. جڏهن ته ڪجهه ماڻهن کي ٻن مهينن تائين لانچ ۾ لڪائي رکيو ويو وڌيڪ جاچ ۾ اهو به سامهون آيو آهي ته هي گروهه بلوچستان جي ساحلي رستن ذريعي شراب، سگريٽ، ڊيزل، چاندي ۽ ٻين ممنوع شين جي اسمگلنگ ۾ پڻ ملوث رهيو آهي جاچ دوران چار سي مين بڪس مشڪوڪ مليا، جن مان هڪ تي 12 ڊسمبر 2026 جي ايندڙ تاريخ درج هئي جنهن تي جعلسازي جي شڪ سبب وڌيڪ تحقيق جاري آهي ابتدائي ثبوتن موجب لانچ "العرفان" کي دٻئي ۾ وڪرو ڪري ان جي رقم هنڊي/حوالا ذريعي پاڪستان منتقل ڪئي وئي اهڙي طرح ڪارروائي دوران ڪيپٽن عبدالسلام کي مبينا طور 38 لک روپيا منتقل ٿيندي وقت گرفتار ڪيو ويو جنهن جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ايف آءِ اي موجب ڊجيٽل ثبوتن، مالي ٽرانزيڪشن ۽ نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ لاءِ جاچ اڳتي وڌائي پئي وڃي.

بقايا 36 "روزاني عبرت"

جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 37 "روزاني عبرت"

جي ماتحت انتظاميه ضلعي پلوامه ۾ هڪ ٻي ڪشميري جي ملڪيت ضبط ڪري ورتي آهي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارتي پوليس ليفٽيننٽ گورنر جي حڪم تي ضلعي جي علائقي ڪاڪ پوره ۾ شبير احمد خان جي هڪ منزل رهائشي گهر ضبط ڪيو جنهن جي ماليت 15 لک روپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي پوليس شبير احمد جي ملڪيت جي ضبطي جو جواز فراهم ڪرڻ لاءِ هن تي منشيات وڪري ۾ ملوث هجڻ جو الزام لاڳو ڪيو آهي

بقايا 38 "روزاني عبرت"

وٺ ۾ ٻئي ڦورو مارجي ويا. ايس ايڇ او مومن آباد شهباز يوسف موجب اورنگي ٽائون ملڪ چوڪ ويجهو ٻن ڦورن هٿيارن جي زور تي نوجوان کان نئين هونڊا 125 موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي رهيا هئا. هن ٻڌايو ته گشت تي موجود پوليس پارٽي فوري طور تي موقعي تي پهتي جتي ڪجهه فاصلي تي قيئر ڪالوني واجد شهيد چوڪ ويجهو مقابلو ٿيو ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻئي ڦورو سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي ڇيپي جوکي حالت ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويا ايس ايڇ او موجب ڦورن وٽان 2 پستول گوليون نقدي رقم موبائل فونز ۽ ڦريل موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي مارجي ويل ڦورن جي سڃاڻپ ساجد ۽ وهاب طور ٿي آهي. جيڪي بلديه رشيد آباد جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن پوليس موجب مارجي ويل جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته واقعي جو ڪيس شهري جي مدعيت ۾ داخل ڪيو پيو وڃي.

بقايا 39 "روزاني عبرت"

نشانو بڻائيندي چيو آهي ته هي بجيٽ عوامي رليف کان خالي آهي ۽ "بجيٽ ونڊر سرڪل" بڻجي وئي آهي جي يو آءِ سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو امير سنڌ مولانا عبدالقيوم هاليجوي سميت ٻين مرڪزي ۽ صوبائي اڳواڻن گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته آءِ ايم ايف جي شرطن تي تيار ڪيل بجيٽ غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ مايوس ڪندڙ آهي علامه راشد محمود سومرو چيو ته هي بجيٽ امير جي مفادن جي محافظ آهي جڏهن ته غريب ۽ وچولو طبقو ڪنهن به حقيقي رليف کان محروم آهي. هن چيو ته حڪمرانن کي پنهنجا غير ضروري ۽ عياشي وارا خرچ گهٽ ڪرڻ گهرجن، پر بجيٽ ۾ عوامي ضرورتن بدران حڪومتي خواهشن کي ترجيح ڏني وئي آهي. مولانا عبدالقيوم هاليجوي چيو ته عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي. پر بجيٽ ۾ انهن لاءِ ڪو به رليف موجود ناهي

بقايا 40 "روزاني عبرت"

جي جنرل سيڪريٽري محمد صديق، پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جي سينئر نائب صدر راڻو ۽ ٻين ڪالهه ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو ته بلديا فيڪٽري سانحي ڪيس جو ٻيهر جائزو نئين نقطه نظر سان ورتو وڃي ته هن انساني سانحي جي اصل ذميوارن کي انهن جي ڏوهن جي سزا ڏني وڃي.

بقايا 41 "روزاني عبرت"

زيد ايف سي ڪمپني ٽنڊوڄام جي مالڪ زبير سمون وٽ سندس 70 لک روپين جي رقم رهيل آهي جيڪا واپس نه ڪئي وئي آهي. اعجاز علي ٻرڙي چيو ته زبير سمون مختلف زرعي ڪمپنين جي رجسٽريشن جو ڪم ڪندو آهي جڏهن ته هن پنهنجي ڪمپني آءِ ايس اي انٽرنيشنل جي رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ زبير سمون کي 40 لک رپيا ادا ڪيا هئا، پر مڪمل رقم ڏيڻ باوجود نه ته ڪمپني جي رجسٽريشن ٿي آهي، نه ئي فائل فراهم ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي رقم واپس ڪئي وئي آهي هن الزام لڳايو ته هڪ ٻئي ڊيلر پير بخش ڏاهري سان زرعي ٻج ۽ دوائن جي ڏيتي ليتي بابت 30 لک رپيا رهيل هئا. جنهن معاملي ۾ زبير سمون وچ ۾ پئي فيصلو ڪرائڻ بعد رقم عيوض زرعي دوائون ۽ ٻج ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

بقايا 42 "روزاني عبرت"

خلاف سورو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن هن ٻڌايو ته منهنجو مڙس ڪافي وقت کان سعودي عرب ۾ مزدوري ڪندو آهي جنهن پليان منهنجو ڏير عاشق لاشاري بنا جواز تشدد ڪري ٿو ۽ منهنجي معصوم ٻارن نياڻين تي پڻ تشدد ڪري رهيو آهي هن جا ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان واسطا آهن جيڪي هن وٽ روز اچن ٿا ۽ اسان کي خوف آهي اسان اهڙي ظلم زيادتي رپورٽ سنڌوجا ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث خلاف قانوني ڪارروائي انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 43 "روزاني عبرت"

بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. ڪارروائي دوران گينگ جي ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 16 قيمتي مسروقه موبائل فون برآمد ڪيا ويا آهن. ايس ايڇ او ٿاڻو اي سيڪشن احمد علي شر پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ٿاڻو اي سيڪشن پوليس ۽ ڊجيٽل انويسٽيگيشن سيل (DIC) جي گڏيل ٽيم ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي بين الصوبائي موبائل فون اسمگلنگ نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي. گرفتار جوابدارن وٽان هٿ آيل 16 موبائل فونز بابت ابتدائي جاچ مان معلوم ٿيو آهي ته اهي مختلف علائقن مان چوري ۽ ڦر جي وارداتن ذريعي حاصل ڪيا ويا هئا. جوابدار مسروقه موبائل فون خريد ڪري انهن جا IMEI نمبر غيرقانوني طور تبديل ڪندا هئا ته جيئن سندن اصل سڃاڻپ لڪائي سگهجي جنهن بعد اهي موبائل بلوچستان جي مختلف شهرن خاص طور تي ڪوئيٽا، چمن ۽ ٻين ضلعن ۾ وڪرو ڪري وڏو مالي فائدو حاصل ڪندا هئا. گرفتار جوابدارن ۾ سليمان ولد خان محمد پٺاڻ رهواسي ڪوئيٽا بلوچستان جيڪو خريد و فروخت جو سرگرم ڪردار طور سامهون آيو آهي. جڏهن ته ٻين جوابدارن ۾ احمر ولد گل محمد قريشي عبدالصمد ولد سعدالله شر ۽ سلطان ولد لعل خان شر شامل آهن. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف ايف آءِ آر نمبر 184/2026 قلم 413، 379، 411، 120-B ۽ 34 پاڪستان پينل ڪوڊ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 44 "روزاني عبرت"

وڃي جتي هڪ انڌي گولي لڳڻ سبب گهوٽ جو ڀاءُ جهنڊو واسي ۽ پاڪستان آرمي جو حاضر سروس جوان بلال راجپوت حياتي وڃائي ويٺو تفصيل موجب جهنڊو کان ڏڪهوڙي آيل بارات ۾ شامل بلال راجپوت ولد نظر محمد راجپوت شادي جي تقريب دوران ٻين سان گڏ خوشيون ملهائي رهيو هو ته اوچتو هوائي فائرنگ دوران نڪتل هڪ بي قابو گولي کيس لڳي وئي، جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو واقعي کان پوءِ موقعي تي موجود ماڻهن ۽ دوستن بلال راجپوت کي ترت تعلقه اسپتال ڏڪهوڙي منتقل ڪيو جتان ابتدائي طبي امداد بعد کيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر هو زخمن جا سور نه سهندي ٽنڊو الهيار پرسان رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ويو مرحوم بلال راجپوت پاڪستان آرمي ۾ حاضر سروس خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو سندس لاش بعد ۾ حيدرآباد جي سي ايم ايڇ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوجي ضابطن موجب ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هو جهنڊو آندو ويو جتي سندس شام کيس مڪمل فوجي اعزاز سان سٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو واقعي کان فوراً بعد پوليس ڪن نوجوانن کي حراست ۾ ورتو بعد ۾ بلال راجپوت جي وارثن ٻن ڄڻن کي ذاتي ضمانت تي آزاد ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته قيصر راجپوت اڃا تائين پوليس جي حفاظتي تحويل ۾ آهي آخري اطلاعن تائين وارثن پاران ڪنهن به شخص خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ يا قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي هي افسوسناڪ واقعو شادي ۽ ٻين خوشين جي تقريبن دوران غير ذميوارانه هوائي فائرنگ ۽ آتشبازي جي خطرناڪ نتيجن کي هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون آندو آهي. مقامي انتظاميه اهڙين غير قانوني سرگرمين خلاف سخت قدم کڻڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي عوامي ۽ سماجي حلقن پڻ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته شادين ۽ ٻين تقريبن ۾ هٿيارن جي نمائش، هوائي فائرنگ، آتشبازي ۽ ٻين غير قانوني عملن تي سخت پابندي لاڳو ڪئي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا امتياز سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن المناڪ حادثن کان بچي سگهجي.

بقايا 45 "روزاني عبرت"

جي حوالي سان اجلاس ڪوٺايو ويو اجلاس ۾ مذهبي اڳواڻن، سول سوسائٽي، لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن، پوليس، بلديا عملي جي عملدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ محرم الحرام دوران ٿيندڙ مجلسن، ماتمي جلوسن ۽ پرامن ۽ صاف سٿرو ماحول مهيا ڪرڻ ۽ ٻين سڀني مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري لاڳاپيل ادارن جي عملدارن کي پنهنجا فرض احسن طريقي سان نڀائڻ جي هدايت ڪئي وئي ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد شمر حسن شاهه رضوي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان محرم الحرام جي سلسلي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي انتظامن جو جائزو ورتو آهي جڏهن ته بلديا طرفان سمورا انتظام پورا ڪيا ويا آهن جيئن ڪنهن به عزادار کي ڪا تڪليف نه پهچي هن چيو ته ميونسپل ڪميٽي طرفان ماتمي جلوسن جي گذر گاهن تي لائيٽنگ، صفائي سٿرائي رکڻ سان گڏ بجلي وڃڻ جي صورت ۾ هيوي جنريٽر پڻ لڳايو ويندو جيئن محرم الحرام جي ڏهاڙن ۾ عزادارن کي ڪا به پريشاني نه ٿئي هن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ جلوسن جي گذرگاهن تي موجود حددخلين کي پڻ هٽايو ويندو اسان جو عملو ماتمي جلوسن سان گڏ هوندو ۽ انشاءالله خير خيريت سان محرم الحرام جا ڏهاڙا گذري ويندا

بقايا 46 "روزاني عبرت"

گهر جي اڱڻ تي ڳچيءَ ۾ ڦاهو وجهي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، نوجوان محمد مبين ولد منير احمد ترڪ جي ماءُ 15 سال اڳ پهرين مڙس منير احمد ترڪ کان طلاق وٺي ٻي شادي ٻي برادري جي مرد سان ڪئي هئي پٽ ماءُ سان گڏ رهندو هو دادو اي سيڪشن پوليس موجب خودڪشي جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا آهن سندس گهر وارا حيدرآباد شادي ۾ ويل هئا. اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش سول اسپتال پهچايو ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو پوليس ٻڌايو ته واقعو خودڪشي لڳي ٿو وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 47 "روزاني عبرت"

روڊ تان نوجوان جو لاش هٿ آيو لاش جي سڃاڻپ ٽنڊوالهيار شهر جي ابراهيم ڪالوني جي رهواسي 25 ساله سني ڪشيواڻي طور ٿي اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو اطلاع تي ڪبوتر برادري جا سوين مرد عورتون اسپتال پهچي ويون جتي نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته اسان جو نوجوان مزدا گاڏي تي ڪلينڊر ڪندو هو اسان کي اطلاع مليو ته توهان جي پٽ جو لاش هٿ آيو آهي اسان اسپتال مان لاش ڪڍائي گهر پهچايا جتي ڏٺوسين ته نوجوان جي جسم تي تشدد جا نشان هئا هنن چيو ته اسان جي نوجوان کي پوليس زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪري لاش اڇلايو ويو آهي.

بقايا 48 "روزاني عبرت"

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان مختلف ڳوٺن درگاهه يوسف شاهه جيلاني ڳوٺ بلاڄ خان جي سري ڳوٺ ڌارو ديرو ملو ديرو ڳوٺ رحل خان ٻگٽي ڳوٺ ملڪاڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين طرفان سيپڪو جي مبينا ناانصافين خلاف ڪراچي لاڙڪاڻو انڊس هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو.

بقايا 49 "روزاني عبرت"

هڪ ٽربو انجن وارو وچولي ٽرانسپورٽ جهاز آهي جيڪو فوجي اهلڪارن هٿيارن سامان جي نقل و حمل ۽ نقل و حمل لاءِ استعمال ٿيندو آهي هندستاني هوائي فوج جي مطابق حادثو ڇنڇر ڏينهن آسام جي جورهٽ ضلعي جي ويجهو معمول جي پرواز دوران پيش آيو هندستاني هوائي فوج پنهنجي بيان ۾ چيو ته جهاز کي اوچتو حادثي جو شڪار ٿيو جنهن کان پوءِ فوري طور تي بچاءُ ٽيمون واقعي واري هنڌ موڪليون ويون

آفيس آف دي مختيارڪار تعلقہ ننگرپارڪر

روانگي نمبر: 379 تاريخ: 2026-06-08

نوٽيس عام اطلاع

جيئن ته سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح ۽ تصديق 86-1985 دوران سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي. ان ڪانسپ ڪابه سرڪاري تصديق نه ڪئي وئي آهي. تنهنڪري ان کي يقيني بنائڻ لاءِ رڪارڊ جي درستگي برقرار رکڻ، حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي اپڊيٽ ڪرڻ جي مقصد سان بورو آف ريونيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي رهنمائي مڪمل بورو جي آفاس ۽ صوبي جي زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (ايپڪ لڪن) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن جي شروعات تعلقہ ننگرپارڪر ضلع ٽنڊوالهيار ۾ ڪئي وئي وڃي.

1. اهڙي طرح بورڊ آف ريونيو سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ بنائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽرائزڈ ڪرڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (اپڊيٽ ڪرڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.
2. تنهنڪري سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 ۽ بارن مليل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف ريونيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 12-02-2026 نمبر Rev-1 حڪم نمبر /Misc R.W/BOR/2026/36/11 مورخ حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي ته تعلقي ننگرپارڪر جي ديهن جي حقن جي رڪارڊ جي خاص نظرثاني تصديق ۽ تصحيح ڪئي وڃي ٿي.
3. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح لاءِ، رڪارڊ سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12)، ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار جو فريم ورڪ لاڳو ڪيو ويندو، جنهن تحت لاڳاپيل اسٽيڪ هولڈرز کان درست طور تي تصديق حاصل ڪئي ويندي.
4. تنهنڪري عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته هيٺ مڪان لوڪيشن ۽ ڊيٽا لاءِ ديهه ارنهر ته تعلقي ننگرپارڪر، ديهه ڪاروڙو ته تعلقي ننگرپارڪر، مڪان ڀيٽاپور، مڪان ڪيرڙو چارو ديهه ڀيٽاپور، مڪان راڻيور هاڪيو، مڪان آسالڙي، ديهه راڻيور ۽ ديهه جوڙيجو ته، ڀيٽاپور تعلقہ ننگرپارڪر ضلع ٽنڊوالهيار جي ڪاپيدار جا تالا سروي نمبر ۽ اپراضي ڏنجي ٿي. ڪنهن به نمبر اپراضي يا پيء ڪنهن گهاڻي تي اعتراض هجي ته مختيارڪار آفيس يا اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي ننگرپارڪر جي آفيس ۾ 15 ڏينهن جي اندر اعتراض داخل ڪرائن پي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ راسطيداڻن جي نالي اپڊيٽ ڪيو ويندو

حقن جو رڪارڊ ۽ قبر قار جو رجسٹر الف ديهه ارنهر ته ننگرپارڪر ضلع ٽنڊوالهيار مڪان ارنهر

جريان نمبر	اڳوڻي داخلا نمبر VII الف ب	نالو ڪاشتڪار جو	حصو	حقن جو قسم	سروي نمبر	اپراضي	ڀاڱو
1	VII الف جي داخلا نمبر7	بيجل ولد ڏاڪر ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 7 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	183 02/26 300 6/34 377 4/7 341 4/29 346 10/16 352 5/01 354 4/13	37-36	
2	VII الف جي داخلا نمبر10	پوڄو ولد هيرو ڪرليهي	1-00	VII الف داخلا نمبر 10 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	129 12/11	12-11	
3	VII الف جي داخلا نمبر12	پورو ولد منڇي ڪرليهي	1-00	VII الف داخلا نمبر 13 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	422 03/27	03-27	
4	VII الف جي داخلا نمبر14	پومو ولد ايسرو ڪرليهي	1-00	VII الف داخلا نمبر 14 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	38 12/05	12-05	
5	VII الف جي داخلا نمبر17	پونجو ولد پيمون ڄاڻ	1-00	VII الف داخلا نمبر 17 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	106 09/01	09-01	
6	VII الف جي داخلا نمبر18	پارو ولد ڏنڪو ڪرليهي	1-00	VII الف داخلا نمبر 18 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	295 7/33	07-33	
7	VII الف جي داخلا نمبر21	پورو ولد راڄمل ڄاڻ	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 21 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	238 09/37	09-37	
8	VII الف جي داخلا نمبر27	جينمال ولد محبتسنگھ ٺڪر	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 27 مورخ هميشگي سال 1979/80 مورخ منظوري ٿي ملهيل	446 N07/29	07-29	
9	VII الف جي داخلا نمبر25	جامون ڏي پوڄو لوڻيه	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 25 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	130 07/31 149 07/18 207 05/02 217 10/11 308 11/30	52-21	
10	VII الف جي داخلا نمبر30	1) بهتو ولد ڪرنيو ڪرليهي 2) هرجي راڻ ڪرنيو ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 30 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	400 20/32	20-32	
11	VII الف جي داخلا نمبرA33	ڏيرو ولد ريسوپيل	1-00	VII الف جي داخلا نمبر A33 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	258 25/00 396 12/00	37-00	
12	VII الف جي داخلا نمبر35	ڏهرو ولد هرچند ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 35 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	4400 01/10	01/10	
13	VII الف جي داخلا نمبر36	ڏاسرو ولد سرڇو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 36 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	452 08/02	08-02	
14	VII الف جي داخلا نمبر43	راميچي ولد رستو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 43 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	195 24/22	24-22	
15	VII الف جي داخلا نمبر44	راملو ولد مرڙو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 44 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	174 05/33	05-33	
16	VII الف جي داخلا نمبر46	راميچي ولد هرچند ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 46 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	417 06/28 441 02/11 450 02/36	11-35	
		1) راميچي ولد هرچند ڪرليهي 2) سڌو ولد هرچند ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 46 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	246 25/00	25-00	
17	VII الف جي داخلا نمبر47	رگهو ولد رستو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 47 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	266 09/25	09/25	
18	VII الف جي داخلا نمبر48	راجو ولد آسو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 48 مورخ هميشگي سال 1979/80 مورخ منظوري ملهيل	275 03/10 461 05/25	08-35	
19	VII الف جي داخلا نمبر49	رامڻ ولد جوڙو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 49 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	391 13/06	13-06	
20	VII الف جي داخلا نمبر50	راڻيسنگھ رڌ محبتو ٺڪر	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 50 مورخ هميشگي سال 1941/42 مورخ منظوري ۽ ملهيل	229 03/13	03-13	
21	VII الف جي داخلا نمبر01	اڏو ولد جيڻون ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 01 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	305 05/34	05-34	
22	VII الف جي داخلا نمبر02	آڏو ولد منرو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 02 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	237 06/07	06-07	
23	VII الف جي داخلا نمبر03	اجرڻ نمايي ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 03 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	372 06/21	06-21	
24	VII الف جي داخلا نمبر3A	1) اجرڻ نمايي ڪرليهي 2) روڙو ولد ڀليو ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر A03 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	220 11/21 221 15/27 271 10/09	37-17	
25	VII الف جي داخلا نمبر04	آلو ولد ڀاڻو ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 04 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	326 01/09	01-09	
26	VII الف جي داخلا نمبر05	ايسرو ولد هوڻي ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 05 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	363 05/05	05-05	
		1) ايسرو ولد هوڻي ڪرليهي 2) پارو ولد هوڻي ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 05 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	328 03/36	03-36	
27	VII الف جي داخلا نمبر08	1) پيرو ولد رگهو جاڻ 2) پگو ولد رگهو جاڻ	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 08 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	40 01/20 135 01/24 151 12/18 288 10/33	26-15	
28	VII الف جي داخلا نمبر09	1) پگو ولد اڏو ڪرليهي 2) هشو ولد اڏو ڪرليهي 3) هرڻي ولد اڏو ڪرليهي	0-34 0-33 0-33 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 09 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	56 13/27	13-27	
29	VII الف جي داخلا نمبر11	پوڄو ولد سگرام ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 11 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	315 06/23 341 03/21 342 06/20	16-24	
		1) پوڄو سگرام ڪرليهي 2) ڪرشن ولد پراڄپي مهاڻ 3) سڳارو ولد پراڄپي مهاڻ	0-34 0-33 0-33 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 11 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	366 01/19 148 03/38	05-17	
30	VII الف جي داخلا نمبر12	1) پوڄو ولد سگرام ڪرليهي 2) مومل زال ڀاڻو ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 12 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	177 03/32	03-32	
		پوءِ ولد سگرام ڪرليهي	1-00		389 02/12	02-12	
31	VII الف جي داخلا نمبر02	آلو ولد پيمون ڪرليهي	1-00	هميشگي سال 1979/80 ۽ منظوري مليل	677 05/00 658 04/04	09-04	
32	VII الف جي داخلا نمبر05	1) آلو ولد پيمون ڪرليهي 2) رڻڇوڙو ولد پيمون ڪرليهي	0-50 0-50 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 05 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	522 15/38 583 21/28	37-26	
33	VII الف جي داخلا نمبر07	ٻيڪو ولد مرڻي ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 07 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	64 04/19 68 13/15	17-34	
34	VII الف جي داخلا نمبر08	بخشن ولد بجو بشمائي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 08 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	366 21/21	21-21	
35	VII الف جي داخلا نمبرA10	1) ڀهڇو ولد حمل ڪرليهي 2) پورو ولد حمل ڪرليهي 3) راجو ولد حمل ڪرليهي	0-34 0-33 0-33 1-00	VII الف جي داخلا نمبر A10 مورخ ورڻي ۽ مليل	503 01/08 508 13/03 509 19/06 579 02/31	36-18	
36	VII الف جي داخلا نمبر11	پگو ولد هرچند ڪرليهي	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 11 مورخ ورڻي ۽ ملهيل	91 10/05	10-05	
37	VII الف جي داخلا نمبر15	1) ٻاڻي ڏي ٽيجو ميگھواڙ 2) لڏو ولد ٽيجو ميگھواڙ 3) اڌيمي پراپرٽي (سرڪاري)	0-13 0-12 0-75 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 15 مورخ عدد 0_25 ٻيسا ورڻي ۽ مليل ۽ 75_0 ٻيسا سرڪار ائمي برابر في	28 08/05 30 16/04 289 06/38 298 01/37 310 02/21 312 11/06 317 02/14 319 01/11 548 04/03	54-19	
38	VII الف جي داخلا نمبر16	1) پيمون ولد پيرو ڪرليهي 2) پونجو ولد پيرو ڪرليهي 3) هاڻي ولد پيرو ڪرليهي 4) نورو ولد پيرو ڪرليهي 5) پيرو ولد پيرو ڪرليهي 6) پريمان زال پيرو ڪرليهي	0-17 0-17 0-17 0-17 0-16 0-16 1-00	VII الف جي داخلا نمبر 16 مورخ صفحي مائهن وٽان گڏيل ڪاغي ۽ ڪانو مليل	129 05/39	05-39	
39	VII الف جي داخلا نمبر22	پيروزخان ولد حڌ خان ڪوسو	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 22 مورخ مراد ولد نمايي ڪرليهي کان 18000 /- جي حوالي سان خريد ۽ منتقلي	09 14/32 10 24/28	39-20	
40	VII الف جي داخلا نمبر27	پڏي ڏي ٻاڻو ميگھواڙ	1-00	VII الف جي داخلا نمبر 27 مورخ ورڻي ۽ مليل	318 01/08 320 01/23	02-31	
41	ڊ ف VII جي داخلا 28 24-01-2007 PRC ڊ ف VII جي داخلا 03 1-12-2011	ڪارو خان محمد اسماعيل ڪنيئر 44101-8221390-3	1-00	فوٽي ڪاني بدل	746	40-6	ٻاجهار جو 01489 اجاين هل
42	ڊ ف VII الف جي داخلا02 15-8-1985	ڏيارام سڌو ميگھواڙ	1-00	هميشگي ياداشت	743	28-5	
43	ڊ ف VII الف جي داخلا03 15_8_1985	سومار سليمان ڪٽير	1-00	هميشگي ياداشت	745	4-0	
44	PRC ڊ ف VII جي داخلا 01 12-01-2011	ٽاڪن ڏي اسماعيل ڪنيار 44304-4086105-0	1-00	فوٽي ڪاني بدل	748	7-0	
45	ڊ ف الف جي داخلا05 15-08-1985	مومن پاڻجي برهمڻ 44304-4441939-5	1-00	هميشگي ياداشت	740	22-0	
46	ڊ ف الف جي داخلا06 15-08-1985	منڪيارام پاڻجي برهمڻ 44304-3317960-9	1-00	هميشگي ياداشت	741	15-25	
47	ڊ ف VII الف جي داخلا07 15-08-1985	محمود محمد ڪنيار	1-00	هميشگي ياداشت	747	4-17	پاس بوڪ 245778 C_ جاري ڪيل
48	ڊ ف الف جي داخلا09 15-08-1985	ٽاڻو ناڳجي ميگھواڙ	1-00	هميشگي ياداشت	744	7-2	
49	ڊ ف الف جي داخلا10 15-08-1985	تاڻيو ڪارو برهمڻ 44304-3752177-3	1-00	هميشگي ياداشت	742	21-24	پاس بوڪ 213100 C_ جاري ڪيل
50	ڊ ف VII ب PRC جي داخلا نمبر 10 3-12-2023	ماريچي پارو ڪرليهي 44304-9746080-5	1-00	رجسٹر دستاويز	123	7-29	
51	ڊ ف حامي داخلا نمبر04 29-10-1997	آلو پچاڻ ڪرليهي	1-00	جنسي ڊ ف 15 جو ڪتاب نمبر 55	122 202 203	29-17	
52	ڊ ف VII الف جي داخلا12 15-08-1985	منهرو ڪملو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	185	23-01 0-35 5-21 1-24	
53	ڊ ف VII الف جي داخلا13 15-8-1985	مڪو صورتو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	91	12-30	
54	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر14 15-8-1985	منهرو پرڪو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	181 182 183	31-21 01-17 02-27 3-25	
55	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر16 15-08-1985	ننگرماڏو گرڙو	1-00	ورڻي موجب	189 190	01-7 5-18 6-25	
56	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر 01 25-11-1996	ايسرو راميچي ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	319	12-02	
57	ڊ ف VII ب PRC جي داخلا نمبر 69 21-3-2025	خادم حسين جان محمد ميمڻ 44304-8490882-7	1-00	رجسٹر دستاويز	247	4-27	
58	ڊ ف VII ب جي داخلا نمبر12 17-9-2002	سروپ چند آنيور برهمڻ 44304-2431236-1	1-00	فوٽي ڪاني بدل	239	2-14	
59	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر06 25-11-1996	آڏندو سڳرام برهمڻ	1-00	ورڻي موجب	198	03-22	
60	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر07 25-11-1996	آڏندو جمل ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	50 79	30-26 31-15 62-01	
61	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر09 25-11-1996	الهه رکيو عبدل ڪنيار	1-00	ورڻي موجب	173 235	0-39 01-10 02-09	
62	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر12 25-11-1996	امرو هرڪر ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	345	13-38	
63	ڊ ف الف جي داخلا نمبر05 25-11-1996	پاڻو آلو ڪرليهي هرجي آلو	0-50 0-50 1-00	ورڻي موجب	81	8-23	
64	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر06 25-11-1996	نماڃي پرڪو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	129	7-24	
65	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر08 25-11-1996	پراڄپي ڪينسي لوهاٽو	1-00	ورڻي موجب	82	17-16	
66	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر 12 13 25-11-1996	ڏوڏاڻجڻ ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	162 172	03-36 15-02 _18 38	
67	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر14 25-11-1996	رڻڇوڙ اڳرو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	61	14-19	
68	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر17 25-11-1996	راڄپ منڇي ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	171	12-0	
69	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر19 25-11-1996 ڊ ف VII ب PRC جي داخلا نمبر 12 08-04-2013	سرڇپ ٻيجڙ ڪرليهي ماريچي حاجر - 44304-1877346-1	0-50 0-50 1-00	ورڻي موجب	55	12-18	
70	VII الف جي داخلا09 15-8-1985	ٻيجرو ويرمون ميگھواڙ	1-00	ورڻي موجب	290	2-29	
71	ڊ ف VII ب PRC جي داخلا نمبر 18 19-03-2020	حامي راڻ اسماعيل ڪنيار 44101-7559521-3	1-00	رجسٹر دستاويز	470	19-26	
72	ڊ ف VII الف جي داخلا18 15-08-1985	پورو لوجو برهمڻ	1-00	ورڻي موجب	807	01-35	
73	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر21 15-08-1985	پيمون سومن ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	835	8-18	
74	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر24 15-08-1985	ڏگو مرڻي ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	830	15-30	
75	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر26 15-08-1985	پارو ڪيمن ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	172	7-14	
76	ڊ ف VII الف جي داخلا نمبر31 15-08-1985	پريمون خانو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	812	03-14	
77	ڊ ف VII الف جي داخلا32 15-8-1985	پارو اڇهه ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	748	30-0	
78	ڊ ف VII الف جي داخلا33 15-08-1985	پونجو خانو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	822	03-35	
79	ڊ ف الف جي داخلا35 15-08-1985	جينو رنو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	733	15-12	
80	ڊ ف VII الف جي داخلا40 15-08-1985	هيرو روڙو ميگھواڙ	1-00	ورڻي موجب	781	4-34	
81	ڊ ف VII الف جي داخلا42 15-08-1985	ڏيرو پونگر ميگھواڙ	1-00	ورڻي موجب	829	3-0	
82	ڊ ف الف جي داخلا48 15-08-1985	ڏيوڻي ڏنڪو ڪرليهي	1-00	ورڻي موجب	720	04-04	

INF/KRY/2414/2026
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
ممتاز علي ڪوسو
سپروائزنگ تپيدار
سرڪل ننگرپارڪر

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻليولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 14 جُون 2026ع

وفاقي بجيٽ: حڪومتي دعوائن ۽ حقيقتن وچ ۾ فرق!

وفاقي حڪومت مالي سال 2026-27ع لاءِ 18 هزار 7 سئو 71 ارب رپين جو بجيٽ پيش ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي معاشي استحڪام، ترقي ٽيڪس سڌارن ۽ عوامي رليف جو بجيٽ قرار ڏنو ويو آهي بجيٽ جي لڳن اکرن تي نظر وجهجي ته هڪڙي پاسي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 7 سيڪڙو واڌ، گهٽ ۾ گهٽ پگهار ۾ 10 سيڪڙو اضافو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 8 سئو 38 ارب رپين جي مختص ۽ ڪجهه ٽيڪسن ۾ گهٽتائي جهڙا قدم نظر اچن ٿا ته ٻئي طرف روزمره جي استعمال وارين 36 شين تي ٽيڪس لاڳو ٿيڻ سبب مهانگائيءَ جو نئون طوفان به ايندڙ نظر اچي ٿو اهڙي صورتحال ۾ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا بجيٽ ۾ واقعي به عوام کي رليف ڏنو ويو آهي يا وري اڳ ئي مهانگائيءَ جي ماريل ماڻهن تي وڌيڪ بار وڌو ويو آهي؟

بجيٽ جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي ته حڪومت ايندڙ سال لاءِ 15 هزار 264 ارب رپين جي ٽيڪس وصولين جو هدف مقرر ڪيو آهي جيڪو ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو ٽيڪس هدف آهي. حڪومت جو چوڻ آهي ته ٽيڪس وصولين ۾ واڌ سان معاشي خسارو گهٽ ٿيندو ۽ ملڪ کي قرضن تي ڀاڙڻ کان بچائي سگهجي ٿو. بجيٽ دستاويزن موجب قرضن جي وياج ۽ واپسيءَ لاءِ 8 هزار 54 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جيڪي سموري بجيٽ جو لڳ ڀڳ 43 سيڪڙو حصو بڻجن ٿا. دفاع لاءِ 3 هزار ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن پاڪستان جي موجوده علائقائي ۽ عالمي حالتن کي نظر ۾ رکندي دفاعي ضرورتن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي پر ان سان گڏوگڏ تعليم ۽ صحت جهڙن شعبن تي پڻ مناسب سيڙپ ڪاري ضروري آهي. حڪومت سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 7 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ پگهار ۾ 10 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي. بظاهر اهو هڪ مثبت قدم آهي پر جڏهن ملڪ ۾ مهانگائيءَ ۽ روزمره جي شين جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ کي ڏٺو وڃي ٿو ته اها واڌ گهڻي اثرائتي محسوس نٿي ٿئي، ڇو ته گذريل ڪجهه سالن دوران بجلي، گئس، پيٽرول، دوائن ۽ خوراڪ جي قيمتن ۾ جيڪا واڌ ٿي آهي تنهن جي مقابلي ۾ پگهارن ۾ واڌ محدود نظر اچي ٿي.

بجيٽ ۾ ڪجهه ٽيڪسن ۾ گهٽتائي پڻ ڪئي وئي آهي. پگهاردار طبقي لاءِ انڪم ٽيڪس جي مختلف سليبن ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي، سرچارج ختم ڪيو ويو آهي ۽ ملڪيت جي خريد ۽ وڪرو تي ود هولڊنگ ٽيڪس گهٽايو ويو آهي. اهڙن قدمن سان بظاهر مڊئين ۽ وچولي طبقي کي ڪجهه رليف ضرور ملندو پر حقيقت اها آهي ته ملڪ جي تمام گهڻي آبادي اهڙي آهي، جيڪا انڪم ٽيڪس جي دائري ۾ ئي نٿي اچي. انهن لاءِ اصل مسئلو مهانگائي آهي، جنهن ۾ نون ٽيڪسن جي لاڳو ٿيڻ بعد وڌيڪ ٿيڻ جو امڪان آهي. اهڙي طرح کير، ڊيريءَ وارين شين، مٺايون، مصالحا، کاڌي جو تيل، گيهه، شيمپو جوتا، ٻڪري شيون، پلاسٽڪ جون گهريلو شيون، سينيٽري سامان ۽ زرعي دوائون مهانگيون ٿيڻ جو امڪان آهي. اهي شيون مهانگيون ٿينديون ته ان جو سڌو اثر غريب ۽ وچولي طبقي تي پوندو. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 838 ارب رپين جي رقم مختص ڪرڻ مثبت قدم آهي، ڇو ته ملڪ جي لکين غريب خاندانن لاءِ هڪ اهم سهارو آهي. حقيقت اها آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم ۾ واڌ ڪرڻ بدران روزگار جا مستقل موقعا پيدا ڪرڻ، تعليم ۽ فني تربيت تي ڌيان ڏيڻ ۽ ننڍن ڪاروبارن جي واڌ ويجهه لاءِ قدم کڻڻ ضروري آهي. وفاقي ترقياتي منصوبن لاءِ هڪ هزار ارب رپيا رکيا ويا آهن. سکر-حيدرآباد موٽر وي، اين-25 شاهراهه ۽ ايم ايل ون جهڙن منصوبن لاءِ رقم رکڻ يقيناً اهم آهي، ڇاڪاڻ ته بنيادي ڍانچي جي بهتريءَ سان معيشت تي مثبت اثر پوندو. سنڌ لاءِ سکر-حيدرآباد موٽر وي ۽ ڪراچيءَ کان چمن تائين شاهراهه جي اپگريڊيشن اهم منصوبن مان هڪ آهي. بهرحال مجموعي طور تي وفاقي بجيٽ 2026-27 هڪ اهڙي بجيٽ آهي، جنهن ۾ هڪڙي پاسي معاشي استحڪام ۽ ٽيڪس سڌارن جون ڪوششون نمايان نظر اچن ٿيون ته ٻئي طرف عوام لاءِ نوان معاشي چئلينج سامهون آندا ويا آهن جيڪڏهن حڪومت واقعي به عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي ته ان کي ٽيڪس جو بار سڌي طرح امير طبقي ۽ غير دستاويزي معيشت تي منتقل ڪرڻو پوندو. جڏهن ته روزمره جي استعمال وارين شين تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي ڪرڻي پوندي.

صبح سويل، سخنورن جا، سهڻا سخن يا ’اُجورن جا سنگ‘!


منل جسڪاڻي

’صبح صبح سان‘ جي حوالي سان اقوال زرين به گهڻا، آسون اميدون به جهجهيون، نصيحت ڀريا نڪتا به گهڻا. ائين ڪٿي جنجي يا لکجي ته جهڙو ماڻهو تهڙي سوچ. ڀاڳ ڀاڳ، گڻ اوگڻ گڻ ڳوٺ کان وڌيڪ اهڙي طرح سوشل ميڊيا، سوشل ميڊيا ۾ به فيس بوڪ جي حوالي سان پڻ مثبت توڙي منفي شاهديون اٿ ڳڻيون سٺي يا خراب هجڻ جو نبيرو ڏکيو. اهڙي ماحول ۾، جمعو 12 جون 2026ع جي صبح مون جيئن ئي فيس بوڪ اڪائونٽ کولي ڏسڻ پڙهڻ شروع ڪيو ته پڙهندي پڙهندي منهنجي دل گهريو بنا ساهي پڙهيل شروعاتي چار پنج پوسٽون پنهنجي پڙهندڙن کي ضرور پڙهائجن اميد ته منهنجي اها خواهش اجائي نه سمجهي ويندي پڙهندڙ ڀيرن پڙهي پوءِ بنا حجاب موٽ ڏيندا ته محنت سجائي ٿيندي پهرئين فيس بوڪ پوسٽ پڙهي هئم، محترم علي دوست عاجز جي جيڪا (سائين ارباب دوست محمد دوست سان يادگار تصوير) جي نشاندهيءَ سان هيٺئين ريت لکيل هئي: ٿر ۾ ماڻهي مينهن ۽ موزن جون ڳالهيون ڪڏهن به پراڻيون ناهن ٿيون هتن جي جهرن تي پاڻي مينهن ۾ ئي ورندو آهي هتن جو حال پٽن مان ئي معلوم ٿي ويندو آهي اهي ايترا سُرها هوندا آهن. جيترين پٽون سائيون نظر ايندين آهن ٿر جي جاگرافيائي بيهڪ، جنهن لاءِ اياز چيو هو ته: ’ٿرازلي نقاش جو حقيقي نقش آهي. ازلي مصور جي مصوري آهيا‘ ماڻهوءَ کي شاعر بڻائڻ لاءِ ڏاڍي موزون آهي هو پلي ته ان کي موزون لفظن جي هڪ خاص ترتيب سان لکي يا جهونگاري نه به سگهندو هجي پر سندس اندر جا احساس ڪنهن حسين شعر کان گهٽ ناهن هوندا مون تي جڏهن اها ڳالهه آشڪار ٿي ته سائين دوست محمد شاعر آهي ته مون کي ذرو به حيرت نه ٿي. ڇو ته ڳالهيون ته سيني ڪويسن جهڙيون ٿي ڪيون! هڪڙو هڪڙو گفتو هڙ ۾ ٻڌڻ جهڙو ٿي لڳو!

ٻي پوسٽ هئي، ٻيءَ معتبر شخصيت ڊاڪٽر سومار ڪوسو جي ٿائيم لائين تان:

ڳجهون ۽ طوطا، ويا ٽڙجي۔ ڪڙڪيتن جو خير گهرو۔
گرمي وڌي آ وڌي جانورن، جيتن جڻن جو خير گهرو۔
جارين جون پاڙون ويون مسواڪن لاءِ پٽجي۔
ڪرڙن ڪانڊيرن لوهيڙن لين لاڻن جو خير گهرو۔

ٽئين نمبر تي معروف شاعر ۽ موسيقيءَ جي مڄيل سونهين پير بها سرهندي جي ٽائيم لائين تان پڙهيل پوسٽ: اساڻجي شهر ۾ اڳي هندو دوستن جا مٺائيءَ جا دڪان ها، اسان سڀ ۽ اسان جا مٽ مائٽ ته انهن جي هٿن جون ٺاهيل مٺايون پاپڙ آچار ته خريد ڪري کائيندا هئاسين هاڻي خبر ناهي، ڇو اهي نفرتون پيدا ڪيون وڃن پيون؟ افسوس لاڳيتو چوٿين پوسٽ پڙهي هئم ليکڪ ۽ سماجي ۽ سياسي سڃاڻپ ماڻيل شخصيت محب ڀيل جي ٽائيم لائين تان: اشرف المخلوقات پاران ماحول دشمني جا نتيجا پکي به ڀوڳن پيا.

ڪلهوڪي گرمي ۾ پکي به مئا آهن هيءَ فوٽو ڪاڇي کان امير پريمي موڪليو آهي. جنهن ٻڌايو ته شديد گرميءَ سبب پکي ڦٿڪي رهيا هئا. ڪي بيهوش ٿي ڪري پيا، ڪيترائي مري ويا اڄان به وقت ويو ناهي وڻ پوکيو، ماحوليات بچايو. قدرت سان هٿ چراند نه ڪيو، قربيءَ کي دوزخ ٿيڻ کان بچايو. پنجون نمبر پوسٽ مانواري سائين عبدالله جروار جي ٽائيم لائين تان. پهرين عنوان پوءِ مواد ۽ آخر ۾ حوالو جيئن جو تيئن هيٺ حاضر آهي: فيس بوڪ - دنيا جا سڀ رنگ/ اڄ جي دور ۾ سوشل ميڊيا خاص طور تي فيس بوڪ انسان جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي صبح جو اکيون کلڻ کان وٺي رات سمهڻ تائين ماڻهو فيس بوڪ تي مختلف خبرون، وڊيوز، تصويرون ۽ خيال ڏسندا رهن ٿا. هيءَ هڪ اهڙو جهان آهي، جتي دنيا جا تقريباً سڀ رنگ موجود آهن هتي خوشيون به آهن. غم به آهن تعريف به آهي، تنقيد به آهي، سچ به آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ به. فيس بوڪ تي ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون، جيڪي انسان جي دل کي خوش ڪري ڇڏين ٿيون. ڪنهن جي ڪاميابي، ڪنهن شاگرد جي محنت، ڪنهن غريب جي مدد، ڪنهن بيمار جي صحتيابي يا ڪنهن جي خوشين جون تصويرون ڏسي دل کي سڪون ملي ٿو ماڻهو هڪ ٻئي سان محبتون ونڊين ٿا. دعائون ڏين ٿا ۽ سٺن خيالن ذريعي سماج ۾ مثبت سوچ پيدا ڪن ٿا. پر ساڳئي وقت فيس بوڪ تي اهڙيون ڳالهيون به نظر اچن ٿيون، جيڪي دل ڏکوئيندڙ هونديون آهن ڪنهن حادثي جي خبر ڪنهن ظلم جي ڪهاڻي، غربت، بيماريءَ يا ناانصافيءَ جا منظر انسان کي اداس ڪري ڇڏين ٿا. ڪيترائي ماڻهو هڪ ٻئي تي تنقيد، الزام يا نفرت ڀريون ڳالهيون به ڪندا آهن جنهن سان سماج ۾ بيچيني وڌندي آهي.

فيس بوڪ اصل ۾ دنيا جوئي هڪ عڪس آهي جيئن حقيقي دنيا ۾ هر قسم جا ماڻهو، هر قسم جا خيال ۽ هر قسم جا حال هوندا آهن تيئن سوشل ميڊيا تي به سڀ ڪجهه موجود آهي هتي هر ماڻهو پنهنجي سوچ، پنهنجي طبيعت ۽ پنهنجي مرضي مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ڪو پنهنجي علم کي ڦهلائڻ چاهي ٿو، ڪو شهرت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ڪو ڪاروبار وڌائڻ چاهي ٿو ۽ ڪو صرف وقت گذارڻ لاءِ اچي ٿو انسان جي اها پراڻي خواهش رهي آهي ته دنيا سندس مرضيءَ مطابق هلي پر حقيقت اها آهي ته دنيا ڪنهن هڪ انسان جي خواهش تي نه هلندي آهي هر ماڻهوءَ جي پنهنجي سوچ، پنهنجا مفاد ۽ پنهنجا خيال هوندا آهن اختلاف راءِ زندگيءَ جو حصو آهن جيڪڏهن هر ماڻهو ساڳيو سوچي ها ته دنيا شايد بي رنگ ٿي وڃي ها. دنيا جي خوبصورتيءَ ئي ان ڳالهه ۾ آهي ته هتي مختلف سوچون، مختلف مزاج ۽ مختلف تجربا موجود آهن اسان کي گهرجي ته فيس بوڪ

اميدون، آسرا ۽ بجيٽ!


منظور ڪوسو

هر سال پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ سڄي سال جو حساب ڪتاب پيش ڪيو ويندو آهي جنهن کي بجيٽ سڏيو وڃي ٿو بجيٽ لاءِ دعويٰ ته اها ڪئي ويندي آهي ته هيءَ عوام دوست ۽ غربت جي خاتمي وارو بجيٽ آهي پر جڏهن ڪاغذي انگن اکرن کي ڇڏي زميني حقيقتن طرف نظر ڪنداسين ته اسان کي ان ۾ ڪائي عوام دوستي نظر نه ايندي هر سال جون مهيني ۾ مهانگائي ۽ مفلسي جي چڪي ۾ پيڙهيل ڪروڙين ماڻهو اميد ڀرين نظرن سان انتظار ڪندا آهن ته انهن لاءِ ڪي چڱا اعلان ڪيا ويندا پر هر سال ڪين اقتصادي اصطلاحن ۾ ويڙهيل سبز باغ ڏيکاريا وڃن ٿا. بجيٽ کان اڳ يا بجيٽ کانپوءِ ماڻهن جي معيارِ زندگي جي پيٽ ڪنداسين ته سنڌن معاشي حالتن ۾ ڪا تبديلي نظر نه ايندي، بجيٽ کان اڳ روڊن رستن ۽ چوراهن تي جيڪي معصوم ٻار نتهڻ اس ۾ پيرين اگهاڙي پِننداڏسين بجيٽ کانپوءِ به پِنندي رهيا هوندا. بي گهر مسڪين ماروئڙا ڦاٽل خيمن ۾ اڳ به بي گهر ۽ دربدرائپ واري حالت ۾ هئا، هاڻي به ساڳي حالت آهي. هڪ ويلي جي ماني کائڻ کانپوءِ ٻئي ويلي جي فڪر ۾ جهرندڙ امڙ اڄان به ’سدا آهي ساهه کي ڳِيي جي ڳولا‘ واري جيءَ جهوريندڙ تصوير بڻيل آهيا تعليم ۽ اسڪول جهڙين سهولتن کان گهڻو پري لکين ٻارڙا، ڪي هٽ تنگي ڀيا پنن کي ڪيتن. گيراجن هوٽلن ۽ وڏن ماڻهن جي گهرن ۾ پورهيو پيا ڪن نه پيئڻ لاءِ صاف پاڻي نه ئي علاج لاءِ اسپتالون سرڪاري اسپتالون ڊاڪٽرن ۽ دوائن کانسواءِ فقط عمارتن تي مشتمل آهن جيڪڏهن ڪو غريب سرڪاري اسپتال پهتو ته بدبودار جنرل وارڊ ۾ آلوده بيڊ تي گهڻن ڏينهن اينلڙ منٿن کانپوءِ داخل ڪيو ويندو پوءِ اتي ملڪ مرڻ جو انتظار ڪندس پر جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏني بچي ويو ته ڪنهن انفيڪشن جو شڪار ٿي ٽي چار ٻيون بيماريون پاڻ سان گڏ کڻي ڳوٺ روانو ٿي ويندو اتر سنڌ ۾ هڪ به اسپتال آهن جنهن جو سنڌ سرڪار وڏي فخر سان ذڪر ڪندي آهي. جيئن گمس يا اين آءِ سي وي ڊي سکر پر اتي به عام ماڻهوءَ سان وڏي ويڌن آهي جوڻ جو مقصد اهو آهي ته بجيٽ ۾ ڪيترائي دل لڀائيندڙ انگ اکر چونه ڏيکاريا وڃن پوءِ به ماڻهن جي دردن جو درمان ڪونه ٿو ٿئي

عالمي بئنڪ پاڪستان ۾ روزانو 1200 روپيا ڪمائڻ واري جو شمار غربت ۾ ڪندي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته پاڪستان ۾ غربت جي شرح 44.7 في سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي، جنهن ۾ 16.5 سيڪڙو آبادي انتهائي غربت جو شڪار آهي، سرڪاري سطح تي جاري ڪيل انگن اکرن موجب غربت جي سطح 29 في سيڪڙو ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن ۾ ماهوار آمدني 8500 کان گهٽ آمدني وارا ماڻهو شمار ڪيا وڃن ٿا. بجيٽ تيار ڪندڙ اسان جا معاشي ۽ اقتصادي ماهر هاڻي 8500 ۾ اسان کي ڪنهن ڪٽنب جو ماهوار بجيٽ ته ناهي ڏيکارين. غربت اسان وٽ فقط هڪ معاشي مسئلو نه پر هاڻي psychological trauma بڻجي چڪو آهي، جڏهن ماڻهو زندگيءَ جون روزمره جون ضرورتون پوريون نه ڪري سگهندا ته آهي ذهني طور کهڙي ڪيفيت مان گذرندا هوندا، بنا ڪنهن وڏاءُ جي چئي سگهجي ٿو ته سرڪار کي ماڻهن جي ان تڪليف جو ذري برابر به احساس ڪونهي. سرڪاري انگن اکرن موجب قرض جي سطح ان حالت تي اچي پهتي آهي جو ملڪ جو

هر فرد 3 لک 33 هزار روپئي جو مقروض آهي. جنهن ملڪ ۾ روزانو 1200 ارب روپين جي ڪرپشن ۽ مالي بي ضابطگيون ٿينديون هجن اتي بجيٽ ماڻهن جي زندگين ۾ ڪهڙو سڌارو آڻي سگهندي؟ اسان جي سرڪاري اقتصادي ماهرن جو سڄو خيال ان طرف هوندو آهي ته ڪئين به ڪري بجيٽ عالمي سيٽ IMF جي ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيو وڃي. اِهو هڪ اهڙو عالمي مالياتي ادارو آهي جنهن جي قرض کانسواءِ اسان جو ساليانو بجيٽ تيار ٿي نٿو سگهي ۽ جڏهن اِهو اسان کي قرض ڏئي ٿو ته پنهنجي قرض اوڳاڙڻ جا رستا به کولي ٿو پوءِ مهانگائي ۽ ٽيڪسز جي صورت ۾ عوام کي هڏن تائين نپوڙي قرض وصول ڪيا وڃن ٿا. ڊسمبر 1958ع ۾ اسڪندر مرزا جي دور حڪومت ۾ آئي ايم ايف جا مقروض ٿياسين ته اڄ 66 سال گذرڻ کانپوءِ به اسان جو بجيٽ هن عالمي مالياتي اداري جي قرض ۽ شرطن شروطن کانسواءِ تيار نٿو ٿئي. جيڪڏهن هن ملڪ ۾ صحيح معني ۾ ڪو خوشحال آهي ته اها اسان جي اشرافيه آهي، جنهن جي دولت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهي ٿو ڇو ته دولت، سياست، معيشت جا پر پوري نظام تي اِهي قابض آهن. ان جي مقابلي ۾ غريب غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاسجندو پيو وڃي. معاشي ماهرن جا سيڱي انگ اکر بجيٽ تقريرون سڀ اسان جي اکين تي پر ڪروڙين ماڻهن کي فقط اهو ٻڌايو وڃي ته بجيٽ پيش ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ ڪهڙي تبديلي آئي. انهن کي ڇا مليو ۽ انهن ڪهڙو سک جو ساهه کنيون؟ 79 سال گذرڻ کانپوءِ به اسان سان گڏ يا اسان کانپوءِ جيڪي ملڪ آزاد ٿيا انهن جي معيشت ۽ انهن جي ماڻهن جي معيار زندگي جي پاڻ سان ڀيٽ ڪنداسين ته نهايت افسوس ٿيندو. روڊ رستا، پليون، وڏيون عمارتون، بادشاهي گيسٽ هائوس ۽ بيهون شاهي سرڪاري عمارتون ۽ انهن ۾ رهندڙ وزير مشير صلاحڪار ۽ بيوروڪريسي جي شاهانه اندازِ زندگي کي ڏسي ڪري ڪڏهن به ترقي جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي، اسان جو ملڪ بنيادي طور هڪ زرعي ملڪ آهي. اسان کي هاري، مزدور ۽ بين غريبن جي زندگي تي نظر ڪرڻي پوندي، تڏهن ئي خبر پوندي ته اسان ترقي جي ڪهڙي منزل تي پهتا آهيون. وسيلن جي غير منصفانه ورڇ، هڪ معمولي قسم جو آفيسر به اربين روپين جي ڪرپشن ۾ ملوث هجي ته اهڙين حالتن ۾ چوربازي ماڻهن جو رت چوسيندڙ نظام انهن کي ڇا ٿو ڏئي سگهي؟ سواءِ بيروزگاري، مفلسي، بيمارين ۽ بدامني جي. سياسي پارٽين جا نعرا نظريا ۽ منشور ڪڏهن به بکئي ماڻهن جو پيٽ ڀري نٿا سگهن. ان لاءِ مڪمل سماجي انصاف جي ضرورت آهي. گذريل تقريباً اٺ ڏهاڪن دوران اسان کانپوءِ آزاد ٿيندڙ ڪيترائي ملڪ معاشي ترقي، تعليم، صحت ۽ سماجي انصاف جي ميدانن ۾ گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن. ان پس منظر ۾ اهو سوال وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿو ته آخر اسان جي پاليسين، منصوبابندي ۽ حڪمرانيءَ ۾ ڪهڙي کوٽ رهي آهي، جيڪا اڄ به ڪروڙين ماڻهن کي بنيادي ضرورتن کان محروم رکيو ويٺي آهي؟

چار تراڙون چيلهه سان، ٻڌي ٻه ياڳون!


اسد رضا امامي

رسول خدا، سردارِ انبياءَ ۽ خاتم المرسلين ٻٽيو ته مقابلي ۾ شيطاني ڄاڙتا به قوت حاصل ڪري ميدان ۾ سندرا ٻڌي بيٺا. هڪ لک چوويهه هزار انبياءَ جي محنتن جو بار مديني واري سائينءَ جي ڪلهي تي آيو. ان محنتن ۽ تڪليفن جيڪي توحيد، خدا ۽ بقا ۽ ان جا سبب حيوان مان ٺهيل انسان لاءِ خاتم المرسلين بار ڪنيو ته جيئن انسان مان وري حيوان نه بڻجي پنهنجي زندگيءَ ۾ هر مهل ۽ موقعي تي اهڙو در ۽ دڳ ڏسيندو ۽ ڏيکاريندو رهيو ته هن در ۽ دڳ تي هوندا ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا. بلڪ قيامت ۾ حوضِ ڪوثر جي ڪپ تي مون وٽ پهچندا. ميدان عرفات تي جمعة الوداع جي وڏي عوامي ميڙ ۾ فرمايو ته آئون توهان وٽان وڃڻ وارو آهيان ۽ توهان وٽ ٻه وزني شيون ڇڏي ٿو وڃان: هڪ منهنجا ٻچا، يعني اهلبيت ۽ ٻيو الله جو قرآن.

اسلام جي پهرين دعوت ذوالعشيره کان وٺي غدير تائين وڏا اهتمام ڪندو رهيو. 28هين صفر تي سائين دارالبقا ڏي روانو ٿيو ۽ ماڻهن ۾ لڪل نفاق ظاهر ٿيڻ لڳو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو يزيد جهڙو حيوان خليفة المسلمين سڏائڻ لڳو. منبر رسول ﷺ تي ويهي قانون الاهي ۽ شريعت مصطفيٰ ﷺ جي مذاق ڪرڻ لڳو. حلال حرام توڙي جائز ناجائز نالي ڪو به دين نظام سسٽم نه رهيو. ايتري تائين جو جيڪو يزيد ڳالهائي، اهو دين جيڪو ان جي خلاف ڳالهائي، ان کي قتل ڪري ڇڏي. يا انهيءَ جي گهر کي باهه ڏئي ويندي هئي. هڪ طرف درباري چمچا چالاڪ چوير ۽ واڻا نئين سچ نيون نعمتون انعام ۽ اڪرام سچ ۽ سچار لاءِ ڦاهي ڦندو ۽ باهه جا الا هر طرف قبرستان جهڙي خاموشي انسان متجي حيوان نهڻ لڳو. هو ڪٿي ڪو انسان سوبه جهڙو هڏائون پجرو محراب ۽ منبر جيڪا ان دور جي ميڊيا هئي اها يزيدي نعمتن سان مالا مال هئي. باقي سيرت مصطفيٰ ﷺ عزتِ انسان انبياءِ ڪرام جون محنتون جڻ ماضيءَ جو ڪو قصو هو يزيد پاڻ کي آل رسول ﷺ سڏائي عظمتِ دين ۽ عظمتِ اهلبيت کي هڙپ ڪري 35 سالا شامي حڪومت فوجي حڪم ۽ دولت تي فخر ۾ ايترو ته انڌو ٿي ويو جو هڪ ٻاندر مري ويو ته يزيد ان جو تڏو ڪيو ۽ تعذيتون وصول ڪيون. گورنر اچن ته ٻاندر لاءِ پار ڪڍي روئن ته جيئن يزيد جي خوشيءَ ۾ اضافو ٿئي. اهڙي ڏاڍ، ڏهڪاءَ ۽ ظلم جي زيردست تلوار جي سايي ۾ حضرت انسان پساهه پيو کڻي.

ٻئي طرف مدينة النبي ۾ هزارين نبوت جا ديوانا پڻ خاموشي اختيار ڪيو ويٺا هئا. ليڪن محلا بنو هاشم مان رسول الله ﷺ جن جي ڪلهن جو سوار علي ۽ بتول جو لختِ جگر، شجاعت ۽ جُرئت جو پانڌار يزيد خلاف بغاوت جو علم کنيو. مديني ۾ هزار کان مٿي صحابہ، تابعي، تبع تابعي، عالم، حافظ، اسڪالر ۽ اڪابر گهرائي انهن آڏو حالات بيان ڪيا پر انهن ۾ به قبرستان جهڙي خاموشي هئي، ليڪن جن جي رڳن ۾ علي مولا عہ جو خون ۽ بتول بيبيءَ جو کير هجي، اهو ڪيئن ٿو خاموش رهي سگهي؟ 28 رجب سن 60 هجريءَ تي مديني مان نڪرڻ مهل جابر بن عبدالله انصاري خدمت ۾ حاضر ٿيو فرمايو يا ابن رسول الله مون توهان جي ناني کان ٻڌو هو ته منهنجي پٽ حسين کي عراق جي ڌرتيءَ تي قتل ڪيو ويندو. ان لاءِ توهان مهرباني فرمائي سفر تي نه وڃو مولا حسين عہ فرمايو ڇاجا حديث پوري فرمايو. ائين چوڻ سان جابر زمين تي ويهي پيرن تي هٿ رکي چيو ها سردار تنهنجو نانا فرمائي ويو هو ته عراق لاءِ وڃي ته ڪيس نه جهلجوس.

مولا 5 شعبان تي مڪي پهتا. اتي به حالاتِ حاضره تي گهري نظر ۽ ماڻهن کي معلومات ڏيڻ ۽ ڄاڻائڻ لاءِ حڪمت عملي مطابق سرگرم رهيا. ليڪن جنت جا طلبگار جنت جي سردار کان جدا ٿي جنت لاءِ مڪي پئي ويا. 2 محرم الحرام تي مظلوم امام نينوا، يعني ڪربلا پهتا. هزار سپاهين سان حر بن رياحي سندن رستو روڪيو. ڳالهيون ٿينديون رهيون ته ڪو نجات انسان جو دڳ نڪري. ٻئي طرف يزيدي فوج ۾ اضافو ٿيندو رهيو. 6 محرم الحرام تي يزيدي فوج 30 هزار جي تعداد تي پهتي وقت جي ظالم جابر عبيدالله ابن زياد کي بصره مان بدلي ڪري ڪوفي جو گورنر ڪيو ويو. سپهه سالاري جليل القدر صحابي سعد بن ابي وقاص جي پٽ عمر بن سعد جي حوالي ڪئي وئي عمرو ري جي حڪومت لاءِ پيو تڙپندو هو. ان سمجهيو ته قتل حسين عيوض حڪومت ملڻ غنيمت آهي.

ڪربلا شيعه، سني جنگ نه پر مفادپرستي، نوڪري وٺڻ وارن، عهدا ۽ مال ميڙيندڙن، حريصن ۽ جانثارانِ اسلام جي درميان هئي 9 محرالحرام جي رات تائين مولا حسين عہ ۽ عمر بن سعد جون ملاقاتون ٿينديون رهيون. ليڪن مولا حسين عہ آخري ملاقات مان معلوم ڪيو ته هيءُ مون کي ڪهڙي طرح به قتل ڪندا. لطيف سرڪار جڻ ته مديني کان مولا حسين عہ سان گڏ هئا ۽ ڪربلا تائين ساٿ نڀايائون. ڳالهين جا در بند ٿيڻ بعد مولا حسين اهڙي جرئت، شجاعت ۽ بهادريءَ سان پنهنجو لشڪر تيار ڪري فاتح خيبر جو پڳدار ميدان ۾ آيو ته مرشد لطيف فرمايو:

چار تراڙون چيلهه سان، ٻڌي ٻه ياڳون،
چار تَراڙيُون چيلهه سين، ٻڌي ٻه ياڳون،
اڳين جُون اڳون، ڪُوٺر ڪلي ۾ موڪيُون (سُر ڪيڏارو)

يعني چار تراريون چيلهه سان ٻڌي ۽ ٻه پڳون ٻڌي ميدانِ ڪربلا ۾ نڪري پيا آهن. پنهنجن وڏڙن ۽ مٿن مائٽن جون: جيڪي جنگ ۾ وڙهڻ وارا داءُ، پيچ ۽ هنر سڀ هلائي پاڻ کي سرخرو ڪيو ۽ ميدان ملهايو.

مطلب ته چار تراڙون، يعني هڪ تلوار سردارِ انبياءِ ﷺ جي، ٻي تلوار پنهنجي پيءُ مولا علي عہ جي ۽ ٽين تلوار پنهنجي ڀاءُ حسن مجتبيٰ عہ جي ۽ چوٿين تلوار پنهنجي ڪنيائون. هڪ پڳ پنهنجي ناني ۽ ٻي پڳ پنهنجي بابا جي ٻڌي عصرعاشور ميدان ۾ آيا ته جڻ ٽن ڏينهن جو بکيو آهي ۽ نه ٽن ڏينهن جو اڃيو آهي نه عباس جو گهاءُ اٿس. نه اڪبر جو جگر ۾ زخم اٿس ۽ نه ئي يزيدي لشڪر جي گهڻائي ڏسڻ ۾ ٿي اچيس.

ماري مصرين سان ڀونڊ ڪيائون ڀير،
عليءَ پٽ امير ڪندا راڙورڪ سين (شاهه لطيف)

مولا حسين عہ جي شهادت سبب امت ۾ سجاڳي ۽ بيداري پيدا ٿي، ضعيفن ڳالهائڻ شروع ڪيو، تحريڪن جنم ورتو بنو اميه جي ڪوڙي دعويٰ نيست ونابود ٿي، ليڪن ڪربلائي عاشور نئون سچ ۽ نئون پيغام کڻي آيو. ڪربلا مان نڪري پوءِ مظلومن کي طاقت، توانائي ۽ جرئت بخشي ٿو ۽ روزِ عاشور ائين ٿو لڳي، جڻ ته ڪربلا هينئر ٿي آهي. انشاءُ الله اهو ڏينهن پري ناهي جو ظلم ۽ ظالم تباهه ٿيندا ۽ مسڪين ۽ مظلوم سِر اوچو ڪري زندگي گذاريندا.

سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو آخر ڪيستائين؟


خالد ڀانڀڻ

هر سال جڏهن به جون جو مهينو ايندو آهي ته پيئڻ سان گڏ فصلن جي پوکيءَ جي لاءِ پاڻيءَ جو مسئلو منهن ڪيندو آهي، جنهن تي شديد عوامي ردعمل شروع ٿيندو آهي اهو معاملو اقتداري ايوانن کان وٺي ڳوٺن شهرن، رستن روڊن تي نڪري اچي احتجاجن جي شڪل اختيار ڪندو آهي ڇو ته پاڻي زندگي آهي، جياپو آهي ڌرتيءَ تي سک ۽ سڪون سان ساهه کڻڻ جي ضمانت آهي پاڻي هوندو ته هر ساهه واري شيءِ ساهه کڻندي پاڻي نه هوندو ته بربٽ، بيابان ۽ ويراني هر پاسي هوندي، جنهن ۾ ڪو به رنگ ۽ رونق ناهي هوندي. ان جي ڪري سنڌ جي لاءِ سنڌو درياهه جياپي جو آخري سهارو آهي، جنهن تي ڌاڙو سنڌ جو عوام برداشت ڪري ئي نٿو سگهي مان توهان کي ٻڌايان ته هن وقت سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ 47 سيڪڙو تي پهچي وئي آهي اسان سان گڏ سفر ڪندڙ بلوچستان به 38 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ ڪٽي رهيو آهي ٻئي طرف نگاهه ڪريو ڪوٽڙي بئراج تي پاڻيءَ جي کوٽ 62 سيڪڙو کان ٽپي وئي آهي ته وري گڊو بئراج وٽ کوٽ 47 سيڪڙو تي پهچي وئي آهي جڏهن ته سکر بئراج 38 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي ٻئي طرف اها ڪمال جي حقيقت آهي ته سنڌو درياهه تي پنجاب تڪراري ڪينالن ذريعي پاڻيءَ جي ڪٽ وارو سلسلو برقرار رکيو ويٺو آهي هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. آبادگارن جا مٿي تي هٿ اچي ويا آهن انڊس ڊيلٽا جون خبرون آهن ته پکي ۽ جهنگلي جانور اڄ مرڻ لڳا آهن ٻئي طرف وري صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ لاءِ قائم اداري انڊس ريور سسٽم اٿارٽي (ارسا) سنڌ ۽ بلوچستان کي سندن حصي جو پاڻي ڏيارڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهيو آهي.

سنڌ ۾ سنڌو درياهه تي آخري بئراج ڪوٽڙي (غلام محمد بئراج) تي پاڻيءَ جي کوٽ 62 سيڪڙو کان به وڌي وئي آهي ابپاشي کاتي جا ذريعا چون ٿا ته موجوده ڏهاڙن ۾ 1991ع واري پاڻي معاهدي تحت ڪوٽڙي بئراج کي 26 هزار 900 ڪيوسڪ پاڻي ملڻ گهرجي پر هن وقت ڪوٽڙي بئراج تي پاڻيءَ جي آمد رڳو 12 هزار 425 ڪيوسڪ آهي اتان نڪرندڙ جڻن ڪينالن کي 1400 کان 4000 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي ۽ پاڻيءَ جي شديد کوٽ سبب ڪوٽڙيءَ ڊائون اسٽريم ۾ هڪ ڦڙو به نه ڇڏيو پيو وڃي انهيءَ صورتحال جي ڪري ڪوٽڙيءَ کان ڪاري ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر تائين 280 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ پکڙيل انڊس ڊيلٽا پاڻيءَ جي ڦڙي لاءِ ترسي رهيو آهي انڊس ڊيلٽا ۾ پاڻيءَ بدران واري اڏامڻ جي نتيجي ۾ پکي ۽ جانور اڄ مري رهيا آهن ساڳئي وقت سکر بئراج تي پڻ پاڻيءَ جي کوٽ 38 سيڪڙو سان پاڻيءَ جو بحران برقرار آهي تازن انگن اکرن موجب سکر بئراج تي پاڻي جي آمد 65 هزار 520 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته هيٺ ڪوٽڙي ڏانهن پاڻيءَ جو نيڪال 27 هزار 680 ڪيوسڪ آهي سکر بئراج مان نڪرندڙ ستن ئي ڪينالن کي گڏيل طور تي ضرورت کان 30 سيڪڙو گهٽ پاڻي ڏنو پيو وڃي سنڌ جي آبپاشي کاتي موجب سکر بئراج جي ڪاٻي ڪپ واري نارا ڪينال کي 13 هزار 75 ڪيوسڪ پاڻي ملڻ گهرجي پر ان کي 17 سيڪڙو ڪوٽ سان 10 هزار 800 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو پيو وڃي خيرپور فيڊر ايسٽ ڪينال کي 2 هزار 150 ڪيوسڪ بدران 20 سيڪڙو ڪوٽ سان 1720 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي روهڙي ڪينال کي 15 هزار 845 ڪيوسڪ بدران 35 سيڪڙو ڪوٽ سان 10 هزار 500 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته خيرپور فيڊر ويسٽ ڪينال کي 2 هزار 75 ڪيوسڪ بدران 37 سيڪڙو ڪوٽ سان 1360 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي سکر بئراج جي سڄي ڪپ مان نڪرندڙ نارٿ ويسٽ (کيرٿر) ڪينال کي 6 هزار 260 ڪيوسڪ پاڻي ملڻ گهرجي پر ان کي 52 سيڪڙو ڪوٽ سان صرف 3200 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ بلوچستان جو حصو به شامل آهي سنڌ جي ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾ گڙنگ ريگيوليٽر وسيلي بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ بدران 71 سيڪڙو ڪوٽ سان صرف 547 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو پيو وڃي بلوچستان هن وقت مجموعي طور تي 38 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ ڪٽي رهيو آهي رائيس ڪينال کي 8 هزار 700 ڪيوسڪ بدران 44 سيڪڙو ڪوٽ سان 6800 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته دادو ڪينال کي 4 هزار 995 ڪيوسڪ بدران 76 سيڪڙو ڪوٽ سان فقط 1460 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي ڪري اتر سنڌ ۾ چانورن جي پوکائي سخت متاثر ٿي رهي آهي گڊو بئراج تي سراسري طور 47 سيڪڙو پاڻي جي کوٽ آهي، جتي پاڻيءَ جي آمد 92 هزار 170 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته سکر بئراج ڏانهن 72 هزار 156 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو آهي گڊو بئراج جي ڪهاڻي به ساڳي آهي. گڊو بئراج مان نڪرندڙ گهوٽڪي فيڊر کي 27 سيڪڙو ڪوٽ سان 6 هزار 741 ڪيوسڪ، بيگاري سنڌ ڪينال ۾ 58 سيڪڙو ڪوٽ 6 هزار 380 ڪيوسڪ ۽ ڊيزرٽ پٽ فيڊر ڪينال ۾ 47 سيڪڙو ڪوٽ سان 7 هزار 239 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو پيو وڃي هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پاڻيءَ جي سخت کوٽ جي ڪري زرعي ۽ ماحولياتي نظام کي سخت خطرا نظر اچي رهيا آهن ان جي ابتڙ پنجاب پاڻيءَ جي کوٽ ۾ شامل هجڻ باوجود تڪراري چشما جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي 26681 ڪيوسڪ وڌاءُ پاڻي کڻي رهيو آهي.

ان حوالي سان آبپاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان پاڻيءَ جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته پنجاب چشما بئراج تان تڪراري سي جي لنڪ ڪينال ذريعي 16 هزار 500 ڪيوسڪ پاڻي زبردستي کڻي رهيو آهي. جيڪو ڪوٽڙي بئراج جي وهڪري جو 30 سيڪڙو کان به وڌيڪ آهي اهڙيءَ طرح تونسا بئراج تان تڪراري تونسا-پنجند (ٽي پي) لنڪ ڪينال ذريعي پنجاب 10 هزار 181 ڪيوسڪ پاڻي کڻي رهيو آهي پر ارسا ناانصافيءَ جي خلاف ڪو به صوبو قدم نٿو کڻي صوبن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ باوجود ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ وارو سلسلو پڻ هلندڙ آهي هڪ پاسي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ آهي ته ٻئي طرف سنڌو درياهه تي تربيلا ڊيم ۾ 7 جون تائين روزاني بنياد تي لڳ ڀڳ هڪ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو رهيو آهي جڏهن ته جهلم دريا تي منگلا ڊيم ۾ پاڻيءَ جي سطح 1172 فوٽن تي پهچڻ باوجود اڃان تائين پاڻي ذخيرو ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي سنڌ ۽ بلوچستان جي آبپاشي کاتن پاران ارسا کي احتجاجي خط لکڻ کان پوءِ تربيلا ڊيم جي سطح 1449 فوٽن تائين پهچڻ تي پاڻي ذخيرو ڪرڻ بند ڪيو ويو آهي هوڏانهن سنڌ حڪومت ارسا کان مطالبو ڪيو آهي ته صوبي کي هڪ لک 45 هزار ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو وڃي ته جيئن موجوده کوٽ تي ضابطو آڻي سگهجي ۽ بلوچستان کي به سندس مڪمل حصو ملي سگهي.

پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي صورت ۾ ڪراچيءَ ۾ به پيئڻ جي پاڻيءَ جي بحران جو خدشو آهي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۽ آبادي توڙي ايراضيءَ جي ڀيٽ کان پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي لاءِ حب ندي کان پوءِ سنڌو درياهه پاڻي جو ٻيو وڏو ذريعو آهي ڪوٽڙي بئراج مان ڪلري-بگهاڙ ڪينال ذريعي پاڻي ڪينجهر ڍنڍ تائين پهچايو ويندو آهي جتان ڌاٻيجي پمپنگ اسٽيشن وسيلي ڪراچيءَ کي پيئڻ جو مٺو پاڻي ڏنو ويندو آهي پر هن وقت خود ڪلري بگهاڙ ڪئنال 58 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي ٻئي طرف مستقبل جي ڪيفور رٿا پڻ ڪينجهر ڍنڍ سان لاڳاپيل آهي ڪوٽڙي بئراج تي 62 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻي جي کوٽ سبب ايندڙ ڏينهن ۾ ڪراچيءَ کي پاڻي جي فراهمي پڻ سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي پاڻيءَ جي ورڇ ۾ سنڌ سان ناانصافيءَ تي ماهرن ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي.


ارسا جي ميٽنگ ملي پڳت سبب پنجاب طرفان پاڻيءَ جي ورڇ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان سان ناانصافيءَ تي سنڌ جي آبپاشي ۽ ماحولياتي ماهرن سخت ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي آهي ته خريف جي موسم دوران سنڌ وٽ پنهنجي ضرورت جو پاڻي موجود ناهي. جڏهن ته ڊيمن ۾ ربيع لاءِ پاڻي ذخيرو ڪيو پيو وڃي، جيڪو 1991ع جي پاڻي معاهدي جي ڪليل خلاف ورزي آهي صوبن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ئي ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ٿيڻ گهرجي هاڻوڪي صورتحال مان لڳي ٿو ته ڪوٽڙي بئراج سڄو جون مهينو پاڻيءَ لاءِ ترسندو رهندو، ڇاڪاڻ ته تونسا بئراج تي پاڻي جو وهڪرو هڪ لک 30 هزار ڪيوسڪ تائين پهچڻ کان پوءِ به 22 ڏينهن لڳندا ته پاڻي ڪوٽڙي تائين پهچي سگهندو سنڌ جا پاڻي ماهر پڻ ايندڙ ڪجهه وقت ۾ ڳڻتيءَ واري صورتحال پڌائي چئي رهيا آهن ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي باوجود پنجاب پاران سي جي ۽ ٽي پي تڪراري لنڪ ڪينالن ذريعي جهلم ڀورڻ لاءِ 28 هزار ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي حاصل ڪرڻ سنڌ سان دشمنيءَ برابر آهي سنڌ سرڪار کي رڳو وفاق کي خط لکڻ تي پاڙڻ بدران ارسا خلاف سخت موقف رکڻ گهرجن سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ختم ٿيڻ تائين پنجاب جي تڪراري ڪينالن ۾ پاڻي ڇڏڻ بند ڪرائڻ گهرجي ماهرن موجب پاڻيءَ جي شديد کوٽ سبب ماحوليات کي نقصان پهچڻ سان گڏ لکين ايڪڙن تي چانورن جي پوک ۾ دير ٿي رهي آهي. جڏهن ته ڪيهه، ڪمند ۽ انب، ليمن ۽ ڪيڇين جي باغن کي پڻ سخت نقصان پهتو آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 14 جُون

حڪيم محمد صالح ڪانڊرو

سن ضلعي ڄامشوري جي هن مشهور حڪيم جو جنم 14 جون 1912ع تي ٿيو ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين طبي ڪاليج اسلام آباد مان طب جي سند به حاصل ڪيائين سائين جي ايم سيد جو ساٿاري هو. 1971ع ۾ شيخ مجيب الرحمان جي دعوت تي سائين جي ايم سيد هڪ وفد بنگلاديش موڪليو، جنهن ۾ حڪيم محمد صالح ڪانڊرو به شامل هو هن سن ۾ شاهه حيدر ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ سوسائٽيءَ پاران ڪيترن ئي غريب شاگردن جي ملي سهائتا ڪئي هن 3 ڪتاب لکيا، جن ۾ ”مجربات صالحين“، ”تجربات صالحين“ ۽ ”صحبت صالحين“ شامل آهن هن 12 نومبر 1996ع تي وفات ڪئي.

اهرڪيو گورڙ



سنڌ جي هن نامور تعليمي ماهر ۽ سماج سڌارڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1935ع ۾ تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جي شهر سوجهري گورڙ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان پاس ڪيائين بي ايڊ جي سند پنجاب يونيورسٽيءَ مان ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات آبپاشي کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ان بعد پهريائين ڳوٺ سڏار کاتي ۾ ۽ پوءِ بنيادي جمهوريت واري کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ مقرر ٿيو. 1962ع ۾ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن جو هيڊ ماستر ۽ پرنسپال رهيو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا، جن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي اسڪولن جو قيام، پوسٽ آفيس، جانورن جي اسپتال، زرعي آفيس، رورل هيلٿ سينٽر واٽر سپلاءِ اسڪيم ۽ پيا پلاٽيءَ جا ڪم شامل آهن هو هڪ سٺو ليکڪ به هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”جيون

انگريز سرڪار جون حر جماعت خلاف ٿهري ڪارروايون پنهنجي عروج تي هيون ۽ هزارين حرن کي لوڙهن ۾ بند ڪيو ويو هو حاجي ولي محمد به پنهنجي ابتدائي تعليم انهن لوڙهن ۾ حاصل ڪئي هن مئٽرڪ جو امتحان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول سانگهڙ مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1958ع ۾ اسسٽنٽ ماسٽر طور ڪئي اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيائين جن ۾ سب ڊويزنل ايجوڪيشنل آفيسر شهدادپور، نئين روشني پراجيڪٽ ۾ ڊي پي ايم، مسجد اسڪولن جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر شامل آهن

حاجي عالم شير گبول



لاڙ جي هن مشهور شاعر ۽ سگهڙ جو جنم 14 جون 1947ع تي ٺٽي ضلعي جي شهر ميرپور ساڪرو ويجهو ڳوٺ صابو خان گبول ۾ ٿيو هن اسٽيل مل ۾ نوڪري ڪئي ۽ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ گلشن حديد جي سامهون سمند ڪناري جبلي ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين هن کي ننڍي هوندي کان ئي سگهڙائپ ۽ شاعريءَ سان دلچسپي رهي شاعريءَ ۾ شمشاد ساڪرائيءَ کان اصلاح وٺندو رهيو شاعريءَ ۾ سندس تخلص علم آهي هن جي شاعريءَ جو مجموعو ”رهائيون روح وارن جون“ 2010ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

خيرالنساء مغل

اڄ مشهور سياستدان خيرالنساء مغل جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن جو جنم

منعقد ڪراچي هوءَ 2013ع ۾ عورتن جي مخصوص سيٽن تي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر منتخب ٿي هوءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي.


مختيار انڙ

صفيه ڪنول ابڙو



اڄ مشهور شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره صفيه ڪنول ابڙو جي جنم جو ڏينهن آهي هن سنڌ جي تاريخي شهر نصيرپور ۾ محمد طيب ابڙي جي گهر ۾ 14 جون 1969ع تي اکيون کوليون هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي شهر نصيرپور مان حاصل ڪئي ان بعد بي اي جو امتحان ايس ايم آرٽس ڪاليج ٽنڊو الهيار مان پاس ڪيائين ننڍي هوندي کان ئي ادبي ڪتاب پڙهڻ جو شوق هئس هن جي پهرين ڪهاڻي ”مظلوم“ ”عبرت مئگزين“ ۾ شايع ٿي ان بعد هن جون لکڻيون (شاعري ۽ ڪهاڻيون) سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”چنڊ چهرو ڪنول“ پڻ ڇپجي چڪو آهي

وفا امير بخش سومرو



لاڙ جي هن پلوڙ شاعر 14 جون 1971ع تي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس ولد جو نالو عبدالرحمان سومرو آهي هن بي ايس سي تائين تعليم حاصل ڪئي هن کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هو مشهور

سعيد ولد محمد اسماعيل ميمڻ آهي هن سماجيات، صحافت ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون آهن هن ڪيترائي نثري نظم، ڪهاڻيون ۽ نظم لکيا آهن هڪ ناول پڻ تحرير ڪيو اٿس پاڻ سنڌي ادبي سنگت موري شاخ جو سرگرم ميمبر آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا انهيءَ شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي



عبدالوهاب ناظر طيبائي

هن ادب دوست انسان جو جنم 2 آڪٽوبر 1905ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن شڪارپور جي ورنيڪيولر اسڪول نمبر 2 مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات بئراج کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ۽ اڳتي هلي ساڳئي کاتي ۾ هيڊڪلارڪ مقرر ٿيو ادبي دنيا ۾ هو هڪ شاعر ۽ مضمون نگار طور ياد ڪيو وڃي ٿو هو لاڙڪاڻي مان جاري ٿيندڙ ماهوار رسالي ”اديب سنڌ“ سان سلهاڙيل هو ۽ انهيءَ رسالي جي ڇپائيءَ ۾ ڪارائتو ڪردار ادا ڪيائين. هو طرحي مشاعرن ۾ به شوق سان شرڪت ڪندو هو هن 14 جون 1962ع تي دم ڏٺيءَ حوالي ڪيو.

نور گهلو



اڄ مشهور ليکڪ نور گهلوءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نثليوليري ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، نقاد ۽ شاعر جو جنم پهرين جنوري 1949ع تي دادوءَ ۾ ٿيو هن هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر ۽ ايجوڪيشنل آفيسر طور ڪم ڪيائين هن جو پهريون نظم لاڙڪاڻي مان شايع ٿيندڙ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 74 سال 2026

مسمات افشان زال مسلم ڌيءُ بشير احمد گاڏهي ويٺل ڳوٺ ماڻو خان گاڏهي تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ...پلينٽف .بخلاف .. مسلم ولد محمد يعقوب ذات ڏيپر ويٺل ڳوٺ قادر بخش بندرو بچل شاخ ويجهو راڄ واه تعلقو ميهڙ ضلعو دادو.. ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رهيل خرچ ۽ ايندڙ مهينن جي خرچ پنهنجو ۽ ٻارن بابت لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 19-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2026

مسمات مهوش زال نصيراحمد ڌيءُ تاج محمد مشوري ويٺل ڪور مير محمد تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ...پلينٽف .بخلاف .. نصير احمد ولد محمد شريف ذات مشوري ويٺل ماڇي ڳوٺ ڪراچي حال ڳوٺ ڪور مير محمد تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو.. ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ خرچ پنهنجو ۽ ٻارن جو عدت جو خرچ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 19-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 66 سال 2026

مسمات عروسا زال مرتضيٰ ڌيءُ منظور ذات لانگاه ويٺل ڪوزو تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو..پلينٽف .بخلاف .. مرتضيٰ ولد غلام جيسر ويٺل ڳوٺ قاضي ڪولاچي موري تعلقو ميهڙ ضلعو دادو.. ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ خرچ بابت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 16-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 24 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 627 سال 2025

(1)مسمات نصيبان زال مهراب علي (2) عاليه ڌيءُ مهراب علي (3)Chagli ڌيءُ مهراب علي (4) علي شير ولد مهراب علي رهندڙ منو آباد نوابشاه..پلينٽف .بخلاف .. مهراب علي ولد الله داد رهندڙ ڳوٺ جمعون ڪوسو ديهه 18 داد نوابشاه..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف زير قلم (13)3 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 111 سال 2026

شريمتي خوشبو..پلينٽف .بخلاف .. اويناش ڪمار اوڙ راجپوت ولد اوم پرڪاش اوڙ راجپوت رهندڙ ڪيلاش جنرل اسٽول هيبي هومز چوڪ علمدار روڊ قاسم آباد حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ميتينس ۽ ٻراري آرٽيڪلز بابت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي گلزار احمد قاضي ولد محمد اسماعيل قاضي رهندڙ مرزا پاڙو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد اسماعيل ولد محمد صديق تاريخ 21-02-1995 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 14/1.2 ،449.13 ايراضي حصي موجب ديهه وڏه ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسي عام / بيان ۾ ڏني آهي (1) گلزار احمد قاضي (پٽ) (2) نذير قاضي (پٽ) (3) مسمات ياسمين قاضي (ڌي) (4) نذير قاضي پٽ محمد اسماعيل مورخ تاريخ 25-05-2023 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث دانيال احمد (پٽ) (2) دانش احمد (پٽ) (3) نظير جان (پٽ) آهن جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد ياسر سومرو ولدمحمد جمن سومرو رهندڙ گهر نمبر 11/1412 ڊفينش سوسائٽي حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات فهميده سومرو زال محمد جمن سومرو تاريخ 16-03-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 258،36،37،259،541،257 ايراضي حصي موجب ديهه پنهواري ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ۾ ڏني آهي (1) محمد ياسر سومرو (پٽ) (2) مسمات ثروت ڪوثر (ڌي) (3) مسمات آصفيه سومرو (ڌي) آهن جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي نصير احمد ولد عبدالعزيز درخواست ڏني آهي ته هن جو ڀاءُ نالي عمران ولد عبدالعزيز جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه سونهر ٽپو بدين تعلقه بدين ما سروي نمبر 205_28 مان ايراضي 5700 سڪو چورس فوٽ پلاٽ.مان حصو ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جي فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٽي لاءِ جلسي عام عابد ٽائون شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي عمران ولد عبدالعزيز جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 بشير احمد ڀاءُ فوتي جو 2 شهزاد علي ڀاءُ فوتي جو 3 نصير احمد ڀاءُ فوتي جو 4 ساجده پروين ڀيڻ فوتي جي 5 شاهده پروين ڀيڻ فوتي جي 6 صائما گل جبين ڀيڻ فوتي جي 7 مسمات بلقيس بيگم ماءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته آئون نالي سيد محمد شاه ولد نالي سيد ڪمال شاه بخاري پنهنجي والد نالي سيد ڪمال شاه بخاري ۽ پنهنجي ڀاءُ نالي سيد اسد شاه ولد ڪمال شاه بخاري ۽ پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرن سان لاتعلقي جواظهار ڪري رهيو آهيان منهنجو انهن جي ڪنهن به قول فعل سان ڪنهن به قسم جو ڪو واسطو نه آهي آئون 08 سالن کان الڳ رهندڙ آهيان منهنجي انهن جي ڪنهن به قسم جي سرگرمي سان ڪوبه واسطو نه آهي اهي سڀ پنهنجي ٻري ڀلي جا پاڻ ذميوار هوندا اهي پنهنجي ڏيتي ليتي ڦڏي فساد، ڪنهن به قسم جي غير قانوني سرگرمي جا پاڻ ذميوار هوندا وڌيڪ منهنجوهي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

سيد محمد شاه ولد سيد ڪمال شاه بخاري
شناختي ڪارڊ نمبر 4130684739625

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي نويد اختر ولد سعيد احمد آرائين درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي سعيد احمد ولد الله ڏنه آرائين جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقه بدين ما سروي نمبر 105 موجب آهي ايراضي حصي موجب 1508 سڪو چورس فوٽ پلاٽ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٽي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي سعيد احمد ولد الله ڏنه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نويد اختر پٽ فوتي جو 2 علي رضا پٽ فوتي جو 3 فرزانه سعيد ڌيءُ فوتي جي 4 شبانه سعيد ڌي فوتي جي 5 مسمات ساجده زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

بقايا 1 ٻاران نوٽيس

سبب رستي ۾ ئي دم ڏئي ڇڏيو جنهن حوالي ڪيو جڏهن ته ڊرائيور عبدالله ميتلو جو علاج جاري آهي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پنوعاقل لڳ دهشتگرديءَ جهڙو واقعو ٻلاڄي چوڪ قومي شاهراهه تي ڏينهن ڏٺي هٿيارٻندن جي ڪار تي انڌا ڌنڌ فائرنگ، ڪار ۾ سوار ٽريچ واسي وڏيرو غلام حسين ڪلهوڙو ۽ سندس دوست عبدالله ميتلو زخمن جا سور نه سهندي حياتي وڃائي ويٺا علائقو ۾ خوف حراس پکڙجي ويو پوليس طرفان جوابدارن جي ڳولا لاءِ وسيع ناڪابندي ۽ مختلف علائقن ۾ ڇاپا جاري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران پنوعاقل ۾ فائرنگ واري واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ سندس ڊرائيور جي قتل تي وڏي وزير پاران افسوس جو اظهار وڏي وزير آءِ جي سنڌ پوليس کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي. مراد علي شاهه جي هدايت امن امان جي صورتحال تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو مقتولن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون مراد علي شاهه

بقايا 2 زال مڙس گرفتار

ڪرائي ورتي جڏهن ته ڪارروائي دوران هڪ ناري شهلا پٽي ۽ سندس مڙس عرفان پٽي کي پڻ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب اسلام آباد کان ڪراچي ايندڙ مسافر ڪوچ جي تلاشي دوران قاضي احمد وٽ چيڪنگ دوران ٻارن کي هٿ ڪري ناري ۽ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ بعد کين سنڌ هائي ڪورٽ ميرپورخاص ۾ پيش ڪري واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس موجب ٻارن جي بازيابي لاءِ انٽيليجنس اطلاع تي قاضي احمد ۾ ڪارروائي ڪئي وئي جتان ٻارن کي بحفاظت هٿ ڪري ورتو واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ مختلف رخن کان تحقيقات ڪئي پئي وڃي

بقايا 3 16ڄڻا زخمي

ڪنٽرول ڪرايو ۽ زخمين کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو جڏهن زخمين ۾ محرم علي جلباڻي ،جابر علي جلباڻي ،قاصرخان جلباڻي مسمات ماجدان جلباڻي ،مسمات شامئلا جلباڻي ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا 4 ڪهرام

ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب نوجوان ٿڏي تي ئي بيهوش ٿي ڪري پيو اطلاع تي وارثن پهچي نينگر کي لوڊر رڪشا ۾ کڻي اسپتال منتقل ڪيو جتي نوجوان جي حالت ڳڀٽي جوڳي آهي زخمي نوجوان گمس اسپتال ۾ فوت ٿيو ڪارڻ معاملي تان شروع ٿيل تڪرار ۾ ضايع ٿيل جانين جو انگ 7 ٿي ويو.ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام متل ۽ علائقي ۾ ٻڻ خوف پکڙجي ويو آهي ان ڏس ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته ٻئي ڌريون پيرڳوٺ جي ڪوٽ پل واري علائقي جون رهواسي آهن هڪ سال اڳ ڪارنهن معاملي تان تڪرار شروع ٿيو هو ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل مرد جي وارثن عورت واري ڌر شاهه نواز جاڳيراڻي جا 4 ماڻهو قتل ڪيا هئا جنهن کانپوءِ رحمت الله واري ڌر لڏي ريڙي پرسان اچي ويٺا هئا پلاٽ ۾ حملو ڪري نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي ۽ انگ 7ٿي ويو آهي جڏهن ته شاهه نواز واري ڌر جا هڪ عورت سميت 5 ماڻهو جڏهن ته رحمت الله واري ڌر جو هي ٻيو ماڻهو قتل ٿيو آهي

بقايا 5 ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

چاليهي جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي جوائينٽ سيڪريٽري معشوق ڌاريجو ڪئي مهمان خاص سنڌي ادبي سنگت نوشهرو فيروز جو ضلعي رابطا سيڪريٽري سيد مختيار علي شاهه مختيار هو ۽ اعزازي مهمانن ۾ پروفيسر راشد پريمي، آس ٻس سيد لطيف راشد، غلام حيدر گهايل لغاري، ظفر ٻگهيو وزير فرهاد سولنگي، نجم سرهيو امام الدين لانگاهه هئا، آيل مهمانن کي گيڙو اوڍايا ويا، پروگرام جي باقائده شروعات لطيف سرڪار جي وائي سان ڪئي وئي، عنايت سوڙ خاصخيلي وائي ڳائي خوب داد حاصل ڪيو اياز ڪالو فقير پنهنجي پيءُ ڪالو فقير جا خوبصورت بيت پڙهي واهه واهه ڪرائي ڇڏي، بالا بلوچ ڪالو فقير جو مشهور غزل (سونهن تي سنهر ڏسي اڄ رني ٻزار آ، ڪير ريو نڪي ڪري وقت جي تراز آ) ترنم ۾ ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، اسٽيج سيڪريٽري جا فرض سنڌي ادبي سنگت ڏيپاڙجا جي سيڪريٽري محبتي ملاح ادا ڪيا، پروگرام کان پهريان ڪالو فقير جي آخري آرام گاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي وئي، ايصال ثواب لاءِ دعا مغفرت گهري وئي نامور شاعر ۽ فنڪار ڪالو فقير جي زندگي ۽ شاعري تي مقررن ڳالهائيندي چيو ته ڪالو فقير سريلو شاعر اديب ۽ راڳي سان گڏ بهترين موسيقار پڻ هيو هو انسان دوست، سونهن پرست، سنڌ پرست، قومپرست ۽ محبتي ماڻهو پڻ هو اڄ جي سوشل ميڊيا ڊجيٽل ميڊيا جي دور ۾ ڪالو فقير علمي ادبي سياسي سماجي اسٽيجن تي پاڻ وڏائڻ بدران خاموشي سان آس پاس جي علمي، ادبي قلمڪارن ۽ راڳين سان ويهي روح کي راضي ڪندو هو ۽ پنهنجي خيالن جي اظهار کي ترجيح ڏيندو هو هن غزل وايون بيت، گيت، ڪافيون ۽ نظم وغيره جا گلاب پوکيا، انهن جي مڪرڙن سان پيو عشق محبت ڪندو هو ۽ ماحول مطابق پيو شاعري جي خوشبو ورجائيندو هو ڪالو فقير فني توڙي فڪري طرح پڪو پختو ليکڪ ۽ شاعر هو سندس شاعري ۾ نوان نوان گهاڙيٽا به هئا ته روايتي رنگ به آهن جڏهن ته بالا بلوچ جي شاگرد ڪاشف علي سولنگي ڪالو فقير ۽ سائين راشد مورائيءَ جا غزل ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو تعزيتي ميڙاڪي ۾ اعجاز علي زرداري، صوبو خان زرداري، ساجد لغاري، عبدالرحمان چنا، احمد خان چنا، شهزاد حسين منشار ڪلهوڙو زوهيب علي سومرو، حسيب احمد، دوست محمد سومرو، راهب علي دونگهه، نذير احمد سومرو، علي اصغر سولنگي، ڪاشف سولنگي، ياسين زرداري، عبدالقادر سومرو، راهب علي ڏاهري ۽ آسپاس جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سائين راشد مورائي جي شعر سان پروگرام جي پڄاڻي ڪئي وئي، آخر ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن ماڻهن کي ننگر ڪرايو ويو

بقايا 6 جوان فوت

آرمي جو حاضر سروس جوان بلال راجپوت حياتي وڃائي ويٺو تفصيل موجب جهڏو کان ڏگهڙي آيل بارات ۾ شامل بلال راجپوت ولد نظر محمد راجپوت شادي جي تقريب دوران ٻين سان گڏ خوشيون ملهائي رهيو هو ته اوچتو هوائي فائرنگ دوران نڪتل هڪ بي قابو گولي کيس لڳي وئي، جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو.واقعي کان پوءِ موقعي تي موجود ماڻهن ۽ دوستن بلال راجپوت کي ترت تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو جتان ابتدائي طبي امداد بعد کيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر هو زخمن جا سور نه سهندي ٽنڊو الهيار پرسان رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو مرحوم بلال راجپوت پاڪستان آرمي ۾ حاضر سروس خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو سندس لاش بعد ۾ حيدرآباد جي سي ايم ايڇ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوجي ضابطن موجب ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مڙهه جهڏو آندو ويو جنهن جي شام ڪيس مڪمل فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.واقعي کان فوراً بعد پوليس ٽن نوجوانن کي حراست ۾ ورتو بعد ۾ بلال راجپوت جي وارثن ٻن ڄڻن کي ذاتي ضمانت تي آزاد ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته قيصر راجپوت اڃا تائين پوليس جي حفاظتي تحويل ۾ آهي. آخري اطلاعن تائين وارثن پاران ڪنهن به شخص خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ يا قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي.هي افسوسناڪ واقعو شادي ۽ ٻين خوشين جي تقريبن دوران غير ذميواراڻي هوائي فائرنگ ۽ آتشبازي جي خطرناڪ نتيجن کي هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون آندو آهي. مقامي انتظاميه اهڙين غير قانوني سرگرمين خلاف سخت قدم کڻڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي.عوامي ۽ سماجي حلقن پڻ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته شادين ۽ ٻين تقريبن ۾ هٿيارن جي نمائش هوائي فائرنگ، آتشبازي ۽ ٻين غير قانوني عملن تي سخت پابندي لاڳو ڪئي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا امتياز سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙن المناڪ حادثن کان بچي سگهجي.

بقايا 7

ڪانيا جي گودام مان نامعلوم چور رات جو گودام جا تالا ٽوڙي 150 مڻ کان وڌيڪ ڪڻڪ ۽ سارين جا ڪٽا چوري ڪري ويا، واپاري موتي رام ٻڌايو ته رات دير سان نامعلوم چور منهنجي گودام جا تالا ٽوڙي گودام ۾ پيل 40 ڪٽا ڪڻڪ ۽ 40 ڪٽا سارين جيڪي 150 مڻ کان وڌيڪ اناج چوري ڪري ويا آهن اهڙو اطلاع خانپورمهر پوليس کي ڏنو پر پوليس هن وقت سامان واپس نه ڪرائي سگهي آهي هن مطالبو ڪيو ته فوري طور منهنجو چوري ٿيل اناج واپس ڪرايو وڃي. هوڏانهن خانپورمهر پرسان ڳوٺ شربت علي جسڪاڻي وٽ نامعلوم چور نور آباد فيڊر جي لائين جي اٽڪل 7 ٽنين جون ٽارون چوري ڪري ويا آهن. ٻئي پاسي ڳوٺ ڪرڙو پٽ مان ڳوٺاڻي ڏٺي بخش مگريو جون 2 سولر پليٽون ،هڪ بيٽري ۽ هڪ پاڻي وارو موٽر نامعلوم چور چوري ڪري کڻي ويا، جڏهن ته نامعلوم چور ڳوٺ محمد اسماعيل پٽافي مان ڳوٺاڻي محمد موسي پٽافي جي مينهن چوري ڪري ويا، جڏهن ته گذريل ڏينهن سرداڳوڙهه فيڊر جي اٽڪل 7 ٽنين جون ٽارون لاهي چوري ڪري ويا. جڏهن ته خانپورمهر پوليس ٽي ڏينهن اڳ ڳوٺ ڪريم داد گڏاڻي مان صحافي عبدالواحد گڏاڻي جون چوري ٿيل 3 ٻڪريون خانپورمهر پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام آهي. جڏهن ته ڳوٺ علي بخش گڏاڻي مان ڳوٺاڻي شعيب گڏاڻي جون 2 ڏينهن اڳ 4 مينهون چوري ٿي ويون هيون جن بابت ٻڌايو پيو وڃي ته ڳوٺاڻي 3 لک روپيه ڀُڳ ڀري آزاد ڪرايون آهن هوڏانهن علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي امن امان ڪرايو وڃي..

بقايا 8 رفيق ٻانڀڻ

اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر محمد رفيق ٻانڀڻ جي ڊي اي تعلقي سوڀوديرو جي ڪنوينر ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي جي اڳواڻي ۾ سندس جي رهائش گاهه تي ملندڙ وفد سان ڳالهائيندي چيوته سنڌ جي واهن ۾ منڊ واري علائقن ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي ته پڇڙيءَ ۾ ڇا هوندو سنڌ جي معيشت ۾ زراعت ريڙهه جي هڏي واري حيثيت رکي ٿي جنهن کي حڪمرانن جاٽي واڻي تباهه ڪيو آهي پاڻ دوائن جا اگهه چوٽ تي فصل جي لهڻ سان انهن جو اگهه ڪيرائي ڇڏين ٿا سنڌ جي اسپتالن ۾ دوائون اڻ لڀ آهن اسڪول وارن ۾ تبديل آهن گهر جي گرمي ۾ بجلي غائب آهي گئس جي لوڊشيڊنگ آهي سنڌ جي قومي شاهراهه جي اهڙي حالت آهي جو ڪراچي کان هتي پهچڻ تائين صحت مند به بيمار ٿي پوي ٿو هر هنڌ تي ٽول ٽيڪس جي اوڳاڙي جاري آهي ۾ روڊ تباهه لڳا پيا آهن نوڪرين جي بدلين تي پڻ رشوت ورتي وڃي ٿي هن چيوته 28هين ترميم کي سنڌ جو عوام ڪڏهن به تسليم نه ڪندو پهرياڻين ٻئي نظام ،سنڌو درياءُ جي پاڻيءَ تي ڏاڙي ڪي ن ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جو عوام هاڻ سجاڳ آهي عام چونڊون ٿيون ته موجوده حڪمرانن جي خلاف عوام ووٽ ڏيندو هاڻ لالچ ۽ خوف نه هلندو ان موقعي تي پريس ڪلب راڻي پور جو صدر عبدالرحيم سولنگي سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن ضلع خيرپورجي جنرل سيڪريٽري محمد اعظم سولنگي ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 9 ۾ اڳائي ڇڏيو

۽ دڪاندار سري عام 550 رپيا في ڪلو تائين گيس وڪرو ڪري رهيا آهن. جنهن سبب شهري سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهن شهرين جو چوڻ آهي ته ضلعي انتظاميا جي بي ڌياني سبب دڪاندار پنهنجي مرضي موجب اگهه وصول ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي طرفان هينئر تائين هن غير قانوني منافعي خوري جو ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي. انتظاميا جي خاموشي سبب دڪاندارن جون من مانيون عروج تي پهچي ويون آهن ۽ شهري سرڪاري اگهن بدران ٻيڻي قيمت ادا ڪرڻ تي مجبور آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر فوري طور ڪارروائي ڪندي سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻائين. ناجائز منافعي خوري ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪن ۽ شهرين کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 ڪاميابي قرار

ي اظفر مهيسر ايس ايس پي عرفان بهادر ۽ سنڌن پوري ٽيم جي پيشيوراڻه صلاحيتن اثرائتي حڪمت عملي ۽ وقتائتي ڪارروائي جي ساراهه ڪندي چيو ته هي ڪاميابي سي ٽي ڊي سنڌ ۽ وفاقي حساس سول اداري جي انٿڪ محنت ۽ اثرائتي انٽيليجنس ڪوآرڊينيشن جو نتيجو آهي هن چيو ته دهشتگرديءَ جي نيٽ ورڪن کي جديد ٽيڪنالاجي ڊرونز ۽ ڌماڪيدار مواد فراهم ڪندڙ سپلائي چين جو پتو لڳائڻ ۽ ان جي اهم ڪردار کي گرفتار ڪرڻ دهشتگرديءَ جي خلاف جاري جنگ ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سنڌ پوليس، سي ٽي ڊي ۽ وفاقي حساس سول ادارو پاڻ ۾ سهڪار سان دهشتگرد عنصرن ۽ سنڌن سهولتڪارن جي خلاف اثرائتيون ڪارروائيون جاري رکيون پيا اچن جنهن جي نتيجي ۾ دهشتگرديءَ جي امڪاني خطرن جو وقتائتو سدباب ممڪن ٿي رهيو آهي سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي ته گرفتار جوابدار جي ٻين ساٿين سهولتڪارن ۽ ان سان لاڳاپيل نيٽ ورڪ جي خلاف ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪئي وڃي ته جيئن دهشتگرديءَ جي هر ممڪن سهڪار جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائي سگهجي هن چيو ته دهشتگردن جا سهولتڪار مددگار عنصر ۽ ڏوهاري نيٽ ورڪ قانون جي پڪڙ کان بچي نٿا سگهن ۽ رياست دشمن سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رکي ويندي پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ شهرين کي اپيل ڪندي هن چيو ته ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي غير معمولي اليڪٽرانڪ اوزارن يا مشتبهه خريد و فروخت جي باري ۾ فوري طور تي سي ٽي ڊي هيلپ لائين 1102 تي اطلاع ڏين ته جيئن وقتائتي ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي

بقايا 11 منعقد ڪيو ويو

بيراج اسپتالن اسڪولن امن امان ۽ گهٽين جي مسئلن تي تفصيل سان بحث ڪرڻ بعد هڪ عارضي ڪميٽي 15 رڪني جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن 15رڪني عارضي ڪميٽي ۾ علي شير مهس غلام اڪبر سارنگ چانڊيو حسين بخش سومرو عرفان علي ملڪ ارشاد حسين مهس علي مردان شيخ نديم سرمد ايڊووڪيٽ زاهد شيخ درالدين ٻيو صيدم صفيه بلوچ ايڊووڪيٽ سڪندر علي جوٽيجو اظهر علي راجپوت نبي بخش ڊومڪي خادم حسين ڪوسو دلمراد جتوئي ارباز علي عباسي شامل آهن جڏهن ته آغا طاهر مغل کي ڪميٽيءَ جو ڪوآرڊينيٽر نامزد ڪيو ويو آهي مالي سيڪريٽري انفارميشن سيڪريٽري ۽ آڊيٽرجو اعلان بعد ۾ مين آرگنائيزنگ ڪميٽي جي مشاورت سان ڪيو ويندو شروعاتي طور تي فورم جي تحت 5 هيلپلين قائم ڪيون وينديون جنهن ۾ وڪيل فورم سوشل ميڊيا فورم نوجوان ونگ ليبر ونگ، پيرا ميڊيڪل فورم ان کان علاوه مستقبل جو ايڪشن پلان هيٺ ڏنل ڪميٽيون پڻ جلد قائم ڪيون وينديون جيڪي هن ريت هونديون شهر جي تنظيم سازي ڪميٽي تعلقي/تحصيل تنظيم سازي ڪميٽي يو سي وائز تنظيم سازي ڪميٽي فورم جو سکر جو آواز جي نالي سان نعرو هوندو

بقايا 12 ٿي سگهي

لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي. ٻئي پاسي ڪوٽڙي ۽ آسپاس علائقا گرمي جي سخت ليپيٽ ۾ آهن جنهن جي ڪري اڪثر نوجوان ڇوڪرا واهن ۽ سنڌو درياءُ ڏي رخ ڪن ٿا ۽ اڪثر هٺڻ سبب ٻڏي وڃن ٿا علائقي جي سماجي وڏن ضلعي انتظاميا کان گهر ڪئي آهي ته گرمي جي هن موسم ۾ توهان جو ڪردار اهو هجي توهان اهڙين جڳهين تي الرٽ هجو جتي رهنجڻ دوران حادثا ٿين ٿا ۽ ڪيترن ئي خاندانن جا پيارا غفلت سبب وڇڙي وڃن ٿا انتظاميا کي گهرجي ته ضلعي اندر قلم 144 لاڳو ڪرائي اونهي پاڻي کان نوجوانن کي وهنجڻ کان روڪيو وڃي.

بقايا 13 سخت زخمي

حملو ڪري عورتن ٻارڙن ۽ مردن تي تشدد ڪيو.جڏهن ته گهرن ۾ گهڙي پيچ داهه به ڪئي اٿن هنن ٻڌايو ته جوابدار اسان جي گهر اندران لنگهه گهريو انڪار ڪرڻ تان جوابدارن حملو ڪري اسان زخمي ڪري ڇڏيو.جڏهن ته ڪنڊومستي ٿاڻي جي پوليس به جوبدارن سان ٻٽ ٻڌيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته هنن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 مطالبو

پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ڌانهيندي الزام هڻندي چيو ته منهنجو ويڳو پٽ صمد سولنگي جڳهه جو حصو نٿو ڏئي هن چيو ته جڳهه جو حصو گهرڻ تان صمد سولنگي سندس پٽ ۽ عورتون اسان مٿان تشدد ڪري اسان کي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي هن چيو ته صمد سولنگي ۽ سندس پٽ اسان سان ظلم ڪري رهيا آهن.اسان کي پنهنجو جائز حق نٿا ڏين هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو.ماسري جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ اسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 15 سامان ڦري ويا

a زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار زخمي کي اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت سيريس هجڻ ڪري نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 16 ڪوشش ناڪام

سماجي اڳواڻ نوين منگيءَ جي نشاندهي تي پوليس ۽ چائلڊ پروٽيڪشن سيل ڪارروائي ڪندي ننڍي عمر جي زبردستي شادي ناڪام بڻائي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي پرسان لاشاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ خيروديرو ۾ 13 ورهين جي نينگري سميعه جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي اطلاع تي سماجي اڳواڻ جي نشاندهي تي وومين ائينڊ چائلڊ پروٽيڪشن سيل وومين پوليس ۽ لاشاري پوليس گڏيل ڪارروائي نينگري سميعه جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏي جڏهن ته نينگري کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي والدين کان لکت ۾ ضمانت ورتي ته هو 18 ورهين جي عمر کان اڳ پنهنجي ڌيءَ جي شادي نه ڪرائيندا. ان حوالي سان علي حسن منگي ميموريل ٽرسٽ جي سربراهه سماجي اڳواڻ نوين اي منگي چيو ته نياڻين جون ننڍي عمر ۾ شاديون ڪرائڻ هڪ ڏوهه جوڳو عمل آهي ڳوٺ ۾ ان ڳالهه جي خبر پئي ته برادري جي ماڻهن سان رابطو ڪيس ۾ سهڪار نه ڪرڻ تي قانوني مدد حاصل ڪري نياڻيءَ کي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي کان بچايو ويو آهي جنهن ڪري والدين نياڻيءَ جي بالغ ٿيڻ تائين شادي نه ڪرائڻ تي رضامند ٿي ويا آهن

بقايا 17

سيپڪو جي مبينا ناجائزين خلاف ڪراچي لاڙڪاڻو انڊس هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن هٿن ۾ علم پاڪ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻي ڪندڙ جاگير سائڻ سڪينه بنت الحسين عليه السلام شبيهه ڪربلا جي متولي سيد دوست علي شاهه رضوي ڳوٺاڻن ڪنجلو خان سري، سيد گلاب شاهه سراج احمد سيد قاسم شاهه مظفر منگي ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ آيل تيز طوفان سبب اسان جي ڳوٺن سميت لاڙڪاڻي توڙي ٻين شهرن اندر بجلي جو نظام سخت متاثر ٿي ويو هيو جنهن دوران سيپڪو جي اختيارين اسان جو اي ايم فيڊر سان بجلي جي فراهمي بند ڪري وليد فيڊر سان بجلي جي فراهمي ڏني وئي آهي جنهن فيڊر جي بجلي اسان جي ڳوٺن ۾ هلي ئي نه ٿي جنهن ڪري هن ڪهر جهڙي گرمي ۾ اسان تڙپندا رهون ٿا هن چيو ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ محرم الحرام جا ڏهاڙا شروع ٿيڻ وارا آهن جنهن دوران بجلي نه هجڻ ڪري نڪرندڙ ماتمي جلوسن توڙي منعقد ٿيندڙ مجلسن ۾ پڻ سخت ڏکيائون پيش اچڻ جو خدشو آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان سيپڪو جي اعليٰ عملدارن سميت ٽڪ جي ايم پي اي سهيل انور سيال جي ڀاءُ ٽائون چيئرمين شاهه رخ انور سيال، ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻي جي ميئر انور علي لهر ۽ ٻين سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪري شڪايتون ڪيون آهن پر تنهن باوجود هن وقت تائين ڪوبه تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي اسان جي ڄاڻايل ڳوٺن کي اي ڪي اي ايم فيڊر مان بجلي جي فراهمي ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 18 تي ڳالهيون

عهديدارن ڪارڪنن ۽ استادن سنڌن ساٿئيو آڏرياءُ ڪيو ان موقعي تي مرڪزي صدارتي اميدوار غلام الرسول مهر ۽ جنرل سيڪريٽري جي اميدوار اعجاز چانڊيو پ ٽ الف جي مقامي صدر سرائي دريا خان مستوئي سميت ٻين اڳواڻن سرائي مجيب مستوئي ممتاز پٽي عاشق پٽي سان استادن جي مسئلن ۽ چونڊ معاملن تي ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي سرائي دريا خان مستوئي چيو ته مرڪزي چونڊن ۾ استادن جي حقيقي هڏ ڏوڪي غلام رسول مهر جي سموري پينل کي اڪثريتي ووٽن سان سوڀارو ڪندا ته جيئن استادن جا مسئلا ترت حل ٿين

بقايا 19 احتجاج

ڳالهائيندي چيو ته بدين ضلعو سدائين قدرتي آفتن ۽ پاڻي جي مسئلن کي منهن ڏيندو رهيو آهي هنن چيو ته جڏهن پاڻي جي ڪوٽ پيدا ٿيندي آهي ته سڀ کان وڌيڪ نقصان بدين جي آبادگارن ۽ رهواسين کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي جڏهن ته ٻوڏ جي صورت ۾ به هتان جا ماڻهون سخت متاثر ٿيندا آهن هنن چيو ته هن وقت پاڻي جي هترادو ڪوٽ سبب ڏڪار واري صورتحال بڻجي چڪي آهي جتي زرعي زمينن جي لاءِ ته پاڻي موجود ناهي پر چوپائي مال لاءِ پيئڻ جو پاڻي به اڻ لڀ ٿي ويو آهي پاڻي جي هترادو ڪوٽ سبب مالوند ماڻهون پريشان آهن جڏهن ته پکي جهنگلي جانور ۽ ٻيو حياتياتي نظام پڻ سخت متاثر ٿي رهيو آهي آبادگارن وڌيڪ چيو ته پاڻي نه هجڻ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين تي پوکيل فصلن کي نقصان پهچڻ جو خدشو آهي جڏهن ته ايندڙ فصلن جي پوک پڻ خطري ۾ پئجي وئي آهي هنن چيو ته بدين جي حصي جو پاڻي مڪمل طور تي فراهم نه پيو ڪيو وڃي جنهن سبب ضلعي جي معاشي سرگرمين تي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن هنن سنڌ حڪومت، آبپاشي کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بدين ضلعي جي حصي جو پاڻي فوري طور فراهم ڪري پيئڻ جي پاڻي ۽ آبپاشي جي بحران جو خاتمو آندو وڃي آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جلد پاڻي فراهم نه ڪيو ويو ته هو سخت احتجاج ڪندي روڊ رستا بند ڪرڻ سميت احتجاجي تحريڪ شروع ڪندا جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل ادارن تي هوندي

بقايا 20 گهر ۾ ڪهرام

گهرياتين ۾ ڪهرام مچي ويو ذريعن موجب واپڊا انتظاميا جي نااهلي سبب ڪيترائي بجلي پولن ۾ ڪرنٽ رهي ٿو پيرپولن جي مرمت نه ڪئي وڃي.

بقايا 21 ڪري ڇڏيو

پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو ، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جنهن بعد ناري انجلي راجپوت جو مڙهه ابائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو هن سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي فقير آباد پوليس جو چوڻ هو ته واقعي جي رپورٽ داخل ڪري فوتي ناري جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو آهي ،وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ، ضرورت پوڻ تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ، ٻئي پاسي ماءُ ۽ ڌيءَ جي معمولي ناراضگيءَ تي ڪنواري ناري انجلي راجپوت جو موت سبب علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال پکڙجي وئي آهي

بقايا 22 لاش هٿ

ڪيو ان موقعي تي جوڳي برادري جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسان جي نوجوان کي مبينا قتل ڪري روهڙي ڪئينال ۾ اڇلايو ويو هو جيڪو ٽن ڏينهن بعد لاش نولکي شاخ مان مليو ۽ ان واقعي جو ڪيس اسان حد جي ٽنڊو مستي ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي پر پوليس اڃا تائين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي جنهن سبب وارثن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃيءَ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 23 احتجاج

ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ بيواهه عورت صدف سومرو پنهنجي پٽ سان گڏجي ڌانهيندي الزام لڳايو ته سال سيپٽمبر 2023ع دوران مان ريلوي ڪالوني جي رهواسي سعيد مستوئي کان ساڍن 4 لکن عيوض ريلوي جو رهائشي ڪوارٽر خريد ڪيس جنهن ۾ مان پنهنجي يتيم ٻارن سان گڏ رهندي هيس پر سال 2024ع ۾ سعيد مستوئي جي ٻاٿر ڀاءُ عبدالقيوم مستوئي زبردستي مون کي رهائشي ڪوارٽر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اهڙيون شڪايتون مان مختلف وقتن تي سعيد مستوئي سان ڪندي رهيس جيڪو مون کي آسرا ڏيندو رهيو ته جلد توکي جڳهه واپس ڪرائي ڏيندس، پر ان باوجود هن وقت تائين نه جڳهه ملي آهي ۽ نه ئي وري ورتل رقم واپس ڪئي وئي آهي جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن وس وارن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڄاڻايل ٻاٿرن خلاف ڪارروائي ڪري مونکي پنهنجو حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 انڪشاف

لڳائي ڇڏيا آهن منور لاشاري سوشل ميڊيا تي پوسٽ ۾ ڄاڻايو ته ايس ايس پي آفيس ۾ ويلفيئر ۾ ڊي ايس پي جي جيسيداٽين رشوت نه ڏي ملي ته ڪيسن جا فائل پڙهڻ جو بهانو ڪري ٿو جنهن ڪري جاچ آفيسر عدالت ۾ جوابدار جيان بڻيل آهن. هڪ ٻي پوسٽ ۾ جاچ آفيسر انڪشاف ڪيو ته ڊي ايس پي خادم ناريجو جهڙو غير مهذب ۽ بداخلاق آفيسر هن پنهنجي 38 سالا سروس ۾ ناهي ڏٺو جاچ آفيسر هڪڙي پوسٽ ۾ ڄاڻايو ته جيڪڏهن بالا آفيسرن معاملي جو نوٽيس وٺي تدارڪ نه ڪيو ته ڊي ايس پي خلاف آئيني درخواست يا ڪرمنل مسيلنيس ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندس جاچ آفيسر منور لاشاري سوشل ميڊيا پوسٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ته ڊي ايس پي خادم ناريجو جاچ آفيسرن سان ائين پيش اچي ٿو جيئن هوءَ جوابدار هجن ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ بعد ڏري ٿو ۽ پوءِ چانهن جي به صلاح هڻي ٿو. ڊي ايس پي اسان لاءِ فرعون بڻيل آهي

بقايا 25 احتجاجي مظاهرو

جو ڪيس داخل عذير ڪلهوڙو تي داخل ڪرايو آهي جنهن ضمانت ورتي آهي جيڪي اسان تي بار بار حملا ڪري تشدد ڪن ٿا ۽ فائرنگ ڪري حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جن مان اسان گهر ڀاتين کي جانين جو خطرو آهي هنن الزام هڻندي چيو ته هڪ ته اسان جي نياڻي کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو وري ويڊيو رڪارڊنگ مختلف گروپن ۾ موڪلي تذليل جو نشانو بڻايو ويو جنهن ڪري اسان ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهيون رهيا، برادريءَ ۾ فيصلو ڪرايو ويو پر هو ڪٿي به ويهڻ لاءِ تيار ناهن هنن الزام هڻندي چيو ته اسان کي هارون جواد، عذير ڪلهوڙو ۽ ٻيا ڌمڪيون موڪلي رهيا آهن جن جو چوڻ آهي ته پوليس ٿاڻا ڪورٽون هائوس اسان جا آهن ڪير ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي هنن وس وارن گهرو وزير ضياءالحسن لنجار آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي ٿيندڙ ناجائزين جو ازالو ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 26 احتجاج

آهي هنن چيو ته مذڪوره شاخ ۾ جانورن توڙي پکين جي پيئڻ لاءِ به پاڻي نٿو ڇڏيو وڃي بار بار آبپاشي عملدارن سان ملي ڪري شاخ ۾ پاڻي نه هجڻ جون شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن مطالبو ڪيو ته راشي ڪريٽ آبپاشي عملي کي هٽايو وڃي ۽ مير رکڻ شاخ ۾ پاڻي ڇڏيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 27 قتل

ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ذريعن موجب مارجي ويل سبزوئي برادري جو نوجوان نوابشاهه جو رهواسي هو ۽ مائٽن وٽ گهمڻ آيو هو ته جوابدارن جي ور چڙهي ويو ۽ گولين جو کاڄ بڻجي ويو آهي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 28 ڪيس داخل

روڊ تان نوجوان جو لاش هٿ آيو لاش جي سڃاڻپ ٽنڊوالهيار شهر جي ابراهيم ڪالوني جي رهواسي 25 سالا سني ڪبوتري طور ٿي اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو اطلاع تي ڪبوتر برادري جا سوين مرد عورتون اسپتال پهچي ويون جتي نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته اسان جو نوجوان مزده گاڏي تي ڪلينڊري ڪندو هو اسان کي اطلاع مليو ته توهان جي پٽ جو لاش هٿ آيو آهي اسان اسپتال مان لاش ڪٽائي گهر پهتاسين جتي ڏٺوسين ته نوجوان جي جسم تي تشدد جا نشان هئا هن چيو ته اسان جي نوجوان کي مبينا زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪري لاش اڇلايو ويو آهي. پوليس موجب مزده گاڏي کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي ڊرائيور فرار ٿي ويو آهي جنهن کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو ٻي پاسي ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي فوتي نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي مزده ڊرائيور مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 29 ٻه زخمي

هٿيارٻندن موقعي تان واردات واري هنڌ تان فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس پنهنجي روايت کي برقرار رکندي واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو لاش ۽ زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مقتول نوجوان شاهمراد جعفري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ڪنهن به وقت خونريزي وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

بقايا 30

اڳ مڙس حاجن سولنگي طرفان گهريلو اڻبڻت تان طلاق ڏيڻ بعد مان ٻاراڻيون شيون وڪرو ڪندڙ پنهنجي پٽ سلطان وٽ رهائش اختيار ڪئي هن الزام لڳايو ته گذريل ڇنڇر رات الهه آباد ٿاڻي جي پوليس بيگناهه گهر تي چڙهائي ڪري پورهيت پٽ سلطان کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي ڪٽي ڪيس تشدد جو نشانو بڻائي زهريلي شيءِ پياري بيهوشي واري حالت ۾ پٽ کي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي واري وارڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو اهڙو اطلاع اسپتال عملي طرفان ڏنو ويو جنهن تي مان اسپتال پهچي پٽ جو علاج ڪرايو جڏهن ته پٽ جي حالت هن وقت ڳڀٽي جوڳي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي الهه آباد ٿاڻي جي پوليس کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

خيرپور ۾ 10 هائوسنگ اسڪيمن خلاف سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو ايڪشن، فائنل نوٽيس جاري

خيرپور(ڊ ر)سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سکر ريجن خيرپور جي 10 هائوسنگ اسڪيمن خلاف ڪارروائي ڪندي اسڪيمن جي مالڪ عرض محمد جاتوئي کي فائنل نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو اٿ سلسلي ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي جاري ڪيل نوٽيس موجب خيرپور ڪاٽون شپ هائوسنگ اسڪيم جي ٽن مرحلن، پروفيسر ڪالوني، دبئي سٽي، اي ون هائوسنگ اسڪيم، گمبٽ ڊفينس سٽي ۽ رور ويو هائوسنگ اسڪيم ۾ اين او سي ۽ قانوني منظوري کان سواءِ بُڪنگ آفيسون قائم ڪري پلاٽن جي وڪري ۽ اشتهارسازي ڪئي پئي وڃي جيڪا قانون جي ڀڃڪڙي آهي نوٽيس موجب هائوسنگ منصوبن لاءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کان اين او سي ۽ بُڪنگ آفيس جي منظوري لازمي هوندي آهي جڏهن ته ڄاڻايل اسڪيمن ۾ اهي قانوني گهرجون پوريون نه ڪيون ويون آهن بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سکر اسڪيمن جي مالڪ کي هدايت ڪئي آهي ته فوري طور غير قانوني سرگرميون بند ڪري 3 ڏينهن اندر وضاحت پيش ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ ايس بي سي او 1979 جي سيڪشن 7 A تحت آفيسون ڍاهڻ سيل ڪرڻ ۽ ٻين قانوني ڪارروائين سميت سخت قدم کنيا ويندا جڏهن ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سکر موڪليل نوٽيس کي فائنل نوٽيس قرار ڏيندي ڪاپي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ کي پڻ موڪلي ڇڏي آهي

خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن کي گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رکندي ٻن مختلف هنڌن تان ٻه جوابدار گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ چرس هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته ٻنهي خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن بوزدار وڍا پوليس دوران گشت پير ڳاڙهو ويجهو ڪارروائي ڪندي منشيات فراهم ڪندڙ جوابدار ساجد ڳوپانگ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدار جي قبضي مان 1150 گرام چرس هٿ ڪئي وئي، جنهن بعد سندس خلاف منشيات ايڪٽ موجب ڪيس داخل ڪيو ويو.ٻئي طرف گمبٽ پوليس دوران گشت ونگ پڪي ناڪي پرسان ڪارروائي ڪندي منشيات فروش الطاف شيخ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس جوابدار جي قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪري سندس خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي ان موقعي تي ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ڪامياب ڪارروايون تي پوليس پارٽين کي شاباش ڏيندي چيو ته منشيات فروشن خلاف بنا ڪنهن وقفي جي ڪارروايون جاري رهنديون ۽ سماج کي منشيات جي ناسور کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا

هنگورجا پوليس معصوم نينگر سان جنسي ڏاڍائي جي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ هڪ جوابدار سليمان سولنگي 6 سالن جي اسد علي سولنگي کي زبردستي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو اطلاع تي هنگورجا پوليس ڳوٺ نهال سولنگي پهچي معصوم نينگر کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو ٺاهيندڙ جوابدار سليمان سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس نينگر جو ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ ليٽر وارثن کي ڏنو ويو آهي .ايس ايڇ او هنگورجا اقبال نون صحافين کي ٻڌايو ته جوابدار سليمان سولنگي کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڊيو ٺاهيندڙ مشهور احمد سولنگي جي ب گرفتار ڪيو آهي جڏهن نينگر جي ميڊيڪل لاءِ وارثن کي ليٽر ڏنو آهي هوڏانهن آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل ن ٿي سگهيو آهي

قاضي احمد ۾ قومي ۽مزاحمتي شاعر مسڪين حاجي خان ملاح جي اوڻيهين ورسي ملهائي وئي

قاضي احمد (ن ع) سنڌ جي قومي ۽مزاحمتي شاعر مسڪين حاجي خان ملاح جي اوڻيهين ورسي سنڌي ادبي سنگت شاخ قاضي احمد پاران علي نوازانڙ لائبريري ۾ شاندار نموني سان ملهائي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري احمد سولنگي ۽ مهمان خاص اڳوڻو سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي اعزازي مهمان ۾ سنگت سنڌ جو ترجمان خالد راڄپرماڻڪ ملاح علي نواز ڏاهري پروفيسر بچل سانگي مختيار علي شاهه مختيار محبوب سنڌي بادل لڙا آصف ملاح جن هئاان موقعي تي ساس شاخ قاضي احمد پاران آيل مهمانن کي اجرڪ جاتحفاپڻ ڏناويا پاسي مرحوم مسڪين ملاح جي ورسي دوران خطاب ڪندي چيو ته قاضي احمد جي قلم قبيلي جي دوستن سان بهترين رشتو رهيو آهي ۽هن شاخ هميشه بهترين پروگرام ڪري مرڪز سان پاڻ کي ڳنڍيو پئي رکيو آهي هن چيو ته مسڪين ملاح سان منهنجي ملاقات نه هئي پر دوستن جي يادن ٻڌائي خبر پوي ٿي ته هو وڏي شخصيت هو سندس جي شاعري قومي فڪر ۽وطن جي حب سمايل آهي سندس جي شاعري ۾ سادگي جي سمايل سونهن اهڙا شاعر لکي سگهن ٿا جن وٽ سادگي هوندي آهي درياءُ جي ڪنڌيءَ رهندڙ هاڻي جا درد ڪو مزدور ئي سمجهي سگهي ٿو هن چيو ته مسڪين جي شخصيت مسڪيني حالت هوندي گهرجي پورهيتي کي اهميت ڏيندڙئي حقيقي انسان هوندا آهن هن چيو ته هن شاخ جو ڪردار ڪالهه ڪان اڄ تائين اوچو رهيو آهي هن چيو ته اسان قلم قبيلي جي فردن جن ۾ سائين يوسف سنڌي موجود آهي ته اسان هرسازش جو مقابلو ڪندي سنگت کي هڪ ڪري ڳنڍڻ جوورجن ڪيو آهي ڀلون ڀيا ان ڪري توهان قاضي احمد جي شاخ وارن کي جس هجي جو ادبي دوستن سان نڀايوپياآج مون وٽ ڏائيم نه هجڻ بعد جي دعوت ۽پروگرام ۾ شرڪت ڪري خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ماضي ياد ڏياري ڇڏي آهي توهان دوستن توهان سان ساٿ سلامت رهندو يوسف سنڌي چيو ته قاضي احمد منهنجو ٻيوگهر آهي ۽مسڪين ملاح سميت شبيرسيال دوست ملوڪاڻي ايم بي ڏاهري جهڙادوست هئاجن سان تعلق اڄ به جڙيل آهي هن چيو ته قاضي احمد شاخ اها آهي اجنهن مسڪين جي ڪتاب (درياءُ جي مستي) کي چاليهي تائين ڇپائي پڙهو ڪيو آهي جنهن جوپبلشريءِ آءِ هٿس مرڪزي ترجمان خالد راڄپر چيو ته مسڪين ملاح جي شاعري ۾سمايل فڪر جتي هو محبوب جي ماڻڻ جي ڳالهه ڪري ٿو اتي هو پيٽ بکايل جي ڳالهه به ڪري ٿو سماج ۾فرسوده سسٽم خلاف به سندس قلم خاموش ناهي علي نواز ڏاهري چيو ته مسڪين جي ڪردار تي ڳالهائبوته وقت ڪٽي پوندو ڇو ته هاڻي گهرجي بارجي ڪڙ ۾ بانگ ڏئي بغاوت جي ڏنل هجي ته هو خاموش ڪئي ٿو رهي پاڻ پنهنجي شاعري حسناڪ سان گڏ حالاتن جي ڪيل منظرڪشي به ڪمال جي آهي ماڻڪ ملاح چيو ته سنڌي ادبي سنگت مرڪزي جي سربراهه احمد سولنگي صاحب کي جس ڏجي ٿو جيڪو هھڙي شديد گرمي کي نه ڏسندي شاخ قاضي احمد جي دوستن جي اجوڪي پروگرام ۾ شريڪ ٿي اعزاز بخشيو آهي اهو سنڌس وڏماڻپوآهي باقي مسڪين ملاح جو ڪردار تاريخ بڻجي ويو آهي پروفيسر جڙيل سانگي چيو ته مرحوم سان ڪا ملاقات نه هئي پر سنڌس دوستن جي محبت واري خوشبوءِ سان محسوس ٿئي ٿو ته هو وڏو ماڻهو هوان موقعي تي محبوب سنڌي مختيار شاهه مختيارٻادل لڙا شبيرسيال ايم بي ڏاهري پڻ خطاب ڪيو بعد ۾ پاسي مشاعري ۾ ايڊووڪيٽ محمد يعقوب ڏاهري شبن ڪوڪر گل بلوچ ڏمالي شاهه منيرشاهصدام علي مراد ڏاهري نوازملاحممتازسيال سميت سيڪريٽري شاخ قاضي احمد اصغر ڏاهري دوست ملوڪاڻي خادم ممتاز ميمڻ علي بابا ڏاهري ياسين چانڊيو ڊاڪٽر صاحب خان انڙ سميت ڪيترن ئي شاعرن شرڪت ڪئي

گمبٽ ويجهو هٿياربندن زال مڙس کي ڪهاڙين هڻي زخمي ڪري فرار

ڳوٺ صاحب چاڪراڻي ۾ هٿياربند انور چاڪراڻي سندس زال کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي زال مڙس کي ڳڀٽي جوڳي حالت ۾ ڪاٽي اسپتال منتقل ڪيو

گمبٽ (ن ع) گمبٽ لڳ ڳوٺ صاحب خان چاڪراڻي ۾ نامعلوم هٿيار بند انور چاڪراڻي جي گهر ۾ داخل ٿي ڪهاڙين جا وار ڪري انور علي چاڪراڻي ۽ سندس زال سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي ٿيل زال ۽ مڙس کي ڳڀٽي جوڳي حالت ۾ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي وڌيڪ معملي جي جاچ ڪيون پيا .

جيڪب آباد ۾ رفيق پنهور جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

ڊيڍ مهينو اڳ اسرار پنهور، رحيم بخش وارن اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو:مظاهرين

پوليس قتل ڪيس داخل نه پئي ڪري ويتر جوابدار ڌر اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي پئي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان ميرانپور برڙو ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿي ويل نوجوان رفيق پنهور جي وارث عورتن مسمات جميلا، مسمات عزيزان، مسمات سڪينه پنهور ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڊيڍ مهينو اڳ رڻ جي وادي جي معمولي ڳالهه تان اسرار پنهور رحيم بخش پنهور وارن اسان جي نوجوان رفيق پنهور کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس اسان جو قتل ڪيس داخل نه پئي ڪري ويتر جوابدار ڌر اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي ۽ پوليس سميت مختلف حربن سان اسان کي پريشان ڪري رهي آهي جيڪا زيادتي آهي هنن گهر ڪندي چيو آهي ته اسان جي نوجوان رفيق پنهور کي قتل ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

پيارو اسٽيشن پرسان پاٽ شريف مان چوري ٿيل چار ڏاند رڪڻ پوليس بازياب ڪرائي ورتا

پوليس ۽ پاڳين چورن جو پيڇو ڪيو درياءُ ڪچي واري علائقي مان ڏاند بازياب

پاڳين پاران رڪڻ پوليس جي ڪاروائي جي ساراهه، دادو پوليس جي حق ۾ نعريبازي

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن پرسان پاٽ شريف مان ٿر ٿيل چار ڏاند رڪڻ پوليس بازياب ڪرائي ورتا ويڊيو وائرل. پيارو اسٽيشن ۾ رڪڻ پوليس جي ڪاروائي ڪري چوري ٿيل ڏاند چورن کان واپس ڪرائي ورتا، پاڳين ۾ سرهائي، رپورٽ موجب: پيارو اسٽيشن پرسان پاٽ شريف واسي امداد حسين چانڊيو جو اڻڄاتل چور زرعي زمين تي ٻڌل چار ڏاند چوري ڪري ويا جنهن جو رڪڻ پوليس ۽ پاڳين جو پيڇو ڪيو ۽ درياءُ جي ڪچي واري علائقي مان چوري ٿيل ڏاند واپس ڪرائي ورتا چور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پاڳين ايس ايڇ او رڪڻ منظور علي چانڊيو اي ايس آءِ علي اڪبر چانڊيو ۽ وڏي منشي انور هنگورو جي اهڙي ڪاروائي جي ساراهه ڪئي ۽ دادو پوليس جو شڪريو ادا ڪري سندن جي همايت ۾ نعري بازي پڻ ڪئي

پيارو اسٽيشن پرسان ڏڙو ڏن گهرن کي ڪاٽ هڻي چوري جي ڪوشش

اختر آرائين، پرويز آرائين ۽ عمران آرائين سجاڳ ٿيڻ تي چور فرار ٿي ويا

متاثر ڳوٺاڻن پاران ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺي امن امان بحال ڪرڻ جو مطالبو

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ ڏڙو شريف آباد ۾ ٽن گهر کي ڪاٽ هڻي چوري جي ڪوشش ڪئي وئي، ڪوڪن تي گهر ڌڻي سجاڳ ٿي پيا، رپورٽ موجب: پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ ڏڙو شريف آباد ۾ اڻڄاتل چورن پاڳٽي اختر آرائين، پرويز آرائين، عمران آرائين جي گهرن ڪاٽ هڻي چوري جي ڪوشش ڪئي، ان موقعي تي پاڳين ٻڌايو ته پيارو اسٽيشن ۾ بدامني وڌي وئي آهي آئي رات چوريون آهن گذريل رات اڻڄاتل چورن ڳوٺ صاحب خان لهبر ۾ ڪاٽ هڻي چوري ڪئي اڄ وري اسان جي ڳوٺ ۾ داخل ٿي گهرن کي ڪاٽ هنيو آهي ۾ اسان ڳوٺاڻن سجاڳ ٿي پياسين ۽ چور ڀڄي ويا، متاثر ڳوٺاڻن ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺي پيارو اسٽيشن ۽ آس پاس ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آڻڻ جو مطالبو ڪيو

سنڌ جا دشمن هر روز نوان نوان منصوبا جوڙي سازشون ڪري رهيا آهن:محمد سومر چانڊيو

سنڌين کي ذات جي بنياد تي برادري ۽ نسل قبيلي ،فرقي ۽ عقيدي جو بنياد تي ورهايو پيو وڃي

سنڌ جو قدرتي وسيلن زمينون، گئس، ڪوئلي بندرگاهه، جبل معدنيات تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) سنڌ جا مخالف ۽ سنڌين ها دشمن چاهين ٿا ته سنڌ ورهايل ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هجي هروز نوان نوان منصوبا جوڙي شازشون ڪري رهيا آهن سنڌين کي ذات ۽ پات جي بنياد تي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جون شازشون ڪري رهيا آهن اهي ڳالهيون قومي عوامي تحريڪ ضلع دادو جي صدر محمد سومر چانڊيو مرڪزي اڳواڻ ناليوارو وڪيل مير ڪوسو، سجڻ سنڌي محسود تيوڻو ۽فاروق چانڊيو خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب ۾ متحد ۽ مضبوط سنڌ جيڪا 10 کان 31جولائي تائين هلندي ان جي جاڳرتا مهم جي حوالي سان صحافين سان ڪيون هنن وڌيڪ چيو ته سنڌين کي ذات جي بنياد تي برادري ۽ نسل قبيلي ،فرقي ۽ عقيدي جو بنياد تي هڪبئي سان ويڙهائي ڪمزور ڪري سنڌ جو درياهه پاڻي قدرتي وسيلا زمينون گئس ڪوئلو شهر ٽيڪس بندرگاهه جبل معدنيات بيت ۽ سنڌ جي هرشئي تي قبضي لئي وٺڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن سنڌن خواهش آهي ته سنڌ پيلي ڪريشن هجي گوڏ گورنهه ۽ برباد هجي ميرٽ جي لتاڙ هجي نوڪريون وڪامنديون رهن نياڻيون قتل ٿينديون رهن نوجوان شاگرد هاري مزدور عورتون اقليتون واپاري ملازم آبادگار سڀ دربدر هجن آئيني ترميمن اقتصاد ترقي ۽ انتها پسندي جي آڙ ۾ سنڌ جي تخ فاهه ڪراچي ناٿي پاڻي ۽ وسيلن ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيون قومي عوامي تحريڪ سندن اهي ناپاڪ ارادا مٽي ۾ ملائي ڇڏيندي

ٽنڊوالهيار: حيسڪو چيف جو وڙايو فقير فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري قرار

700 کان وڌيڪ صارفين تي مشتمل فيڊر لوڊشيڊنگ کان آزاد ٿيڻ وڃي رهيو آهي: حيسڪو چيف

بجلي سان لاڳاپيل مسئلن جي حل ۽ معيشت ۾ بهتري جو امڪان

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري چيو آهي ته روشنين جي سفر کي ڪٽي کيون پيرو ٽنڊوالهيار پهتا آهيون هي 58هون فيڊر آهي جيڪو لوڊشيڊنگ کان آزاد ٿيڻ وڃي رهيو آهي تاريخ ۾ ڪڏهن به هن تعداد ، هن رفتار ۽ هن انداز سان جنرل فيڊر لوڊشيڊنگ کان آزاد نه ٿيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري حيسڪو طرفان ٽنڊوالهيار جي مقامي هال ۾ وڙايو فقير فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ واري منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته 7 سئو کان وڌيڪ صارفين تي مشتمل وڙايو فقير فيڊر لوڊشيڊنگ فري ڪيو ويو آهي هي حيسڪو طرفان شهرين کي تحفو آهي هن فيڊر ۾ ڪاروباري صارفين سميت ٽيوب ويل، فيڪٽريون ۽ عام شهري صارفين شامل آهن اسان هي روشني جو سفر 2025ع ۾ شروع ڪيو هو ۽ هي روشني جي سفر جي 58هين ڪڙي آهي هن وڌيڪ چيو ته هلندڙ مالي سال دوران ٻين ڪيترن ئي فيڊرن کي لوڊشيڊنگ کان آزاد ڪيو ويندو فيڊر جي لوڊشيڊنگ کان آزاد ٿيڻ سان معيشت ۾ واڌارو ٿيندو ، اسڪولن ۾ تعليم جو معيار بهتر ٿيندو ۽ تعليم کي هٿي ملندي جڏهن ته واپاري برادري کي به بيحد فائدو حاصل ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته صارفين ۽ حيسڪو ۾ ايم او سائين ٿي چڪا آهن چار نقاطي ايجنڊا تي عمل درآمد هر صورت ۾ ڪرڻو پوندو . فيڊر جي لوڊشيڊنگ کان آزادي کان پوءِ بجلي جي چوري کان بچڻو پوندو ڇو ته بجلي جي چوري هڪ وڏي مصيبت آهي جيڪا لوڊشيڊنگ ۾ اضافي جو سبب بڻجي ٿي بجلي چوري اسان جي ٻارن جي مستقبل جو دشمن آهي جيسين بجلي چوري بند نه ٿيندي ۽ بجلي جي بلن جي صحيح ادائيگي نه ٿيندي تيسين لوڊشيڊنگ مان جان آجي نٿي ٿي سگهي ان موقعي تي سي اي سرڪل حيدرآباد عقيل نور ميمڻ . سي اي او اعجاز احمد شيخ . ايڪسيئن ٽنڊوالهيار سيد عاقب عباس شاهه . فهد امين بجاڻي . غلام نبي بجاڻي . اسسٽنٽ ڪمشنر بابر صالح راهوپوٽو. سماجي اڳواڻ نويد احمد شيخ . خان محمد پٺاڻي . ايس ڊي او سيد اظهر علي شاهه . وسيم لطيف مگريو . جبران امين حيدري . فرحان پٺاڻي ۽ ٻيا معزز موجود هئا

ڏگهڙي ۾ سني رابطا ڪائونسل اڳواڻن جو دورو، آزاد ڪشمير مسئلي ۽ محرم الحرام بابت اهم بيان

مولانا معاويه اعظم ۽ علامه عبدالله سنڌي جو ڏگهڙي پهچڻ، مذهبي ۽ تنظيمي سرگرمين ۾ شرڪت

خلفاءِ راشدين جي شهادتن تي سرڪاري موڪل ۽ محرم الحرام دوران اتحاد ۽ امن جو پيغام

ڏگهڙي (ن ع) سني رابطا ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ ۽ پنجاب اسيمبلي جي اڳوڻي پارلياماني ليڊر مولانا معاويه اعظم ۽ صوبائي جنرل سيڪريٽري علامه عبدالله سنڌي مختصر دوري تي ڏگهڙي پهتا مولانا معاويه اعظم آزاد ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهائيندي چيو ته اتان جي عوام جي مطالبن کي خوش اسلوبي ۽ افهام و تفهيم سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ملڪي حالتن کي مدنظر رکندي سختي سان پيش نه اچجي وڌيڪ چيائين ته دوري جو مقصد سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ شهادت سيدنا عثمان غني، شهادت سيدنا عمر فاروق ۽ شهادت سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي حوالي سان منعقد ٿيندڙ جلسن، جلوسن، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ انهن صحابه ڪرام ۽ اهلبيت عظام جو ذڪر عام ڪرڻ آهي.انهن سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان جي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪيون ته خلفاءِ راشدين جي ايام وفات ۽ شهادت تي سجي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري سرڪاري سطح تي ملهايو وڃي محرم الحرام جي سلسلي ۾ امن امان جي حوالي سان پيغام ڏيندي چيائين ته 1 محرم الحرام کان 10 محرم الحرام تائين عشره فاروق و حسين سڀني مسلمانن کي گڏجي ملهائڻ گهرجي ان سان اتحاد ۽ امن کي فروغ ملندو ۽ اسلامي دنيا کي پاڪستان طرفان هڪ سٺو پيغام ويندو

خيرپور ۾ جڳهه جي تعمير دوران ڇت ڪري پئي، پيءُ پٽ پورهيت ڏهاڙي زخمي، اسپتال منتقل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري شهر جي گاڏهي پاڙي جي رهواسي پيرسن پورهيت باٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن پورهيت محمد اسحاق چاچاڻي الزام لڳايو ته ڳوٺ ٽريجا واسي پاٿيجو مراد ڪاسائي مختلف ماڻهن کان قرض کڻي فراڊ ٻيو ڪري ان سان ڪو تعلق نه هئڻ باوجود گذريل ڏينهن محراب پور واسي جتوئي ذات سان واسطو رکندڙ ڪجهه ماڻهو در تي اچي مون کي حراسان ڪندي ڄاڻايل پاٿيجي بابت پڇاڳاڇا ڪندي ٻڌايو ته مراد ڪاسائي اسان کان قرض تي موٽرسائيڪل ورتي آهي، جيڪو پئسا نه پيو ڏئي ۽ نه ئي هو پاڻ ظاهر آهي جن مون کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي روانا ٿي ويا بعد سان مان ڏوڪري ٿاڻي تي وڃي اهڙي شڪايت ڪئي پر پوليس ڪا به ڪاروائي نه ڪئي ويتر باٿر مون کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي منهنجي لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل آهي ته باٿرن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

HESCO حيدر آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

اطلاع

سيني لاڳاپيل ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ اطلاع ٿو ڏجي ته ٽيهر ٽينڊر نمبر 26-2025/ ايڪس اي اين/سول-95 کان 105 تائين، جيڪي حيسڪو ۽ پي پي آر اي جي ويب سائيٽن سان گڏوگڏ اخبارن ۾ PID No. 422/2025 تاريخ 25-05-2026 پي پي آر اي رول 33 جي مطابق، ٽيڪنيڪل بنيادن تي رد ڪيا ويا آهن.

ان سلسلي ۾ ٽينڊر ڪنهن به قسم جي پريشانيءَ لاءِ معذرت خواهه آهيون.

PID(H) 435/2025

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (سول) حيسڪو، حيدر آباد

پنوعاقل ويجهو ٻ پ اغوا ڊرائيور سميت هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل، وڏي وزير پاران نوٽيس

بائجي چوڪ وٽ وڏير غلام حسين ڪلهوڙو ۽ عبدالله ميتلو کي هٿياربندن گوليون هڻي زخمي ڪيو

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا

واقعي جو وڏي وزير سيد مراد علي نوٽيس وٺندي آءِ سنڌ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي

پنوعاقل(ن ع) بائجي ٿاڻي جي حد بائجي چوڪ وٽ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوٺ نرچ جي رهواسي وڏيري غلام حسين ڪلهوڙو ۽ سندس ڊرائيور عبدالله ميتلو کي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدار واقعي کان پوءِ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو جتي کين ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ کان پوءِ ڳڻتي جوڳي حالت سبب سکر ريفر ڪيو ويو. وڏيرو غلام حسين ڪلهوڙو سخت زخمن

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



عمرڪوٽ بازياب ڪيل ٻار ۽ گرفتار ناري ۽ نوجوان

ڏگهڙي ۾ شادي تقريب دوران هوائي فائرنگ، پاڪستان آرمي جو جوان فوت

جهڏو کان آيل بارات دوران نجي شادي هال ۾ فائرنگ سبب گولي لڳڻ سبب بلال راجپوت زخمي ٿيو

زخمي فوجي جوان کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر رستي ۾ ئي دم زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

واقعي بعد پوليس ٻن نوجوانن کي حراست ورتو، بلال راجپوت جي وارثن ٻن ڄڻن کي ذاتي ضمانت تي آزاد ڪرائي ڇڏيو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ اسٽيشن پرسان قائم هڪ نجي شادي هال ۾ گذريل رات جهڏو کان آيل بارات ۾ شريڪ نوجوانن پاران خوشين دوران ٿيل هوائي فائرنگ ۽ آتشبازي هڪ المناڪ حادثي ۾ تبديل ٿي وئي، جتي هڪ اڻڄي گولي لڳڻ سبب گهوٽ جو ڀاءُ جهڏو واسي ۽ پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ڪنڌڪوٽ: سبزوئي برادري تڪرار قتل ٿيل جو لاش

سنڌ جي معيشت ۾ زراعت ريڙهه جي هڏي واري حيثيت رکي ٿي: رفيق ٻانهڻ

پاڻ دوائن جا اگهه چوٽ تي آهن ۽ فصل لهڻ سان حڪمران اگهه ڪيرائي ڇڏين ٿا

سنڌ جي اسپتالن ۾ دوائون ۽ سهولتون ناهن آهن اسڪول واڙن ۾ تبديل آهن

گدڙجي(ن ع)سنڌ جي موجوده حڪمرانن سنڌ جي ٻيڙيانگ ڪري ڇڏي آهي اهڙن خيالن جو اظهار فنڪشنل مسلم ليگ جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ ايل پي جي مافيا بي لگام، سرڪاري اگهه نامو ها ۾ اڏائي ڇڏيو

سرڪاري اگهه 309 رپيا هجڻ باوجود دڪاندار 550 رپيا في ڪلو وڪرو ڪرڻ لڳا

انتظاميا جي بي ڌياني سبب دڪاندار من ماني ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي: رهواسي

گهوٽڪي(ن ع) حڪومت طرفان ايل پي جي جو سرڪاري اگهه 309 رپيا في ڪلو مقرر ڪرڻ باوجود گهوٽڪي ۾ مقامي ڊيلر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گهرو وزير پاران دهشتگردن کي جديد ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ ڌماڪيدار مواد فراهم ڪندڙ سهولتڪار جي گرفتاري، وڏي ڪاميابي قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار سي ٽي ڊي سنڌ ۽ وفاقي حساس سول اداري جي گڏيل ڪارروائيءَ ۾ دهشتگردن کي جديد ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ ڌماڪيدار مواد فراهم ڪندڙ اهم سهولتڪار جي گرفتاريءَ کي هڪ وڏي ڪاميابي قرار ڏيندي لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٽيم کي مبارڪباد ڏني آهي. سنڌ جي گهرو وزير ڊي آئي جي سي ٽي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر شهر جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو

عوامي فورم - ايس اي ايف پاران اجلاس ۾ سوين شهرين جي شرڪت

بجلي، پاڻي، اسپتالن، اسڪولن ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ 15 رڪني ڪميٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ)سکر جي شهري مسئلن جي حل لاءِ ڪيفي سنڌ، بائي پاس تي هڪ گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. متفقه طور تي "سکر عوامي فورم - ايس اي ايف" نالي هڪ گڏيل پليٽ فارم ٺاهيو. اجلاس ۾ شهر جي بجلي، پاڻي،

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان مختلف ڳوٺن جا رهواسي سيپڪو انتظاميا خلاف روڊن تي نڪري آيا، مظاهرو ڌرڻو

درگاهه يوسف شاهه، بالاچ خان مري، رتوڪوٽ، نارو ديرو، ملو ديرو، روحل خان بگٽي، ڳوٺ ملڪاڻي جي رهواسين احتجاج ڪيو

ڪجهه ڏينهن اڳ آيل تيز طوفان سبب ڳوٺن سميت شهرن اندر بجلي جو نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي

ٿهر جهڙي گرمي ۾ اسان تڙپندا رهون ٿا، محرم الحرام جي ڏهاڙين ۾ به سخت ڏکيائيون پيش اينديون: رهواسي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان مختلف ڳوٺن درگاهه يوسف شاهه جيلاني، ڳوٺ بالاچ خان مري، رتوڪوٽ، نارو ديرو، ملو ديرو، ڳوٺ روحل خان بگٽي، ڳوٺ ملڪاڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين طرفان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شهدادڪوٽ ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي صدارتي اميدوار غلام الرسول مهر جي اڳواڻن سان ملاقات، چونڊ معاملن تي ڳالهيون

شهدادڪوٽ (ڊ ر) پ ٽ الف جي مرڪزي صدارتي اميدوار غلام الرسول مهر ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري جي اميدوار اعجاز چانڊيو چونڊ مهم جي سلسلي ۾ شهدادڪوٽ پهتو ته پ ٽ الف جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: حالي روڊ جا رهواسي بجلي بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي: پي ڊي ايس پي آفيس ۾ جاچ آفيسرن کان رشوت طلب ڪرڻ ۽ نازيبا سلوڪ جو انڪشاف

ايس ايس پي آفيس ۾ مُبينا رشوت خوري ۽ نازيبا سلوڪ خلاف پراسيڪيوشن ڊپٽي سپريٽينڊنٽ ۽ سب انسپيڪٽر آمهون سامهون

سينئر جاچ آفيسر منور لاشاري سوشل ميڊيا تي پي ڊي ايس پي خادم ناريجو تي رشوت وٺڻ جا الزام لڳائي ڇڏيا

تدارڪ نه ڪيو ويو ته آئيني عدالت يا ڪرمنل مسيلنيس ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪندس: جاچ آفيسر

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم سومرو) ايس ايس پي آفيس جامشورو ۾ مُبينا رشوت خوري ۽ نازيبا سلوڪ خلاف پراسيڪيوشن ڊپٽي سپريٽينڊنٽ ۽ سب انسپيڪٽر آمهون سامهون پي ڊي ايس پي آفيس ۾ ڪيسن جي جاچ لاءِ آفيسرن کان رشوت طلب ڪرڻ ۽ سندس سان نازيبا سلوڪ جو انڪشاف ٿيو آهي. جامشورو ٿاڻي جي سينئر جاچ آفيسر منور لاشاري سوشل ميڊيا تي پوسٽ لڳائي پي ڊي ايس پي خادم ناريجو تي رشوت وٺڻ جا الزام

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ لڳ سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو، فائرنگ، هڪ قتل

لوهي پل ويجهو هٿياربندن جي اڌاڌند فائرنگ ۾ نوابشاهه واسي سردار جلباڻي سبزوئي مارجي ويو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، مقتول مائٽن وٽ گهمڻ آيو هو جوابدارن جي ور چڙهي ويو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لوهي پل ويجهو سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڌاڌند فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ نوابشاهه جو رهواسي نوجوان سردار جلباڻي سبزوئي گوليون لڳڻ سبب ٿڏي تي قتل ٿي ويو جڏهن ته جوابدار قتل ڪرڻ بعد موقعي واردات واري هنڌ تان فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن عورت الهه آباد ٿاڻي جي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي جي رهواسڻ پيرسن عورت الهه آباد ٿاڻي جي پوليس جي مبينا

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5





چترال: شندور پولو فيسٽيول 2026 جي فائنل دوران گلگت بلتستان ۽ چترال جا رانديگر سخت مقابلو ڪري رهيا آهن

عمرڪوٽ پوليس اغوا ٿيل چئن معصوم ڀيڻن ڀائرن بازياب ڪري ورتو زال مڙس گرفتار

خفيه اطلاع تي قاضي احمد ۾ ڪارروائي ڪري ماهين، راهين، ٻران ۽ اڪرام ڀٽي کي بازياب ڪرايو

ڪارروائي دوران هڪ ناري شهلا ڀٽي ۽ سندس مڙس عرفان ڀٽي کي ٻه گرفتار ڪيو ويو

عمرڪوٽ (ڊ ر) ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ڪاليرجي هدايتن تي عمرڪوٽ پوليس خفيه اطلاع تي قاضي احمد ۾ ڪارروائي ڪري ڪنري مان هڪ مهينو اڳ مبينا اغوا ڪيل چئن معصوم ڀيڻن ۽ ڀائرن ماهين ڀٽي، راهين ڀٽي، ٻران ڀٽي ۽ اڪرام علي مارواڙي ڀٽي کي بازياب

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪمبٽ لڳ جلباڻي برادري ۾ ڌرين ۾ جهيڙو ٻن عورتن سميت 16 ڄڻا زخمي

ڳوٺ سونو خان جلباڻي ۾ پلاٽ جي معملي تان ڌرين هڪٻئي تي حملا ڪيا

زخمي محرم علي، جابر علي، ناصرخان، مسمات ماجدان ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ڪمبٽ (ن ع) ڪمبٽ لڳ ڳوٺ سونو خان جلباڻي ۾ پلاٽ جي معملي تان جلباڻي برادري جي ٻن ڌرين جهڙو ٿي پيو جهڙي دوران ڪهاڙيون ،ليٺون سروٽا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ٻن عورتن سميت 16 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جهڙي تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۽ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ئي رات ڌاڙ ڌاڙ چوري جون 5 وارداتون

مختيارڪار آفيس پرسان موتي رام ڪانيا جي گودام مان چور ڪٽڪ ڪٽي ويا

چور نور آباد فيڊر جي لائين جي 7 ٿنڀن جون تارون چور لاهي ويا، پوليس خاموش

خانپورمهر (ن ع)خانپورمهر پوليس ٿاڻي اندر ننڍ ستل خانپورمهر شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي جڏهن هڪ ئي رات ڌاڙ ڌاڙ چوري جون 5 وارداتون پيش آيون آهن ان سلسلي مليل ڄاڻ موجب خانپورمهر شهر جي پراڻي مختيارڪار آفيس وٽ قائم موتي رام

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



ڏگهڙي: ٻي جي تقريب ۾ فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويل نوجوان جي حياتي جي تصوير

لاڙڪاڻي پرسان معصوم ٽينگري جي زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ناڪام

سماجي اڳواڻ نرين منگيءَ جي نشاندهي تي پوليس ۽ چائلڊ پروٽيڪشن سيل ڪارروائي ڪئي

ڳوٺ خيرو ديرو ۾ 13 ورهين جي ٽينگري سميه جي والدين کان لکت ۾ ضمانت ورتي وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان 13 ورهين جي ٽينگري جي ننڍي عمر ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سن پرسان بجلي جي پول مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ڏنار ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

شالماڻي ۾ ٻڪريون چاريندڙ 15 ورهين جي نرمل ڪولهي کي پول مان ڪرنٽ لڳو

وارثن ڪيس بروقت تعلقي اسپتال مانجهند پهچايو، ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق

مانجهند (ن ع) سن پرسان شالماڻي ۾ ٻڪريون چاريندڙ ڏنار 15 ورهين جو ٽينگر نرمل ڪولهي پٽ پورو ڪولهي بجلي جي پول مان ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن کي وارث بروقت تعلقه اسپتال مانجهند ڪڻائي پهتا جتي ٽينگر فوتگي جي تصديق ڪئي وئي جنهن تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

بدين ضلعي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ سبب ڏڪار جهڙي صورتحال، آبادگارن جو احتجاج

اڪرم واهه ۽ ڦليلي جي ميرواهه سميت اهم سب ڊويزن ۾ پيئڻ ۽ زرعي پاڻي جي کوٽ آهي

نقصان کي نقصان ۽ جوپائي مال لاءِ پاڻي اڻاٺ آهي، اختيارين نوٽيس وٺي پاڻي فراهم ڪن:مظاهرين

بدين (ڊ ر) بدين ضلعي کي سيراب ڪندڙ اڪرم واهه جي ڪن اهم سب ڊويزن قاضيا، شادي واهه، ڪيٽسب ڊويزن سميت ڦليلي جي ميرواهه ۾ پيئڻ جي پاڻي ۽ زرعي آبپاشي لاءِ پاڻي جي شديد کوٽ سبب سڄي علائقي ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي پاڻي جي مسلسل هتراڌو کوٽ سبب آبادگارن مالوند ماڻهن ۽ عام شهرين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي جڏهن ته زرعي سرگرميون پڻ سخت متاثر ٿي رهيون آهن ان سلسلي ۾ آبادگارن رضا محمد شاهه، عمر شاهاڻي رياض سومرو ۽ ٻين صحافين سان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



ڏگهڙي:مولانا معاويه اعظم ڏگهڙي ۾ ڪارڪنن سان ڳالهه ڪري رهيو آهي

راضيديرو لڳ مبينا پراڻي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل، گهر ۾ ڪهرام

ڪار ۾ سوارن ريڙي اسٽاپ تي بيٺل نوجوان نورل ولد ميرل جاگيراڻي کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا

اطلاع باوجود پوليس نه پهتي وارث کيس بيهوشي حالت ۾ لوڊر رڪشا ۾ کڻي اسپتال منتقل ڪيو

اسپتال ۾ نوجوان جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري گمس نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

اصل ڪوٽ پل واسي آهيون برادري تڪرار سبب هتي لڏي آيا آهيون، انهن کي نوجوان تي حملو ڪيو آهي: وارث

راضيديرو رپورٽ: قربان علي گلال) راضيديرو پرسان بهارو ٿاڻي جي ريڙي ۾ ڪرائي تي لوڊر رڪشو هلائيندڙ نوجوان تي نامعلوم هٿياربندن جو مبينه حملو سٽل جون گوليون لڳڻ سبب مرڻينگ، حد جي پوليس کي اطلاع هجڻ جي باوجود پوليس نه پهتي وارثن زخميءَ کي سندس جي لوڊر رڪشا ۾ کڻي اسپتال پهچايو ريڙي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڪار ۾ سوار ماڻهن ريڙي اسٽاپ تي بيٺل نوجوان نورل ولد ميرل جاگيراڻي مٿان حملو ڪري فائرنگ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



پنوعاقل: قتل ٿيل جو لاش ايمبولينس ۾ نيو پيو وڃي

مورو ۾ شاعر، اديب ۽ راڳي ڪالو فقير زرداري جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

مورو (ن ع) مورو ۾ حافظ علي مراد مست (ساٿو ڊورو) ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏيپارجا پاران سنڌ جي سريلي پڪي پختي شاعر اديب ۽ راڳي مرحوم ڪالو فقير زرداري جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ويجهو سنڌو درياهه مان نوجوان جو لاش هٿ آيو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

خانپور واري علائقي ۾ رهواسين جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش درياءَ مان ڪيرائي اسپتال آندو

سڃاڻ ڌرين پاران ضلعي اندر قلم 144 لاڳو ڪري ارڏهي پاڻي ۾ ماڻهن کي وهنجڻ کان روڪڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي خانپور واري علائقي سنڌو درياهه مان اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي موقعي تي موجود ماڻهن جي اطلاع تي پوليس پهچي ريسڪيو ذريعي لاش ڪيرائي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل نوجوان جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



ڪوٽڙي سائيٽ: ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش

قاضي احمد واسڻ جو وڳي پٽ جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد شهر جي سردار ڪالوني واسڻ مسمات مريم سولنگي پنهنجي پٽ نويد سولنگي سان گڏجي تعلقي پريس ڪلب قاضي احمد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽ نه ٿيو، وڌيڪ چار شهري زخمي ٿي اسپتال پهتا

مختلف علائقن ۾ زخمي ارباب، انمول، مهراج ۽ زاهد کي سول اسپتال آندو ويو

رهواسين پاران انتظاميا کان نوٽيس وٺي ڪتا مار مهم هلائڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊر)شهر جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو جتي رولو ڪتن حملن ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا رولو ڪتن ارباب، انمول، مهراج ۽ زاهد کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو متاثرن جي وارثن پاران ڪتا مار مهم ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

خيرپور لڳ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو،12 ڄڻا سخت زخمي

ڳوٺ ٻچو چانڊيو ۾ گهٽي جي معاملي تان ڌرين هڪٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين جا وار ڪيا

زخمي اسد ، عطا محمد، سڄل ۽ ٻين کي اسپتال نيو ويو، متاثرن جو انصاف لاءِ احتجاج

خيرپور(ڊر)خيرپور پرسان ڳوٺ ٻچو چانڊيو ۾ گهٽي جي معاملي تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهڙو ڪهاڙين ۽ لٺيون لڳڻ ڪري 12 ڄڻا زخمي زخمين ۾ اسد چانڊيو عطا محمد چانڊيو محمد سڄل ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا هنن احتجاج ڪندي چيو ته مخالف ڌر جي ماڻهن سندن گهرن تي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد لڳ هٿياربند نوجوان کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ قومي شاهراهه تي ڪموڙ وٽ نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2026 ڦر ڪرڻ تي مزاحمت تي فائرنگ ڪري نياز احمد لاڪو کي سخ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان نوجوان ناري ماءُ سان ناراض ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

فقير آباد واسڻ 17 ورهين جي انجلي ڌيءِ سخاوت راجپوت انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(ڊر)خيرپور پرسان فقير اباد جي رهواسڻ 17 سالن جي انجلي ڌيءِ سخاوت راجپوت معمولي ڳالهه تان گهر ۾ پنهنجي امڙ سان ناراض ٿي زهريلي دوا پي آپگهات ڪري زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو ، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي گمبٽ تعلقه اسپتال مان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



گمبٽ: هٿياربندن هٿان قتل ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

گمبٽ لڳ هفتو اڳ پراسرار طور گم ٿي ويل نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، احتجاج

پيپري واسي نديم جوڳي جو جو لاش ٽي ڏينهن کان پوءِ نولکي شاخ مان تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

جوڳي برادري جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، نوجوان کي قتل ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

گمبٽ (ن ع) گمبٽ لڳ پيپري رهواسي نوجوان هڪ هفتو اڳ جوڳي برادري سان تعلق رکندڙ نديم جوڳي گم ٿي ويو هيو جنهن جو لاش ٽي ڏينهن کان پوءِ نولکي شاخ مان تشدد ٿيل لاش هٿ آيو هو ان سلسلي ۾ جوڳي برادري جي عورتن مردن گمبٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج مظاهرو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



سکر: ريجنل بلڊ سينٽر پاران آگاهي واڪ ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورتجو باٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف پنهنجي پٽ سان گڏجي احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ريلوي ڪالوني جي رهواسڻ بيواهه عورت باٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف پنهنجي پٽ سان گڏجي پريس ڪلب اڳيان احتجاج

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ زيادتي شڪار نياڻي جي وارثن جو جوابدارن جي ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو

حضوري پير محلا واسي سڏير ڪلهوڙو گهرواريءَ مسمات زبيده سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

جوابدارن نياڻي حنا گل سان جنسي زيادتي بعد وڊيو رڪارڊنگ ڪري گروپن ۾ موڪلي ذليل پڻ ڪئي آهي: مظاهرين

ضمانت بعد جوابدار گهر تي فائرنگ ڪري حراسان ڪري رهيا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو شهر جي دادو روڊ جي حضوري پير محلا واسين سڏير ڪلهوڙو پنهنجي گهر واريءَ مسمات زبيده ڪلهوڙو سان گڏجي چيو ته اسان جي نياڻي حنا گل ڪلهوڙو سان وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي ۽ وري اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون جو نياڻي سان ٿيندڙ ظلم زيادتين ۽ ملندڙ ڌمڪين خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، پريس ڪانفرنس ان موقعي تي پيون وڃن اسان جي جانين کي خطرو آهي اسان جي ڪير ڏانهن به نه پيو ورنائي هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي نياڻي حنا گل سان جنسي زيادتي ڪئي وئي آهي جنهن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ مير رکڻ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ننڍن آبادگارن جو احتجاج

آبادگارن ڊاڪٽر شبير ، ايڊووڪيٽ امتياز چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شاخ ۾ ڪريٽ آبپاشي عملي پاڻي جي هتراڌو کوٽ پيدا ڪري ڇڏي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد مير رکڻ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ننڍن آبادگارن ڊاڪٽر شبير چانڊيو،ايڊووڪيٽ امتياز چانڊيو ۽ ٻين تعلقي پريس ڪلب قاضي احمد اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري آبپاشي عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مير رکڻ شاخ ۾ ڪريٽ راشي آبپاشي عملي پاڻي جي هتراڌو کوٽ پيدا ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب اسان جا فصل تباهه ٿي ويا آهن هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿي وئي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5



قاضي احمد: مير رکڻ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊوالهيار پرسان نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، زيادتي بعد قتل جو الزام، ڪيس داخل

مال پڙي ويجهو بائي پاس روڊ تان 25 ورهين جي سني ڪبوتري لاش هٿ آيو

اسان جي نوجوان کي مبينا زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪري لاش اڇلايو ويو آهي:وارث

پوليس مزده گاڏي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڊرائيور فرار، نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، وارثن پاران مبينا زيادتي بعد قتل ڪرڻ جو الزام، اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي مال پڙي ويجهو بائي پاس

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ لڳ ڪرمپور ۾ پراڻو قبائلي تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو، فائرنگ، هڪ قتل، ٻه زخمي

ننڌواڻي برادري جي هٿياربندن ڳوٺ شفيع محمد جعفري تي چڙهائي ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

گوليون لڳڻ صحافي علي شير جعفري جو سئوٽ شاهمراد جعفري قتل، رجب سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ننڌواڻي برادري جي هٿياربندن موقعي واردات واري هنڌ تان فرار، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

Alma-Mater of Quaid-e-Azam Mohammad Ali Jinnah

1885 SMI UNIVERSITY

Sindh Madressatul Islam University, Karachi

Government of Sindh
Higher Education Commission


Admissions OPEN

Fall-2026

Bachelors, Masters, M.Phil and PhD Programs
(Morning, Evening and Weekend)

Nurturing INTELLECT Delivering EXCELLENCE

YOUR FUTURE BEGINS AT SMIU





BS
* Computer Science
* Software Engineering
* Information Technology
* Data Science
* Cyber Security
* Mathematics
* Commerce
* Environmental Sciences
* Climate Change
* Food Science and Technology
* Accounting and Finance
* Public Administration
* English
* Education
* Media Studies
* Development Studies
* Sociology

B.Ed
* 4-Years
* 2.5-Years
* 1.5-Years

BBA
* 4-years
* 2-years
(After 14 years of education)

MBA
* 2/1.5 -years

M.Phil
* Education

MS
* Computer Science
* Mathematics
* Environmental Sciences
* Management Sciences

* Public Administration
* Media Studies
* Linguistics
* Development Studies

PhD
* Computer Science
* Artificial Intelligence
* Mathematics
* Environmental Sciences
* Media Studies

Salient Features:
* 141 years of Academic Excellence
* Almost 42% PhD Faculty
* Accredited Programs
* Merit & Need Based Scholarships
* Air Conditioned Classrooms
* Hi-Tech Research & Computer Labs
* Artificial Intelligence Lab
* Media Training Centre
* TV Studio , SMIU Web TV
* & FM Radio Station
* Modern Libraries
* WiFi Facility
* Indoor & Outdoor Games Space
* Gym for Male and Female Students
* Medical Facilities
* Transport Facility
* Business Incubation Centre
* Job Placement Office
* Hashmat Lodi Youth Development Centre
* Strong Alumni Network
* National & International Universities Linkages
* Strong Industrial Linkages
* Safe and Secure Environment Monitored with CCTV Cameras

APPLY ONLINE:

INF/KRY/2441/26

Address: Aiwan-e-Tijarat Road, Karachi-74000 Pakistan. UAN: (021) 111-11-1885 www.smiu.edu.pk smiu.edu.pk smiukarachi smi.university at admission.smiu.edu.pk

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.